ماهوار

# سُهڻي

مبر ١٩٧٤

Gul Hayat Institute

ب پيش ڪندڙ

# ـهٽي

جنوري ١٩٧٤ع

نمبر : ١

ايڊيٽر
طارق اشرف

سال لاءِ: ٢٥-٠٠

٥-
ڊالر

Gul Hayat Institute

**SOHNI** PUBLISHERS
F/45--750,WEST KUTCHA
HYDERABAD, SIND.

# ترتيب


پنهنجي طرفان.... طارق اشرف ٣


## تصويرون

نجم عباسي، نسيم احمد کرل، طارق اشرف، مشتاق شورو، محمد خان مخمور، خليل قاضي، عبدالحليم بروهي، قمر شهباز، وليرام ولڀ، زيب سنڌي، مسعود قريشي، آغا لياقت علي، نصير اعجاز، امتياز حسين قاضي ۽ اڪرام حسين قاضي.

## ڏيهي ڪهاڻيون


| | | |
|---|---|---|
| شيشي ڀڳي، دليون ڪنڊيجي ويون | نجم عباسي | ١٧ |
| سانڀهه منائين سون تي | نجم عباسي | ٣٢ |
| مساوات | نسيم احمد کرل | ٤٢ |
| درد جا ڏينهن، درد جون راتيون | طارق اشرف | ٥٢ |
| ڀڳل - تتل ليڪا | مشتاق احمد شورو | ١٢٣ |
| لاش | محمد خان مخمور | ١٤١ |
| پيو رستو | خليل قاضي | ١٤٧ |
| دنيا جو مشهور جاسوس | عبدالحليم بروهي | ١٥٩ |
| ڪڇيءَ جو جن | قمر شهباز | ١٦٧ |


## شعر


| | | |
|---|---|---|
| غزل | ذوالفقار راشدي | ١٨٢ |
| غزل | امداد حسيني | ١٨٤ |
| وائي | قمر شهباز | ١٨٥ |
| گيت | قيوم طراز | ١٨٦ |
| نظم | زيب سنڌي | ١٨٧ |
| نظم | استاد بخاري | ١٨٨ |
| نظم | سرفراز راڄڙ | ١٨٩ |
| وائي | پير بخش پياسي | ١٩٠ |
| بيت | ملڪ نديم | ١٩١ |
| نظم | عبدالجبار جوڻيجو | ١٩٢ |
| نظم | پبلو نرودا | ١٩٣ |


سنڌيڪار: ممتاز مهر ۽ انور

Gul Hayat Institute

## پرڏيهي ڪهاڻيون


| | | | |
|---|---|---|---|
| بازيگر جي زال جو موت (جاپاني ڪهاڻي) | شيگاناڏو<br>وليرام ولڀ | ١٩٩ |
| وانڪا (روسي ڪهاڻي) | چيخوف<br>وليرام ولڀ | ٢١٤ |
| هيڏانهن اسڪول - هوڏانهن جيل (چيني ڪهاڻي) | لائو هسيانگ<br>وليرام ولڀ | ٢٢١ |
| نيون مورتيون ۽ پراڻيون مورتيون (بينگالي ڪهاڻي) | رابندر ناٿ ٽئگور<br>زيب پٿي | ٢٣٣ |
| راهه ۽ پاڇا (آمريڪي ڪهاڻي) | ارسڪن ڪالڊ ويل<br>مسعود قريشي | ٢٣٩ |
| خاموش انسان (اٽلين ڪهاڻي) | البيئر ڪامويو<br>آغا لياقت علي | ٢٤٨ |
| واپسي (آمريڪي ڪهاڻي) | وليم سرويان<br>نصير اعجاز | ٢٦٨ |
| اڪيڪتي (اسپيني ڪهاڻي) | پئڊرو انٽونيو ڊي الارڪو<br>امتياز حسين قاضي | ٢٧٩ |
| شمشاد بائي جو قتل | ڪي - ايل - گابا<br>اڪرام حسين قاضي | ٢٩٤ |
| سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ | قاضي خادم | ٣١١ |


## تنقيد ۽ رايا


پڙهندڙن جا خط — پڙهندڙن وٽان


سيٺي حق ۽ واسطا قائم


سيد سليم شاهه جي پاران، طارق اشرف، سهڻي پرنٽرز (پريس) الهندي ڪچي، حيدرآباد، سنڌ مان ڇپرايو.

# پنهنجي طرفان....

## سنڌ يونيورسٽيءَ شاگرد

▲ يونيورسٽي هڪ اهڙو ادارو آهي، جتي علم پرائبو آهي. جتان بلنديءَ ڏانهن وڃبو آهي. جتان ملڪ جو نالو روشن ڪرڻ جو سبق ملندو آهي. انهيءَ ڪري دنيا جي ڪيترين يونيورسٽين کي نهايت ئي عزت ۽ احترام حاصل آهي. ۽ اُتان جي پڙهيل شاگردن جو قدر ۽ قيمت به مٿاهون هوندو آهي — فقط انهيءَ ڪري، ته آهي، انهيءَ يونيورسٽيءَ جا شاگرد رهي چڪا آهن.

▲ سنڌ يونيورسٽي، سنڌ جي يونيورسٽي آهي، سنڌ جو شان ۽ وقار آهي. هن ۾ پڙهندڙن جو وڏو تعداد سنڌين جو آهي. انهن سنڌين جو، جيڪي هن ڌرتيءَ جا وارث آهن. جن جي ذمي هن ڌرتيءَ جي سنڀال آهي. جيڪي هن ڌرتيءَ جي عزت جا محافظ آهن. جنکي هن ڌرتيءَ جو شان مٿاهون ڪرڻو آهي.

▲ پر ڇا سنڌي شاگرد، سنڌ يونيورسٽيءَ جا شاگرد، پنهنجو فرض ادا ڪري رهيا آهن؟

▲ ها، سنڌي شاگردن، سنڌ يونيورسٽيءَ جي شاگردن، پنهنجو نالو ڪڍيو آهي. سڄي دنيا ۾ پنهنجي يونيورسٽيءَ کي مشهور ڪيو اٿن. ڇا اها ڳالهه گهٽ آهي، ته جڏهن ڪوئٽ حڪومت پاڪستان مان ماهرن جي گهر ڪئي ته صاف طور تي چيائين: سنڌ يونيورسٽيءَ مان پڙهيل قبول نه ڪيا ويندا. جڏهن سنڌ جي شهر ڏهرڪيءَ ۾ ايسوفرٽيلائيزر ڪمپنيءَ وارن ڪارخانو قائم ڪيو ته خالي نوڪرين لاءِ اخبارن ۾ اشتهار ڏنائون، ۽ هيٺان لکيائون ته: سنڌ يونيورسٽيءَ مان پاس ٿيل درخواست نه ڏين. ڇا اِها ڳالهه گهٽ آهي ته بي - بي - سي ورلڊ سروس پنهنجي خبرن ۾ ٻڌايو ته: سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شاگردن (جوڌن) پنهنجي ئي سنڌين کي ماري وڌو.

▲ ڇا اِها ڳالهه گهٽ آهي ته سنڌ يونيورسٽيءَ جا قابل شاگرد جڏهن امتحان ڏيندا آهن ته ور ۾ مان پستول ڪڍي بينچن تي رکندا آهن، ۽ دل کولي ڪاپي ڪندا آهن، ۽ امتحان وٺندڙ استادن کي منهن ڦيري ويهڻو پوندو آهي.

▲ واقعي اِهو سڀ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ٿئي ٿي سگهي ٿو. اهي ڪم سنڌي سپوت، جوڌا، سوڍا، سرويچ ٿي ڪري سگهن ٿا، ٻين جي ڪهڙي مجال.

▲ مون جيڪو ڪجهه مٿي لکيو آهي، سچ لکيو اٿم. اڳ به سچ لکندو آيو آهيان، ۽ آئينده به سچ لکندس. مان ڄاڻان ٿو، جيڪي سچ ٻڌڻ پسند نٿا ڪن، جيڪي حقيقت پسڻ نٿا گهرن، اهي هن سچ تي ڪاوڙبا. پر مان ڇٽي ڇڪو آهيان ته مان سچ لکندس، پوءِ ڀل ڪي ناراض ٿئي. پر هڪ ڳالهه ضرور چوندس ته — سچ، سچ آهي.

▲ ۱۹۶۷ جي ڳالهه آهي. پناهگيرن جي چاڙتي مسرور حسن (انهيءَ وقت جو ڪمشنر) ۽ پناهگيرن اهو فيصلو ڪيو هو ته سنڌ يونيورسٽيءَ مان سنڌين جو زور ٽوڙجي، انهيءَ ڪري، هو انهيءَ وقت جي وائس چانسر پروفيسر حسن علي عبدالرحمان جي پٺيان پئجي ويا. پر انهن جي آڏو سنڌي جوڌن ۽ سرويچن جي فولادي ڀت هئي. سنڌي جوڌا ميدان ۾ نڪري آيا. آمر سان مقابلو ڪرڻ ڪا آسان ڳالهه نه هئي، پروفيسر حسن علي سنڌي شاگردن لاءِ هيرو ٿي ويو ۽ اها ڳالهه سنڌي شاگردن جي وقار جو مسئلو بڻجي وئي. آمر پنهنجي زبردست طاقت جي زور تي پروفيسر حسن علي کي ڪڍيو ته سنڌي شاگردن ۴- مارچ جو عظيم ڏينهن ملهائي ڏيکاريو. پروفيسر حسن علي ويو ته هر سنڌي گهر ۾ ماتم متو.

▲ پوءِ محمد صالح قريشيءَ کي آمرن موڪليو، پر سنڌي شاگردن هنکي قبول نه ڪيو، ۽ نيٺ ڪجهه عرصي کانپوءِ ڪيس وڃڻو پيو. ۽ پوءِ آيو سيد غلام مصطفيٰ شاهه. شاهه صاحب سنڌ ۽ سنڌين لاءِ اهي ڪم ڪيا، جن جا نشان اڏمٽ آهن. شاهه صاحب سنڌي شاگردن

Gul Hayat Institute

جو هيرو ٿي ويو. پر شاهه صاحب جي مقبوليت ڪن ميرن، پيرن ۽ پناهگيرن کي نه وڻي ۽ انهن شاهه صاحب کي انهيءَ عهدي تان هٽائي ڇڏيو. ۽ هڪ دفعي وري ۴- مارچ جو هيرو پروفيسر حسن علي عبدالرحمان آيو. اهو ڏي پروفيسر حسن علي عبدالرحمان، جنهنجي ڪري ۴- مارچ جهڙو عظيم ڏينهن ملهايو ويو. پر هن ڀيري سنڌي شاگرد حسن علي صاحب جا مخالف ٿي پيا، ۽ اهو ۴- مارچ جو هيرو ('اسانجو هيرو' جو نعرو به سنڌي شاگردن هنيون هو.) سنڌ يونيورسٽيءَ مان روئيندو ويو. تنهنکانپوءِ هڪ دفعي وري سيد غلام مصطفيٰ شاهه کي آندو ويو. ۽ سندس اچڻ تي، سندس اهڙو بي مثال استقبال ٿيو، جهڙو ڪنهن وڏي سياسي ليڊر جو به نه ٿيو هوندو.

▲ اڳ ۾ 'سنڌ جو سائين' فقط سائين جي-ايم-سيد هو، پر هاڻ 'سنڌ جو ٻيو سائين' سيد غلام مصطفيٰ شاهه ٿيو (۽ اهو لقب به سنڌي شاگردن ڏنو هو). پر ڪجهه وقت کانپوءِ سنڌ جي سائين جي خلاف سنڌ يونيورسٽيءَ جي هر هڪ ڀت تي نعرا لکيل هئا، ۽ شاگرد جماعت جي هڪ ليڊر، شاهه صاحب جي خلاف پريس ڪانفرنس سڏائي بيان ڏنو. ۽ پوءِ سڀني ڏٺو ته شاهه صاحب، سنڌي شاگردن جي هيرو، استيعفيٰ ڏني، ۽ يونيورسٽي ڇڏي هليو ويو. جنهنجي استقبال ڪرڻ لاءِ هزارين شاگرد پهتا هئا، تنهنکي الوداع ڪرڻ لاءِ هڪڙو به سنڌي شاگرد نه ويو.

▲ هاڻ سنڌ يونيورسٽيءَ جو وقتي وائس چانسلر ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ آهي، ۽ ٻڌجي پيو ته ڪئپٽن عثمان علي عيساڻيءَ کي وائس چانسلر مقرر ڪيو. ڇاڪاڻ ته اهو شخص سنڌي عوام ۽ سنڌي شاگردن ۾ تمام گهڻو مقبول آهي، ۽ هنجي ڏاڍي عزت ڪئي وڃي ٿي. پر اسين عيساڻي صاحب کي عرض ٿا ڪريون، سائين عيساڻي صاحب، خدا جي واسطي، سنڌ جي واسطي، اوهين سنڌ يونيورسٽيءَ جا وائس چانسلر نه ٿجو. نه ته هتي اوهان جا به آهي حال ٿيندا جيڪي اوهانکان اڳ پروفيسر حسن علي عبدالرحمان ۽ سيد غلام مصطفيٰ شاهه جا ٿيا آهن. اوهانجي خلاف به يونيورسٽيءَ جي ڀتين تي نعرا

Gul Hayat Institute

ڪونهي ته جيئرا به آهن، يا مري ويا. بهرحال جيئرا آهن يا مري ويا، عوام کي انهن سان ڪابه دلچسپي ڪانهي.

▲ جتوئي صاحب هاڻ سنڌ جو وڏو وزير مقرر ٿيو آهي. هر نئين ماڻهوءَ مان چڱائيءَ جي اميد رکبي آهي، اسانکي به جتوئي صاحب مان چڱائيءَ جي اميد آهي. هاڻ اهو جتوئي صاحب جي اختيار ۾ آهي، ته عوام جي دلين ۾، ۽ تاريخ ۾ پنهنجو نالو ڪهڙي حيثيت سان درج ڪرائڻ گهري ٿو. اسين فقط ايترو چونداسين ته هڪ ڊگهي عرصي کان مسلسل سنڌ سان زيادتيون ٿينديون آيون آهن. سنڌ سان انصاف ڪيو وڃي، سنڌ جي رهواسين جي دلين ۾ جيڪا بي چيني آهي، انهيءَ کي دور ڪيو وڃي، سنڌين کي سندن حق ڏنا وڃن.

▲ ممتاز ڀٽي صاحب سنڌ جي وڏي وزير جي عهدي تان استعيفي ڏني. جيترو وقت ممتاز صاحب رهيو، اسين سندس حڪومت ۽ پارٽي جون اوڻايون وقت به وقت ڪيس سهڻيءَ جي ذريعي ٻڌائيندا رهياسين. هاڻ ممتاز صاحب وڏو وزير نه رهيو آهي، تنهنڪري اهو چوڻ خوشامد نه ٿيندي ته ساڻس ڪئي ڪيترا به اختلاف رهيا هجن، سندس پارٽيءَ سان ڪئي ڪيترا به اختلاف آهن، پر اها حقيقت ضرور مڃبي ته ممتاز ۾ سنڌيت جو جذبو ضرور هو. هن سنڌين کي نوڪريون به ڏنيون ۽ ڪجهه فائدا به رسايا آهن. هو سنڌ جو خير خواهه هو، هن جو ثبوت انهيءَ مان ملي ٿو ته هنجي وڃڻ تي مهاجرن مٺايون ورهايون، ۽ جنهنجي وڃڻ تي مهاجر خوش ٿين، مبارڪون ڏين، مٺايون ورهائين، انهيءَ لاءِ اهو رايو غلط نٿو ٿي سگهي ته ــ هن ۾ سنڌيت جو جذبو هو.

## هي پرچو

▲ سهڻيءَ جو هيءُ پرچو 'خاص نمبر' آهي. هن پرچي سان سهڻي پنجين سال ۾ پير پاتو (ڪتابي سلسلي واري سالن سان نائين سال ۾). اسانکي افسوس آهي ته هيءُ پرچو اهڙو نه نڪري سگهيو جهڙو اسان چاهيو ٿي. انهيءَ پرچي ۾ وڏي ڪوٽ آغا سليم، آمر جليل ۽

غلام نبي مغل جي ڪهاڻين جي آهي. انهن جون ڪهاڻيون نہ ڇپجڻ لاءِ بهرحال اسين مجبور آهيون. ڪهاڻين جي طوالت ڪري نہ فقط پنج ترجما شامل نہ ٿي سگهيا بلڪ ڪافي تبصرا، خط، مضمون پرڏيهي شعر ۽ آڳاٽو ادب رهجي ويو، جنهن لاءِ اسانکي نهايت افسوس آهي. اسانجي خواهش هئي تہ پرچي ۾ چاهي ڪيترا بہ صفحا وڌائڻا پون، پر اهي شيون شامل ٿين، پر پوءِ پرچو تمام دير سان نڪري ها. بهرحال اهي شيون ايندڙ پرچي ۾ شامل ڪبيون.

پرڏيهي ڪهاڻين ۾ هڪ ڪهاڻي 'شمشاد بائي جو قتل' بہ شامل آهي. انهيءَ کي پرڏيهي ڪهاڻي تہ نٿو چئي سگهجي، ڇاڪاڻ تہ اِها هن ملڪ جي ئي ليکڪ جي لکيل آهي. پر اهو ليکڪ انگريزيءَ ۾ لکندو هو، ۽ اها ڪهاڻي انگريزيءَ تان ترجمو ڪئي وئي آهي. تنهنڪري ترجمن ۾ شامل ڪيل آهي.

## شڪايت

▲ نون لکندڙن کي ۽ ڪن پڙهندڙن کي بہ سهڻيءَ سان اها شڪايت رهي آهي تہ سهڻيءَ ۾ رڳو وڏن ۽ مشهور ليکڪن جون لکڻيون شايع ٿين ٿيون، ۽ نون لکندڙن جون لکڻيون نٿيون ڇپجن. انهيءَ جو جواب ڪنهن گذريل پرچي ۾ ڏنو ويو هو، ۽ هڪڙو اهڙو پرچو بہ ڪڍيو ويو، جنهن ۾ گهڻي ڀاڱي سڀني نون ليکڪن حصو ورتو. پر هاڻ انهن پڙهندڙن ۽ لکندڙن سان اسانکي شڪايت آهي، جنکي اسان سان شڪايت هئي. اسان نون لکندڙن جون لکڻيون شايع ڪيون، پر نهايت افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ نون لکندڙن تي تمام گهٽ رايا پهتا. جيتوڻيڪ 'جليل نمبر' تي ۽ سهڻيءَ جي انهن پرچن تي تمام گهڻا خط آيا، جن ۾ وڏن ليکڪن جون لکڻيون شامل هيون. هاڻ اسانکي ڇا سمجهڻ گهرجي تہ پڙهندڙ، نون لکندڙن جون لکڻيون پڙهڻ پسند نٿا ڪن. يا اهي وڏن ليکڪن جي لکڻين تي لکڻ وڌيڪ مناسب ٿا سمجهن.

▲ اسان هميشہ پڙهندڙن جو خيال رکيو آهي. پڙهندڙن جي راءِ کي اسين هميشہ وڏي اهميت ڏيندا آهيون، پر جن لکڻين تي پڙهندڙن جا

رايا نہ آيا، تہ لاچار اسين اھوئي سوچي سگھون ٿا، تہ پڙھندڙن کي اِھي لکڻيون پسند ڪونہ پيون. تنهنڪري اسين پڙھندڙن کي گذارش ڪريون ٿا تہ اُھي وڏن ليکڪن سان گڏوگڏ نون ليکڪن تي بہ مفصل رايا لکن. اڃا بہ وڏن ليکڪن جي لکڻين تي رايا نہ آيا تہ مڙئي خير آھي، ڪو فرق نہ پوندو. پر نون جي همت افزائي ۽ رھبري لاءِ، انھن جي لکڻين تي رايا اچڻ ضروري آھن.

▲ هن دفعي اسان وري ڏيهي ڪهاڻين ۾ پڻ نون ڪهاڻيڪارن جون ڪهاڻيون شامل ڪيون آھن. ۽ پرڏيهي ڪهاڻين جي ترجمن ۾ وليرام ولڀ ڪانسواءِ سيئي نوان ليکڪ آھن. هاڻ پڙھندڙن تي فرض آھي تہ اُھي نون ليکڪن جي همت افزائي ڪن ۽ وڌ ۾ وڌ انھن تي پنھنجي راءِ لکن.

▲ جڏهن هاڻ شڪايت ڪئي وئي آھي تہ هڪ ٻي بہ شڪايت ڪجي ٿي. اسان وٽ گھڻو ڪري اھڙا خط ايندا آھن، جن ۾ رڳو تعريف ھوندي آھي. تعريف بہ چڱي ڳالھہ ھوندي آھي، پر حد جي اندر، حد کان ٻاهر ھر ڳالھہ نقصانده ٿيندي آھي، ۽ فقط تعريف جا خط ڇپڻ اسان لاءِ ڏکي ڳالھہ آھي. بهتر آھي تہ سھڻيءَ ۾ شايع ٿيل لکڻين تي رايا موڪلجن. انهيءَ ۾ پڙھندڙ بہ دلچسپي وٺندا ۽ لکندڙن کي بہ پنھنجي خوبين ۽ خامين جي پروڙ پوندي.

**نسيم نمبر**

▲ آمر جليل نمبر وانگر، جولاءِ ۱۹۷۶ع ۾ انشاءَ الله سھڻيءَ جي پاران مشهور ڪهاڻيڪار نسيم احمد کرل تي نمبر ڪڍبو. پراڻن ۽ نون ليکڪن کي گذارش آھي تہ اُھي نسيم تي پنھنجون لکڻيون موڪلڻ ۾ دير نہ ڪن، تہ جيئن مواد کي ترتيب ڏيڻ ۾ سولائي ٿئي ۽ سندن لکڻيون ’نسيم نمبر‘ ۾ شامل ٿي سگھن.

## جيئي سنڌ - جيئي سنڌي ٻولي

— طارق اشرف




UBL.R.2 120,73.SD R: LINTAS

# هوٽل بيچ لگزري



Gul Hayat Institute

ڪراچيءَ ۾، سمنڊ جي ڪناري تي پنهنجيون
رنگين شامون گذاريو، ۽ رنگين راتيون
ملهايو، وڻندڙ ماحول ۽ دل
لڀائيندڙ ڏيک.

شيشي ڀڳي، دليون ڀڳيجي ويون
سائيهه ملائين سون تي
مساوات
درد جا ڏينهن، درد جون راتيون
ڀڳل - ٽٽل ليڪا
لاش
پيو رستو
دنيا جو مشهور جاسوس
ڪجيء جو جن

# ڏيهي ڪهاڻيون

نجم عباسي
نجم عباسي
نسيم احمد کرل
طارق اشرف
مشتاق احمد شورو
محمد خان مخمور
خليل قاضي
عبدالحليم بروهي
قمر شهباز

Gul Hayat Institute

نجم عباسي

# شيشي ڀڳي، دليون ڳنڍجي ويون

هي آهي اهو خط، جو منهنجي زال جي هٿ چڙهي ويو، ۽ جنهنڪري گهر ۾ ممڻ متو.

’منهنجا، منهنجي پنهنجي زندگيءَ کان پيارا. تنهنجو خط مليو. مونکي جيڪڏهن خبر هجي ها ته هيءَ دعوت فقط مونکي جلائڻ لاءِ ڏني وڃي ٿي ته مان شايد اتي قدم ئي نه رکان ها. توکي جي ائين بيگم سان اڇڻو هو، ته پوءِ بيڪار مونکي اچڻ لاءِ چوڻ جي ضرورت ئي ڇو درپيش آئي. ڪن ۾ سور هجڻ ڪري اجازت نه ٿي ملي. پر ضد ڪرڻ سان مس مس بابو سائين راضي ٿيو. وڏين امنگن سان، وقت کان گهڻو اڳ تيار ٿي ويس. اها خوشي هئم ته اسين رات جو ايتري دير تائين هڪٻئي جي ويجهو ڪونه ويٺا آهيون، يا هڪٻئي کي نه ڏٺو اٿئون. اڄ ئي پهريون پيرو اهڙو موقعو ملي رهيو هو.

پر سڀ اميدون ان وقت غصي ۾ تبديل ٿي ويون، جنهن وقت مان رڪشا مان لهي رهي هئس ۽ توهان ٻئي دروازي ۾ داخل ٿي رهيا هئا.

مان توکي ٻڌائي نٿي سگهان ته ان مهل منهنجي ڪهڙي حالت ٿي. پر مان ڪري به ڇا ٿي سگهيس. هوءَ ته تنهنجي نڪاح ٻڌي زال آهي. مان هنجو مقابلو ڪٿي ٿي ڪري سگهان. مان ته پنهنجي محبوب جو رڳو نالو ٿي وٺان، ته به بدنام ٿيو ٿي وڃان. اسانجو سماج اهڙو آهي، جتي ڇوڪريءَ لاءِ پنهنجي مڙس کانسواءِ ٻئي مرد جو رڳو تصور ڪرڻ به پاپ آهي.

خبر ناهي توکي ڏسي، مونکي ڇا تو ٿي وڃي. مونکي اهو خواب خيال به ڪونه هو ته مان اهڙي شخص کي پنهنجو ديوتا

بنائيندس، ۽ جڏهن ماڻهن کي معلوم ٿيندو تہ سيڪو طعنا هڻندو تہ هيءَ اهڙي مرد جي پوچا ڪري ٿي، جنهنجي اول ئي زال موجود آهي. ٿيو بہ ائين. ماڻهن کي پتو پوڻ سان اسانجي باري ۾ گند اڇلايو ويو سو توهان کان لڪل ڪونہ آهي. پر اسان تڏهن بہ هڪٻئي سان ملڻ کان باز ڪونہ آياسون، ۽ باز ڇو اچون. اسين تہ صرف پيار ڪريون ٿا ۽ اهڙو پيار، جنهن تي فرشتا وفا، خلوص ۽ خوشيءَ جي ڳالهن جي ورڪا ڪندا رهن ٿا.

اڄ خبر ناهي ڇو منهنجي دل گهٻرائي رهي آهي (تون تہ منهنجو آهين نہ!) پتو ناهي ڇو باربار تنهنجي شڪل منهنجي سامهون اچي رهي آهي. مان سڄي رات رُئندي رهيس ۽ تو کي ياد ڪندي رهيس. هن وقت صفا اڪيلي پنهنجي ڪمري ۾ ويهي، تو کي هيءَ خط لکي رهي آهيان. خبر اٿئي هي ڪهڙو وقت آهي؟ اهوئي اسانجي پيار جو وقت، يعني ڏينهن جي روشنيءَ جو رات جي تاريڪيءَ ۾ گم ٿيڻ واري مهل. شروع ۾ ان سمي ئي تہ مان توسان هر روز ملڻ ايندي هيس.

ڏس ڪيتري نہ ياد اچي رهي آهي انهن پيار جي شامن جي. هيءَ ئي مند هئي. ياد اٿئي اها حسين شام، جڏهن مان بلڪل صحتياب ٿي تو وٽ آئي هئس، ۽ ان ڏينهن کان اسانجي زندگي شروع ٿي. (زندهہ تہ اڳ بہ هئاسين.)

تون تہ خبر ناهي ڪڏهن کان منهنجي دل ۽ دماغ تي ڇانيل هئين. توکي تہ اهو بہ پتو نہ پيو تہ هن دنيا ۾ تنهنجو ڪو چاهڻ وارو پيدا ٿي چڪو آهي. مان تہ تنهنجي سامهون ڳالهائيندي بہ ڏڄندي هئس تہ متان پنهنجي هيٺي دل هٿان مجبور ٿي، وات مان ڪا اهڙي ڳالهہ نہ نڪري وڃي، ۽ منهنجي من جو مٺيو ڪاوڙجي نہ پوي تہ مان پرڻيل ۽ ٻارن ٻچن وارو آهيان ۽ هن احمق ڇوڪري کي ايتري بہ ڄاڻ ڪانهي تہ منهنجي شادي ٿي چڪي آهي. حالانڪ منهنجا مٺڙا، مونکي سڀ خبرون هيون. پر ان ڏينهن مونکي ڇا ٿي ويو، ڪيئن شيشي ڀڄي، بہ دليون ڳنڍجي ويون، مونکي ڪجهہ

پيدا ڪري ڇڏي.

مونکي اهو به محسوس ٿيو ته هن وقت هنجا قدم پختا نه هئا. هنکي پڪ هئي ته ڪنهن جون بيقرار نگاهون سندس پيڇو ڪري رهيون آهن.

پوءِ ڪنڌ تي پهچي، هن پوئتي نهاريو. هنجي چهري تي وري مرڪ آئي، ۽ هوءَ هڪدم منهن ڦيرائي، گهٽي مٿي هلي وئي، ڄڻ ته اوندهه ۾ پري پري، هڪڙو تارو ٽمڪيو ۽ گم ٿي ويو.

منهنجي من ۾ هنجي موهڻي مورت ڇانئجي وئي.

هوءَ قداور ۽ ڪڻڪ رنگي هئي. سنهي هئي، پر هنجي بدن جون سونهن واريون گولايون ۽ گولا پريل ۽ پرپور هئا. هنجو چهرو، هنجا چپ، هنجو نرڙ، هنجا نيڻ، مسڪراهٽن جي لهرن جا سمنڊ هئا.

مان ان ڏينهن جي ڪيفيت کي هيئن بيان ڪندو آهيان: انهيءَ ساعت، انهيءَ گهڙيءَ، انهيءَ لمحي، منهنجي احساسن ۾ محسوس ٿيندڙ طوفان آيا، زلزلا آيا، انقلاب آيا. اها ساڳي ڇوڪري اڳ به مون وٽ آئي هئي، اڳ به هنکي ڏٺو هوم، پر منهنجي توجهه جو مرڪز نه بني هئي. پر اڇوڪي هن لمحي کانپوءِ هنجو سرير، هنجي مرڪ، هنجو آواز، هنجي چال، هنجي هر شيءِ، دنيا جي هر چيز کان مٿاهين، نرالي ۽ پياري ۾ پياري محسوس ٿيڻ لڳي.

هوءَ وري ان لمحي کي هنن اکرن ۾ ياد ڪندي آهي. ’شيشي ٽڪرا ٽڪرا ٿي، ۽ ٻه دليون ڳنڍجي ويون.‘

هوءَ پندرهن سورنهن سالن جي سهڻي ڇمار جي هئي ۽ مئٽرڪ جي شاگردياڻي. سندن گهر منهنجي اسپتال جي ويجهو هو. انڪري اڪيلي به ايندي هئي ته ماءُ يا ننڍڙي ڀيڻ سان پڻ.

مان انتظار جي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦٿڪندو رهيس. هنجي دڳ ۾ نظرن جو غاليچو وڇايم. مونکي اميد هئي ته هوءَ وري پاڻ ئي ٻي شيشي کڻي ايندي. پر نه خود آئي ۽ نه وري ٻئي ڪنهنکي مڪائين.

مان محسوس ٿو ڪريان تہ هن ڪهاڻيءَ ۾ مان پنهنجي مومل جو ڪردار اپاري ڪونہ سگهيو آهيان. ان لاءِ ننڍي ڪهاڻي ڪافي نہ آهي، ان لاءِ مونکي ڊگهي ڪهاڻي لکڻي پوندي. نہ، ڊگهي ڪهاڻيءَ مان بہ ڪم نہ ٿيندو، هنجو ڪردار پوري طرح ظاهر ڪرڻ لاءِ مان ناول لکندس.

پيار منهنجي دنيا بدلي ڇڏي هئي ۽ منهنجي حياتيءَ ۾ ڦيرو آڻي ڇڏيو هو. مان پنهنجو پاڻ تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ لڳو هوس. بدن جي ڇنڊ ڦوڪ، هار سينگار، ڪپڙن لٽن ۽ فيشن جو پورو پورو خيال ڪرڻ لڳو هوس.

مومل جو سهڻو سات ملڻ ڪانپوءِ منهنجي لاءِ دنيا باغ باغ ٿي پئي ۽ منهنجي حياتي بهار ٿي بهار. گلن سان لڳاءُ وڌي ويم، چانڊوڪيءَ ۾ نئون مزو اچڻ لڳم. پرهہ ڦٽيءَ جي سونهن سرس نظر اچڻ لڳي، ۽ منهنجي ننڊ سندر سپنن سان سينگارجي وئي. اڄڪلهہ مون ۾ هڪ نئين عادت پيدا ٿي. اها هئي 'پنهنجي مُنهن مُرڪڻ' جي. هلندي، وهندي، سمهندي، اڪيلائيءَ ۾، ڪچهريءَ ۾ مومل جي ڪا پياري حرڪت يا مزيدار گفتو ياد اچي ويندو هو تہ پاڻمرادو مُرڪڻ لڳندو هوس.

مان جو اڳ مُنجهيل ۽ ويڳاڻو رهندو هوس، سو هاڻي سرهو گذارڻ لڳس ۽ دوستن وٽ وڃي ڪچهرين ۾ چاهہ وٺڻ ۽ ڳالهہ ڳالهہ تي ٽهڪ ڏيڻ لڳس. دوست مونکي منهنجي چهري تي نئين رونق جي سوچنا ڏيڻ لڳا. مونکي دنيا جي هر شيءِ ۾ خوشي ۽ حسن نظر اچڻ لڳو. مان هر انسان کي خوش ڏسڻ جو تمنائي ٿي پيس.

مان بيمارن کي بہ گهڻي چاهہ ۽ همدرديءَ سان چڪاسڻ لڳو هوس. هنن کي منهنجي وهنوار مان وڌيڪ تسلي ٿيڻ لڳي هئي، ۽ هنن جو تعداد وڌڻ لڳو هو. منهنجي اپت ۾ خاصو واڌارو ٿي ويو هو. خير خيرات ڏيڻ ۾ بہ منهنجو هٿ کليو ٿي ويو هو.

Gul Hayat Institute

مان پنھنجي گھر واري ۽ ٻارن تـي تمام گھڻو ڌيان ڏيڻ لڳو هوس. منھنجو روح جو خوش هو تہ سڀني واسطيدارن کي خوش ڪرڻ جا جتن ٿي ڪيم. ٻارن سان تہ اول ئـي مونکي بيحد لـڳاءُ هو، پر هاڻي هنن لاءِ ٽول، رانديڪا ۽ شيون، زال واسطي ڳهہ ۽ لٽا ايترا آڻڻ لـڳس، جيترا اڳ ڪڏهن بہ نہ ورتا هئم. هنن کي خوش ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر ڪونہ ڇڏيندو هـوس. زال سان ناتن ۾ بہ گرمجوشي وڌي ويئي هئي. هنجو هر انگل، منهن ۾ گھنج وجھڻ بنا پورو ڪندو هوس.

گھر جي ناهہ نوهہ جو بہ ڏاڍو شوق ٿيو. فرنيچر، پردا، هنڌ، چادرون، ريڊيو، ٽيليويزن، تصويرون ۽ ٻئي سامان سان هر ڪمرو سينگارجي ويو.

اسانجي پيار کي خير جا ڇهہ سال ٿي ويا.

پوءِ هڪ ڏينهن منھنجي غفلت ڪري، شيون خط، منھنجي زال جي هٿ اچي ويو، جنهن هن تي ٺهڪندڙ تيل جي ڇنڊڻ وارو ڪم ڪيو.

هوءَ ڪروڌ ۾ پرجي وئي ۽ رقابت هنکي اندو ڪري وڌو. هوءَ چرين وانگر ڀڃ ڊاهہ ڪرڻ لـڳي. فرنيچر، ٽيليويزن، ٺارڻو (ريفريجريٽر)، ڪپٽ، شيشا، ريڊيو، چينيءَ جو سامان ٽوڙي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيائين. سڄو گھر ڊانواندول ڪري رکيائين.

خبر ناهي ڪيئن ٻارڙي مان پڇائون ڪري، وڃي مومل جي گھر رسي ۽ سڏ و وڃي هنجي پيءُ کي اهو خط ڏيکاريائين. هـو طيش ۾ اچي ويو ۽ سوٽي کڻي اچي مومل کي ورتائين. هنجا هڏ گڏ ڀڃي وڌائين. اها ڳالهہ مونکي اسپتال ۾ ئي معلوم ٿي ويئي.

مان جڏهن اسپتال مان گھر پهتس تہ اتـي پنھنجي بربادي‌ءَ جو نظارو ڏٺم.

منھنجي زال هڪ چٺي ڇڏي ويئي هئي. ان ۾ لکيو هئائين:

’مان ڪا جٽي ۽ جاهل عورت ڪونہ آهيان، جـو ڳجها

ڳوڙها ڳاڙيندي، تنهنجي بدڪرداري صبر سان سهي وڃان. هاڻي تون ٻارن کان به سڪندين. وري ڪڏهن به هنن جو منهن ڏسي نه سگهندين. ٻي شاديءَ جي اجازت به ڪونه ملندءِ. جي مونکي طلاق ڏنئه، تڏهن به مان توکي اهڙو خوار ڪندس، جو ڪوبه توکي پنهنجي نياڻي ڏيڻ پسند ڪونه ڪندو. مان تنهنجا ڪرتوت وچ ۾ تي تنهنجي ان ڪميٽيءَ جي ٻيءُ کي ٻڌايان. ساري پاڙي ۾ خواري ٿي ڪيانءِ. هاڻي تو وٽ ڪوبه علاج لاءِ ڪونه ايندو. توکي هي شهر ڇڏڻو پوندو. مان تنهنجي زندگي زهر بنائيندس.'

هوءَ ٻارن کي وٺي ٻئي شهر ۾ پنهنجي پيءُ ماءُ وٽ هلي ويئي هئي.

مان پنهنجي اونداهي آئيندي ۾ ڪنهن روشن ڪرڻي جي ڏهني تلاش ڪرڻ لڳس.

---


# سُهڻي پبليڪيشن

جو نئون ڪتاب

سنڌيءَ جي مشهور ليکڪ

## الطاف شيخ

جا نوان سفرناما ۽ نئون مجموعو

# وايون وڏجارن جون....

(ڇاپي هيٺ)

هانگ ڪانگ، جپان، سينگاپور، ڪوريا ۽

ڏوراهين اوڀر جي ملڪن جو اکين ڏٺو احوال.

دلچسپ، رنگين ۽ ڪارائتيون ڳالهيون

نجم عباسي

# ساڻيهه مٽائين سون تي

هن عرب اڳواڻ جو هي بيان پڙهي مان حيران ٿيس، خوش ٿيس، پين ڪي اهو ٻڌائڻ ۽ ڏيکارڻ لاءِ بيتاب ٿيس. بيان پڙهڻ سان هڪدم محسوس ٿيم ته انهيءَ بيان ۾ آيل ويچار اول ئي منهنجي دل ۾ موجود هو، پر ٻاهر ڪونه ٿي ڪڍيم، يا ٻاهر ڪڍڻ چاهيم ٿي، پر همت نه ٿي ٿِيي، يا همت ٿِيي ٿي ته لفظ نه ٿي لڌا، يا جي لفظ لڌا ٿي ته موقعي جي تاڙ ۾ هوس. مونکي خبر هئي ته اهو ويچار، دنيا جي سچن ۾ هڪ وڏو سَچُ هو.

مون ۾ هڪ عجيب بي آرامي پيدا ٿيڻ لڳي. مون چاهيو ته اهو بيان گهڻي کان گهڻا ماڻهو پڙهن، اهو ويچار پنهنجي ديس ۾ عام توڙي خاص تائين پهچائجي.

منهنجي دل چاهيو ته پمفليٽ ڇپرائجن، پوسٽر ڀتين تي چنبڙائجن، برش سان ديوارن تي لکرائجي. مان گهر ۾ ويهي نه سگهيس ۽ پنهنجي انهن خيالن کي عملي صورت ڏيڻ لاءِ سوچيندو ٻاهر نڪتس.

پهرين پنڌ هلڻ لڳس، جيئن ڀتين تي لڳل اشتهار، پوسٽر ۽ لکيل نعرا ڏسندو ۽ پڙهندو وڃان، جيئن ان بيان جو ٻِلو ڪرڻ لاءِ ذهن ۾ ڪو خاڪو تيار ٿئي.

ڀتين تي لڳل پوسٽر ۽ لکيل اشتهار گهڻو ڪري هڙئي پرديسي ٻوليءَ ۾ هئا. مونکي انهيءَ ڳالهه تي به خار وٺندي آهي ته هي اشتهار اکندڙ کهڙا نه بدذوق آهن، ڪيئن نه رستن، بنگلن، باغيچن، جاين ۽ شهر جي خوبصورتيءَ جي ستياناس ڪن ٿا. اجا به اهي ڪنهن اهڙي ٻوليءَ ۾ هجن ها، جا عربي لپيءَ ۾ لکي وڃي ٿي ۽ ڪنهن ماهر لکندڙ يا پينٽر جا لکيل هجن ها، ته وري به نظر کي چڱا لڳن ها. انهن مان گهڻا اشتهار اناڙين ۽ بدذوقن جا لکيل

Gul Hayat Institute

تي ڏنا. حڪومت جي پابندي ڪري ڪيترا اشتهار سيڙهيءَ يا ڪاراڻ سان مٽايا ويا هئا. پر ڪي اشتهار خاص ڪري مرداني طاقت، بواسير، سبڻ جي مشينن، ڪن سياسي قيدين کي آزاد ڪرڻ، هوٽلن، شفا گهرن، ۽ هيلٿ سينٽرن جا اڃا صحيح سلامت ٿي ڏنا. ڪي اشتهار ڪٻڏي ۽ فوٽ بال ٽيمن جي سلسلي ۾ هئا. ڪن سياسي پارٽين ۽ پورهيتن جي يونينن جي جلسن ۽ جلوسن جي باري ۾ ڪي پوسٽر اڌو گابرو، اڌ ڦاٽل يا سڄا موجود هئا.

شهر جي ڀتين تي سياسي نعرا ۽ پوسٽر به ائين ۽ ايترو جلدي جلدي بدلبا رهبا آهن، جيئن فلمن جا اشتهار. سياست جي پردي تي جو کيل چڙهندو آهي، انجي باري ۾ بنا دير ڀتين تي وڏن وڏن اکرن ۾ نعرا لکجي ويندا آهن ۽ پوسٽر ظاهر ٿيندا آهن.

ڀتين کي ائين گهوري پئي نهاريم، ڄڻ ته پهريون دفعو ڪي قديم آثار نظر آيا اٿم، ۽ ديوارن تي پوسٽرن ۽ لکيتن کي اهڙي غور ۽ شوق سان ٿي پڙهيم، جيئن اخبار ۾ ڪنهن نئين ڇپيل ڪتاب جو اشتهار پڙهندو آهيان.

اڄڪلهه عربن ۽ يهودين جي جنگ ڇڙيل آهي. ڇپي ڇپي تي ڀتين جي پردي تي، پرديسي ٻوليءَ ۾، وڏن وڏن حرفن ۾، هن قسم جا نعرا لکيل ڏسجن ٿا: يهودي مرده باد – يهودين کي ڪچليو – يهودين خلاف جهاد ڪنداسين – اسلام دشمن يهودين جو دنيا جي تختي تان نالو نيشان مٽائي ڇڏينداسين – اسرائيلي جارحيت مرده باد.

مون دل ۾ چيو: هنن جا اهڙي قسم جا نعرا ڪيترو نه مٺاچرا ۽ کوکلا، پاڻيءَ جا ڦوٽا، خلوص کان خالي ۽ مڪاري ۽ منافقت جا پاڇولا آهن. انهن خيالن کي مان دل ئي دل ۾ دليلن سان ثابت ڪرڻ لڳس: اسرائيل به اهڙو ملڪ آهي، جنهنجي حڪومت، رياست ۽ قوميت جو بُڻ بنياد مذهب آهي. ٻين جو هي دليل آهي ته: دنيا جا ڪيترا دانشور، مدبر ۽ سياستدان، گڏيل قومن جو ادارو، عقل ۽ رواجي سمجهه سڀ يڪ خيال آهن ته قوم 'زمين، زبان، سڀيتا، تاريخ ۽ تاريخي روايتن' جي هڪجهڙائيءَ ڪري

نهندي آهي.

هن ملڪ جا هي اسرائيل خلاف نعرا هڻڻ وارا، اهو وساري ٿا وهن، يا چاڻي واڻي اڻ ڄاڻ ٿا بنجن ته ٻنهي ملڪن جي وجود ۾ اچڻ ڪانپوءِ ماڻهن جي وڏي پيماني تي لڏپلاڻ ڪرائي وئي. ٻين پرڳڻن ۽ ديسن جا رهاڪو، ڌارين ڌرتيءَ تي اچي قبضو ڪري ويٺا.

ٻنهي ملڪن ۾ اتي جي اصلي رهندڙن جي پرماريت ڪئي وئي، ۽ هنن جا حق هڙپ ڪيا ويا، هنن کي پنهنجي ديس جون ديوارون ڇڏڻ تي مجبور ڪيو ويو. اسرائيل (فلطسين) جي اصل باشندن فلسطين ڪان هنن جون ملڪيتون، اباڻا چنا، روزگار، نوڪريون ۽ ٻيا انساني حق کسي، ۽ سازشون ڪري، ايترو تنگ ڪيو ويو جو هو يا ته پنهنجي ئي ديس ۾ غلام ۽ پرديسي بنجي ويا، يا پنهنجو ديس ڇڏي، ٻين ملڪن ۾ پناهگير بنجي ويا. ٻئي پاسي دنيا جي ٻين ديسن جي يهودين کي آڻي عربن جي سرزمين تي آباد ڪيو ويو. اسرائيل، عرب زمين جو زهري ناسور بنجي ويو.

هن ملڪ ۾ پڻ ٻاهرين هتي جي اصل رهاڪن سان اِهي ئي تعديون ۽ ڏاڍايون ڪيون، جي يهودين، فلسطيني عربن سان ڪيون. اسرائيل ۾ يهودين کي گهڻائيءَ ۾ ڪرڻ خاطر، ٻين ملڪن جا يهودي اتي آندا ويا آهن، صفحا ائين، جئين اسانجي ملڪ ۾ غير ملڪين کي گهڻائيءَ ۾ ڪرڻ واسطي، ٻاهريان آڻي مڙهيا پيا وڃن.

هنن ۽ يهودين جي وچ ۾ ٻي به هڪڙي خاصيت هڪجهڙي آهي: ڪن مجبورين ڪري پنهنجي ڌرتي ۽ پنهنجي وطن مان لڏيائون يا لڏايا ويا، ته حالتون سازگار ٿيڻ تي، هنن کي واپس پنهنجي وطن ورڻ جي جاکوڙ ڪرڻ کپي ها، جيئن مڇي ڄار ۾ ڦاسي، پاڻيءَ کان ٻاهر اچڻ تي، قاتل هوندي به، تڙ ڦندي آهي ۽ وري واپس پاڻيءَ ۾ پهچڻ لاءِ سر جون سٽون ڏيندي آهي. پر واپسيءَ جي نه هنن ڪوشش ڪئي آهي ۽ نه اسرائيل ۾ آيل يهودين. حالانڪ هُنن جي اصلي وطن ۾ اڄان ٽائين ڪروڙين مسلمان رهن ٿا، ۽ آمريڪا، يورپ ۽ رشيا، جتان ڪيترا يهودي لڏي اچي اسرئيل ۾ رهيا آهن، انهن ملڪن ۾

اج به لکين يهودي سکيا ستابا ۽ آسودا ويٺا آهن.

هوڏانهن فلسطيني عرب پناهگير، جنکي پنهنجي ديس مان نيڪالي ڏني ويئي آهي، سي سر جو سانگو لاهي، پنهنجي جان مال قربان ڪري، وري پنهنجي وطن واپس وڃي گهر وسائڻ جو ڏينهن رات اُدم ڪري رهيا آهن، جنگ ڪري رهيا آهن، گوريلا ڪارروايون ڪري رهيا آهن.

فوجي ڪارروائيءَ دوران بنگالي پنهنجو ملڪ ڇڏي، هندستان وڃي پناهگير ٿيڻ تي مجبور ٿيا، پر حالتون بحال ٿيڻ تي سڀ موٽي پنهنجي وطن جي وٿاڻن تي آيا.

گڏيل قومن جو ادارو پڻ پناهگيرن جو پنهنجي اصلي وطن وڃي آباد ٿيڻ جو حق تسليم ڪري ٿو ۽ ان ۾ مدد ڏئي ٿو.

منهنجي ذهن ۾ مٿين ويچارن جو وهڪرو هو ۽ نگاهون پٽين تي ڦرنديون ٿي رهيون. جمعي جي منجهند جو وقت هو. آڪٽوبر جو سج مٿان هو. اس ۾ اهڙي تکاڻ ڪانه هئي. رستي تي سائيڪلن، ڦٽ ڦٽين، رڪشائن، موٽرن، بسن ۽ بگين جو ڇوهه درياهه وهندڙ هو. ماڻهو ڪمن ڪارين تان گهر موٽي رهيا هئا، يا اڇا اجرا ڪپڙا پهري جمعي جي نماز لاءِ مسيتين ڏانهن وڃي رهيا هئا. پيادلن کي پهريل ڪپڙن مان ڏسڻ ۾ ٿي آيو ته انهن مان به ڪن جو رخ مسجد ڏانهن آهي.

ڪن موٽرن جي شيشن تي ۽ ڪن رڪشائن تي لڳايل ڳاڙهي ڪپڙي تي، پرديسي ٻوليءَ ۾، يهودين جي خلاف نعرا چنبڙيل ۽ لکيل نظر اچن ٿا.

مان سوچيان ٿو ته هي هاسڪار ان ڳالهه جو ڏيکاءُ ڪن ٿا. اهو هنن جي مجرم ضمير لاءِ آٿت آهي ۽ پنهنجو جرم لڪائڻ لاءِ حيلو.

هڪڙي مسجد جي لائوڊ اسپيڪر مان آسمان ڦاڙ آواز نڪري رهيو هو. مولوي پرديسي ٻوليءَ ۾ چئي رهيو هو"....يهودي ڪافر آهن، خدا جا منڪر آهن، مسلمانن جا دشمن آهن، هو بيت المقدس تي قبضو ڪيو ويٺا آهن...."

Gul Hayat Institute

مان دل ۾ ان ان مولويءَ کي گار ڏيئي سوچيان ٿو ته ائين
چو نٿو چوي ته: ”....يهودي سرمايي دار، سامراجي ۽ سامراجيت جا
دلال آهن، هو انسانيت جا منڪر آهن ۽ انسانن تي ظلم جي بازار
گرم ڪيو ويٺا آهن، هو غاصب آهن ۽ فلسطينين جا حق، ۽ ملڪيتون،
روزگار ۽ جائدادون هڙپ ڪري، انهن تي قبضو ڪيو ويٺا آهن....“

هڪڙو ڇوڪرن جو ٽولو لنگهي ٿو. هي شايد ڪنهن جلوس
۾ شامل ٿيا هئا ۽ ان جي ختم ٿيڻ تي موٽي رهيا هئا. هنن جي هٿن
۾ ڳاڙهي ۽ ڪاري ڪپڙي جا پليڪارڊ هئا ۽ يهودين خلاف گارين
پريا نعرا هڻي رهيا هئا. پليڪارڊن تي پرديسي ٻوليءَ ۾ اسرائيل ۽
يهودين جي ملامت ٿيل هئي.

هاڻي ديوار تي هڪ ڏاڍو خوبصورت پوسٽر نظر آيم. پرديسي
ٻوليءَ ۾ هو. ٽي فٽ ڪن ڊگهو، ڏيڍ فٽ ڪن ويڪرو، چوڏاري
گلڪاريءَ جو دلڪش باردر، بهترين آفسيٽ جي ڇپائي. مٿان
هڪ شڪل نڪتل هئي، جنهن ۾ هڪ يهودي سولجر ڏيکاريو ويو
هو، جنهنکي عرب سپاهيءَ ڇاتيءَ ۾ بندرق جي سنگين تنبي هئي.
هيٺان يهودين جي مخالفت ۽ عربن جي حمايت ۾ نعرا ۽ نياپا
لکيل هئا.

پڪرو هو ته ههڙا پوسٽر پوري ملڪ ۾ پٽين تي ٽنگيا ويا هوندا.
اهڙا لکين پوسٽر ڇپايا ويا هوندا، ۽ منهنجي اندازي موجب ان تي
هزارين رپيا خرچ ٿيا هوندا. مان سمجهي نه سگهيس ته هي ڪهڙا
واندا ماڻهو آهن، جي ههڙي ڏکر جي زماني ۾ هنن معاملن تي ايترو
خرچ ۽ ايتري محنت ڪن ٿا.

مان اڃا اهو پوسٽر پڙهي رهيو هوس ته هڪڙو هن ديس
جو اصل رهاڪو، پنهنجي گڏهه گاڏي پاسي تي بيهاري، ويجهو
اچي، هن پوسٽر کي غور سان ڏسڻ لڳو. هنکي اجرڪ جو پٽڪو
هو، لٽا ميرا ۽ ڦاٽل، پير اگهاڙا، بدن مٿي ۽ پگهر ڪري ڪلرائيل.
مونکي ڏيهي ٽوپي ۽ ڏيهي ڪپڙا پهريل ڏسي، ڏيهي ٻوليءَ ۾
پڇيائين، ”سائين، هن پٽ واري ڪاڳر ۾ ڇا آهي. هي ڪير پيو
ٻئي همراهه کي ماري؟“

”ظالم هر جڳهه موجود آهي، سڀڪو پنهنجي مرڻي ڪري پنهنجا حق حاصل ڪري.“ مونکي ان وقت، ان ڪان بهتر ڪو ٻيو جواب ڪونه سجهيو.

”ها سائين، اسان ۾ ٻڌي ڪانهي، انڪري پيا لوڙيون.“
هو پنهنجي گاڏيءَ ڏي وڌيو.

مون سوچيو تہ هتي جي اصل ديس واسين جي اسرائيل ڪان نفرت حقيقي آهي. هو يهودين ڪان سندن سامراجي هلت، غلط نظرين جو سهارو وٺڻ ۽ اتي جي اصلي باشندن جي پرماريت ڪرڻ ڪري دلي نفرت ڪن ٿا، ۽ هي نوان آيل جيڪي يقين تي، جلوسن ۾، موٽرن تي لائوڊاسپيڪرن تي اسرائيل خلاف ايڏي نفرت جو ڏيکاءُ ۽ ڦٽ ڦٽ ڪن ٿا، تن جي اها نفرت، منافقت ۽ ڏيکاءُ آهي يا وڌ ۾ وڌ غلط جذبن جو مظاهرو. هي ڪيئن ٿا يهودين کي نندي سگهن، جڏهن پاڻ ساڳئي ڏوهہ جا ڏوهاري آهن.

وري يهودين جي پچار. يهودين جو خاص ڪردار آهي سرمايي داري ۽ سامراجيت. هن ملڪ ۾ نوان آيل هتي جي زمين، ملڪيتن، جائدادن، نوڪرين، واپار ۽ ڪارخانن تي قبضو ڪري سرمايي دار بنجي ويا آهن، انڪانپوءِ هن ديس کي ڪالوني سمجهي، هتي جي اصلوڪن ديس واسين کي محڪوم جو درجو ڏئي، اقتصادي طرح هنن کي غلام بنايو پيو وڃي، هنن کي بنيادي ۽ انساني حقن کان محروم ڪيو پيو وڃي. هو پنهنجي ٻولي ۽ تهذيب اصلي ديس واسين مٿان مڙهيندا رهيا آهن. اهو آهي نون آيلن جو سامراجي ڪردار.

سامراجي سدائين پنهنجا دلال پيدا ڪندا آهن. ڪي هن ديس جا اصل ديس واسي زميندار ۽ ڪامورا، ڌارين سامراجين جا دلال بنجي، هتي جي پورهيتن ۽ هارين (جي هن ڌرتيءَ جا حقيقي وارث آهن) کي پيڙي رهيا آهن.

ويٽنام ۾ سامراجي هئا- فرينچ ۽ آمريڪي ۽ سندن چاڙتا هئا اتي جا ويٽنامي زميندار. اهڙيءَ ريت چين ۾ سامراجي هئا جپاني،

رهندا، جئن صدين کان هن سرزمين تي رهندا آيا آهن.“

هي لبيا جي صدر ڪرنل قضافيءَ جو بيان آهي. صدر قضافي اهو شخص آهي، جو ڪٽر مسلمان سمجهيو ٿو وڃي، جو اسلامي روايتن کي نئين سر جياريڻ جي جاکوڙ ڪري رهيو آهي، ۽ پنهنجي ملڪ اندر نج اسلامي قانون جاري ڪري رهيو آهي.

---

ماهوار

سُهڻي

جي پنهنجي پريس

سهڻي پرنٽرز

(سهڻيءَ جي پڙهندڙن جي تعاون سان قائم ڪيل)

- سنڌي اردو ۽ انگريزيءَ ۾ ڇپائي
- دعوتي ۽ ملاقاتي اِمبوزنگ ڪارڊ
- مختلف قسمن جا پيڊ
- ولائتي رنگن ۾ هر قسم جي ڇپائي

Gul Hayat Institute

سهڻي پرنٽرز

الهندو ڪڇو، حيدرآباد، سنڌ.



نسيم احمد نالو، کرل ذات.
٢٩- جون ١٩٣٩ع تي سنڌس
اباڻي ڳوٺ کرل، ضلعي
خيرپور سنڌ ۾ ڄائو. ١٩٥٩ع
۾ ڪراچيءَ جي سنڌ مسلم
ڪاليج مان بي- اي پاس
ڪيائين. هن سال ايل ايل-
بي جي پوين سال جو امتحان
ڏنو اٿس. سنڌس پهرين
ڪهاڻيءَ جو نالو 'ننگر' هو،
جيڪا ماهوار نئين زندگي،
ڪراچيءَ ۾ ڇپي هئي.
تنهنکانپوءِ مهراڻ، نئين زندگي، روح رهاڻ، سوجهرو ۽ نئين زندگي
مخزن ۾ سنڌس اٽڪل ٽيهه ڪن ڪهاڻيون شايع ٿيون آهن.

سنڌس ڪهاڻين جو پهريون مجموعو 'شبنم شبنم، ڪنول ڪنول' ١٩٦٦ ۾ اداره ادبِ نو (هاڻ سهڻي پبلڪيشن) طرفان شايع ٿيو. سنڌس ڪهاڻين جو ٻيو مجموعو 'چوٽيهون در' سهڻي پبليڪيشن ١٩٧٣ ۾ ڇپرايو آهي.

Gul Hayat Institute

نسيم احمد کرل جو شمار موجوده وقت جي وڏن سنڌي ڪهاڻيڪارن ۾ ٿئي ٿو. سنڌس ڪهاڻيون- ڪافر، گذريل واردات، ڳڻ، گردش زماني جي، چوٽيهون در ۽ آٿت نه فقط نسيم جون، بلڪ سنڌيءَ جون بهترين ڪهاڻيون آهن. سنڌس ڪهاڻي ڪافر سنڌيءَ ۾ چار دفعا ۽ اردوءَ ۾ ٽي دفعا، ۽ گذريل واردات سنڌيءَ ۾ ٽي دفعا ڇپجي چڪي آهي.

طارق اشرف

# درد جا ڏينهن، درد جون راتيون

رات فيروز جيڪا پيشڪش ڪئي، انهيءَ منهنجي سوچ جو انداز ئي بدلي ڇڏيو. جيڪي ڳالهيون هاڻ مون سوچيون پئي، آهي هن کان اڳ شايد ڪڏهن به نه سوچيون هوندم. جيڪڏهن سوچيون به هونديون، ته گهٽ ۾ گهٽ انهيءَ انداز سان نه سوچيون هئم، اهڙي پڪ اٿم.

مان ڪو فيصلو نه پئي ڪري سگهيس ته مونکي ڇا ڪرڻ گهرجي. فيروز جي آڇ قبول ڪريان يا انڪار. جيڪڏهن سندس آڇ قبول ڪري وٺان، ته جا جوابداري مون تي عائد ٿيندي، ڇا مان انهيءَ سان نڀائي سگهندس. ڇو ته مونکي پاڻ تي اعتبار نه رهيو آهي- بلڪ ائين چوان ته مون ۾ هاڻ ڪنهن به ڪم ڪرڻ جو حوصلو باقي نه رهيو آهي، ته هاڻ جيڪو ڪم ڪندس، انهيءَ ۾ ڪامياب ٿيندس يا نه. پر جيڪڏهن فيروز جي آڇ نٿو قبوليان، ته پوءِ ڇا ڪريان؟ زندگي ڪيئن گذاريان. زندگي گذارڻ لاءِ کاڌي- ڪپڙي جي ضرورت آهي. زندگيءَ لاءِ رکُ رکاءُ به رکڻو پوي ٿو. پيٽ سان گڏ، نه چاهيندي به اُٿڻو ويهڻو پوي ٿو. جيڏي وسيع دنيا آهي، ايتري ئي وسيع گهرجون. انهيءَ کانسواءِ اڪيلو به ته نه آهيان. ماءُ به ته آهي. انهيءَ جو واحد سهارو به مان آهيان. هن پنهنجي جواني مونکي قابل بنائڻ ۾ ڳاري ڇڏي، هاڻ هنجا به ڪجهه حق مون تي آهن. هنجون آرزوئون- اُميدون پوريون نه ڪري سگهيس، گهٽ ۾ گهٽ پيٽ پرڻ لاءِ ماني ۽ جسم ڍڪڻ لاءِ ڪپڙو ته هنکي به گهرجي. جيڪڏهن هوءَ نه گهري، تہ به اخلاقي طرح سندس اهي گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ مان ٻڌل آهيان.

شايد اهو فرض پورو ڪرڻ لاءِ ئي مان اڃا جيئرو آهيان.

Gul Hayat Institute

چو تہ منھنجي ماءُ جيئري آھي. ھن مونکي جيئرو رکڻ لاءِ پاڻ ماريو ۽ ھاڻ ھنکي جيئرو ڏسڻ لاءِ مونکي جيئڻو آھي. نہ تہ شايد مان ڪڏھن ڪو مري چڪو ھجان ھا. اھا موت قدرتي ھجي ھا، يا ھٿرادو، پر ھن دنيا مان ڇوٽڪارو ملي وڃي ھا— انھيءَ زندگي جي عذابن کان تہ نجات ملي وڃي ھا. اھا دنيا، جنھنکي رنگين سڏيو وڃي ٿو— اھا زندگي، جنھنکي حسين چيو وڃي ٿو، سا منھنجي آڏو فريب ڪانسواءِ ڪجھہ بہ ڪانھي. دنيا ۾— زندگيءَ ۾، لاتعداد خوشيون آھن، بي حساب وڻندڙ شيون آھن، پر پنھنجي مرضيءَ سان ڪابہ حاصل نٿي ڪري سگھجي. ۽ جيڪا حاصل نٿي ڪري سگھجي تنھن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ— تقدير ۾ لکيل ڪونھي.

تہ پوءِ ڇو اھڙي تقدير جي آسري تي ويٺو ھججي. ڇو انھي تي يقين ڪجي. ڇو اھڙي زندگيءَ جي ڳُھر ڪجي، ڇو اھڙي دنيا ۾ رھڻ جي تمنا ڪجي، جنھن دنيا ۾. جنھن زندگيءَ ۾، انسان جي وَس ۾ پاڻکي خوش رکڻ بہ نہ ھجي. جنھنکي چاھي، انھيءَ کي حاصل ڪرڻ ھنجي اختيار ۾ نہ ھجي. جن شين کان ڪيس نفرت ھجي، اھي ئي ھن تي مڙھيون وڃن. جيڪي ڪم ڪرڻ ھو نہ چاھيندو ھجي، تن کي ڪرڻ لاءِ ھو مجبور ھجي.

تہ پوءِ ڇا انھيءَ کان موت حسين ڪونھي. جنھن ۾ ابدي سڪون آھي. موت ڪانپوءِ ڪا بيچيني ڪانھي. اھو ڊپ تہ نڪريو وڃي، تہ ڪو ھُن کان اھو سڀ ڦري ويندو، جيڪو ھو ڪنھنکي بہ ڏيڻ نٿو چاھي. موت اھا شيءِ آھي، جنھنکي حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ ڪجھہ بہ حاصل ڪرڻ جي تمنا باقي نٿي رھي. ھر ڊپ موت کان اڳ آھي، ڊپ جي آخري شڪل موت آھي. پر زندگي، ۾ موت ڪئين ڪئين، شڪليون ڌاريو اچي. اھا زندگي. جنھن ۾ ھزارين نقلي موت ھجن، جيڪي نہ چاھڻ جي باوجود اسانجي آڏو اچيو ٿا بيھن، تنھنڪان ڇو نہ اصلي موت قبول ڪجي، جيڪو حقيقت آھي. بيشڪ موت ھڪ اونداھہ آھي— مستقل اونداھہ. پر اھا اونداھہ زندگي جي پُر فريب روشنين کان لکين ڀيرا وڌيڪ روشن آھي.

Gul Hayat Institute

ذهني طور تي مان ڪڏهو ڪو موت قبولي چڪو آهيان. پر ظاهري طور تي اڃا جيئرو آهيان، ڇو ته مونکي اهو احساس آهي ته منهنجي زندگيءَ جي سهاري، هڪ ٻي زندگي ٻه ساهه پٽي ڪٽي. پنهنجي زندگيءَ جي ڏورَ ڪي ته مان ٽوڙي وجهان، پر هنکي نه ڄاڻ ڪيترو وقت عذاب سهڻو پوي. مونکي جيئرو رکڻ لاءِ هن جيڪو عذاب سٺو آهي، سو ايترو گهڻو آهي، جو مان جيڪڏهن انهيءَ عذاب ڪي گهٽائي نٿو سگهان، ته وڌائڻ جو به مونکي ڪو حق ڪونهي.

هن پنهنجي جوانيءَ کي انهيءَ آسري تي خوشيءَ سان رخصت ڪيو، ته منهنجو پٽُ قابل ٿيندو ۽ پوءِ ٻڍاپو به جوانيءَ ۾ تبديل ٿي ويندو. پر جڏهن مان قابل ٿيڻ جي باوجود به ناقابل ٿي پيس، ته هن حالات سان سمجهوتو ڪري ورتو. هوءَ تقدير جي قائل آهي، پنهنجي قسمت ۾ ڪجهه نه هئڻ سمجهي، خاموشي اختيار ڪري ورتائين. هوءَ جيئري ته آهي، ڇو جو مرڻ سندس اختيار ۾ ڪونهي، پر دنيا سان هاڻ ڪوبه واسطو نه رهيو اٿس.

جيڪڏهن هوءَ مونکي ڪجهه چوي ها، مونسان وڙهي ها، پنهنجي جواني مون لاءِ وڃائڻ جا طعنا ڏي ها، ته شايد مان ڪجهه سُڪون محسوس ڪريان ها، ته هوءَ مونکان پنهنجي احسانن جو بدلو وٺي رهي آهي، پر هو ته اٿين خاموش آهي، ڄڻ مونکان ڪجهه گهرڻ ئي نٿي چاهي.

۽ هنجي انهيءَ خاموشي مونکي زنده رهڻ تي مجبور ڪيو آهي، نه ته شايد مان ڪڏهن ڪو خودڪشي ڪري چڪو هجان ها.

۽ هاڻ ته مونکي زندگيءَ جو ڪو مقصد ئي سمجهه ۾ نٿو اچي. پريشاني - بيچيني - گهٻراهٽ، ذهني مونجهارو ۽ ذهني اذيت جو نالو ئي جيڪڏهن زندگي آهي، ته مونکي اهڙي زندگيءَ جي گهرج ڪانهي. مون ڪئين دفعي سنجيدگيءَ سان خودڪشيءَ لاءِ سوچيو آهي. انهيءَ جيئڻ کان ته موت بهتر آهي. هن مسلسل اذيت کان ته ڇوٽڪارو ملندو. فقط اميءَ جو خيال ٿيندو آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن ته سندس خيال به نه رهندو اٿم. سوچيندو آهيان، مونکي ته

Gul Hayat Institute

هن عذاب کان نجات ملي. اميءَ جا پاڳ اميءَ ساڻ.

مون رات جو اڪيلائيءَ ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ پنهنجي موت جي باري ۾ سوچيو آهي، ته مونکي ڪيئن مرڻ گهرجي. پستول مونوٽ ڪونهي، جو گولي هڻي پاڻ پورو ڪريان. درياهه ۾ ٻڏان .... نه ڄاڻ ڪڏهن ساهه ٻوساتجي ۽ ڪڏهن دم نڪري. هزرادي سڪرات جو سوچي ڏڪي ويندو هوس. خودڪشي منهنجي نزديڪ بزدلاڻو فعل ڪونهي. اهو انسان، جيڪو هڪ معمولي چيٽ لڳڻ تي به ڦٿڪيو پوي، ڪنهن چريءَ سان گلو ڪٽي، باهه ۾ پاڻ ساڙي، يا دريا ۾ ٻڏي مري، اِها بزدلي آهي! نه نه، مان انهيءَ کي بزدلي نٿو مڃان. پر مان پاڻ ۾ ايتري بهادري نٿو محسوس ڪيان، جو خودڪشي ڪريان.

جيتوڻيڪ مان پاڻکي خودڪشيءَ لاءِ تيار ڪندو رهيو آهيان. ننڊ جون گوليون منهنجي نزديڪ سڀ کان آسان موت آڻيندڙ هيون. ۽ مون فيصلو ڪيو، ته اُهي گوليون ئي مونکي زندگيءَ جي عذاب کان نجات ڏيارينديون.

چون ٿا ته خودڪشي حرام آهي. خودڪشي ڪرڻ وارو دوزخ ۾ ويندو. دوزخ ـــ، ڇا هن دنيا کان به وڌيڪ دوزخ ۾ عذاب هوندو! ناممڪن. هن دنيا کان ته گهٽ هوندو. ۽ خدا ايڏو ته ظالم ڪونه هوندو، جو هن دنيا ۾ به عذاب ڏي، ۽ هُن دنيا ۾ به.

تصور ئي تصور ۾ مون پاڻکي ڪئين دفعا مرندي ڏٺو. پنهنجي موت کانپوءِ اميءَ جو تصور مون ڪرڻ نٿي چاهيو. البت انهن دوستن کي ڏسي رهيو هوس، جن زندگيءَ ۾ مونکي ڪڏهن پڇيو به ڪونه، ڏک ۾ ڪڏهن ڪم نه آيا، ۽ هاڻ منهنجي جنازي، پرسان بيهي مونکي دنيا جو عظيم انسان سڏي رهيا آهن. اُهي اديب، جن مونکي ڪڏهن اديب تسليم نه ڪيو، هاڻ ادبي ميڙ سڏي، مونکي خراج تحسين پيش ڪري رهيا آهن. ڪن ته مونتي رسالن ۾ مختصر مضمون لکي، منهنجي موت کي ادب لاءِ 'سخت نقصان'

Gul Hayat Institute

ڇڏي پنهنجو فرض پورو ڪيو آهي. هڪ ايڊيٽر فرض سمجهي، پنهنجي ايڊيٽوريل ڪي ڪارو بارڊر ڏئي، منهنجي موت تي ڏک جو اظهار ڪيو آهي. ڪيڏي نه بناوت، ڪيڏو نه ڪوڙ. زندگيءَ ۾ مونسان نفرت ڪندڙ، هاڻ ڪيئن نه پنهنجي محبت جو اظهار ڪري رهيا آهن. جيڪر اها محبت منهنجي زندگيءَ ۾ مونسان ڪن ها، ته مان موت کي ڇو ڳلي لڳايان ها.

ماءُ کان علاوه فقط هڪ ماڻهوءَ کي ئي منهنجي موت دلي صدمو رسايو آهي. فيروز روز مونوٽ شام جو گهر ايندو هو. هاڻ به روز ايندو آهي. هاڻ مان گهر ۾ نه آهيان، قبرستان ۾ روز ايندو آهي. منهنجي قبر تي اگربتيون ٻاري، ياسين شريف پڙهندو آهي. مون زندگيءَ ۾ ڪڏهن به سندس اکين ۾ ڳوڙها نه ڏٺا هئا، پر هاڻ دعا گهرڻ وقت سندس اکيون آليون ٿي وڃن ٿيون، جنڪي هو پنهنجي رومال سان اُگهي ٿو، ۽ پوءِ رومال کي ٽن تهن ۾ ويڙهي، پينٽ جي کيسي ۾ رکي ٿو، بوٽ پائي خاموشيءَ سان هليو ٿو وڃي. سندس آليون اکيون ڏسي، مان قبر ۾ ليٽي ليٽي ئي خوش ٿيان ٿو. چاهڻ جي باوجود هُن منهنجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن به پنهنجي چاهت جو اظهار نه ڪيو هو. هاڻ جڏهن مان دنيا ۾ موجود نه آهيان، ته هنجون اکيون منهنجي لاءِ آليون ٿيون آهن.

قبر ۾ اونداهه آهي. عجيب قسم جا جيتِ ۽ ڪيئان پيا مونکي پٽين. پوائتو ماحول آهي. عجيب آواز پيا اچن. قبر جي پاڻيٺ واري آلي ٿڌي مٽي ناقابل برداشت آهي. سخت گُهٽ آهي. مون ڇو پاڻکي ماريو. مان اڪيلائي پسند هوس، خاموشيءَ کي چاهيندڙ. پر ايتري خاموشي، ايتري اڪيلائي. مان سڏ ٿو ڪريان. رڙيون ٿو ڪريان. پر ڪوبه جواب ڪونه ٿو ڏي. مٽيءَ جي هيٺان دٻيل لاش جي سڏ تي ڪير جواب ڏيندو. ڪنهن تائين اِهو آواز پهچندو. ڪير به نه ٻڌندو اِهو آواز. هاڻ قيامت تائين مونکي اتي اڪيلو سڙو ئي سڙو پيو رهڻو آهي. مان ڇُري به نٿو سگهان، سڄو ڪفن ۾ ويڙهيو پيو آهيان.

نه نه. مونکي مرڻ نه کپندو هو. مونکي روشنيءَ جي گهرج آهي. مان گوڙ ٻڌڻ چاهيان ٿو. مان ماڻهن جي انبوهه ۾ رهڻ چاهيان ٿو. مان اميءَ جي ڪِچَ جي گرمائش چاهيان ٿو. مان فيروز جهڙي دوست جي ويجهڙائي چاهيان ٿو. مان جيئرو رهڻ چاهيان ٿو.

۽ تصور جو سلسلو ٽٽيو پوي — وري مرڻ لاءِ.

مونکي فيروز چيو هو: تون ٿڌي دل سان سوچ ۽ پوءِ مونکي آخري فيصلي کان واقف ڪجان- ۽ انهيءَ آخري فيصلي مونکي ايترو مُنجهائي وڌو هو، جو مان ڪو به فيصلو نه پي ڪري سگهيس. شايد انهيءَ فيصلي لاءِ مونکي ايتري سوچ ويچار جي ضرورت نه پوي ها، جيڪڏهن زندگيءَ ۾ مون هڪ وڏي نوڪر نه ڪاڏي هجي ها. مان جيڪو هر ڳالهه ڪرڻ کانپوءِ سوچڻ جو عادي هوس، هاڻ هر ڳالهه کان اڳ سوچڻ لاءِ مجبور آهيان.

اڄ جي زماني ۾، جڏهن ذهن سوچڻ جي قابل ٿئي ٿو، ته پهرين ڳالهه جيڪا ذهن ۾ اچي ٿي، اُها آهي 'وڏو ماڻهو' ٿيڻ. انهيءَ لاءِ ڪي محنت ڪري، پڙهي لکي سي-ايس-پي ۽ پي-سي-ايس جهڙيون وڏيون نوڪريون حاصل ڪندا آهن، ۽ ڪي ناجائز طريقا استعمال ڪري دولت ڪٺي ڪن ٿا. بهرحال هن دور ۾ (۽ اِهو دورُ هڪ طويل عرصي کان هلندو پيو اچي) گهڻو ڪري سڀني جي آڏو زندگيءَ جو مقصد وڏو ماڻهو ٿيڻ هوندو آهي، ۽ وڏي ماڻهو معنيٰ دولتمند. پر مان اهڙي دؤر ۾ ڄمڻ جي باوجود به اهڙي ذهنيت ساڻ نه ڪٺي آيس. منهنجي آڏو زندگيءَ جو هڪڙو ئي مقصد هو، ۽ اهو مقصد هو پنهنجي قوم ۽ ۽ ٻوليءَ جو بچاءُ. ۽ انهيءَ مقصد کي پوري ڪرڻ جا ٻه طريقا مونکي سُجهيا ٿي- هڪڙو طريقو هو ادب. اهڙو ادب پڙهڻ لاءِ ڏيڻ، جنهن سان اسانجي ٻولي زنده رهي، ترقي ڪري ۽ قوم ۾ سجاڳي پيدا ٿئي. ٻيو طريقو هو- تعليم. جيڪڏهن استاد پنهنجي جوابداري محسوس ڪري پڙهائين، ته پيڙهه مضبوط ٿيندي. ٻار قوم جي پيڙهه جي حيثيت رکن ٿا. ۽ ٻار جي شعور ۾

واري دؤر ۾، هڪ اهڙي مخزن جي ضرورت ڪانهي، جيڪا ڪنهن مخصوص حلقي جي ترجماني نہ ڪري. جنهن ۾ اديبن کي نمائش ڪرڻ جو موقعو نہ ملي. جنهن مان ڪين ڪوبہ مالي فائدو نہ پهچي، بلڪ هزائون ڏيڻو بہ پوي. ڀلا اهڙي مخزن ڪيئن هلي سگهي!

فيروز مونکي پيشڪش ڪئي هئي- هڪ ٽيوشن جي. اها ڪا اهڙي ڳالهہ نہ هئي، جنهن لاءِ ايڏي پريشاني ٿئي، پر مونسان بہ ڳالهہ هئي. مخزن جي ناڪاميءَ مونکي ذهنيءَ طور مفلوج ڪري وڌو هو. مون تہ انهيءَ لاءِ پنهنجي زندگي وقف ڪئي هئي، پر زندگي بہ منهنجي مقصد کي ڪامياب نہ ڪري سگهي. تنهنڪري مون سوچيو ـــ پنهنجي پهرين مقصد ۾ ناڪام ٿيڻ ڪانپوءِ هاڻ مونکي ماستر ٿي پنهنجي ٻئي مقصد ڏانهن عملي قدم کڻڻ گهرجي. ماستر ـ ڪيڏي نہ ننڍي نوڪري. اڄ جي سي-ايس-پي ۽ پي-سي-ايس واري دور ۾ ماستر سڏائڻ بہ گهٽتائيءَ جهڙي ڳالهہ آهي. اسڪول جي ٻارن ڪانسواءِ ڪوبہ ماستر کي مانُ نہ ڏيندو آهي، ۽ نہ ئي اهميت جي لائق سمجهندو آهي. ماستر کي ڪا سماجي حيثيت حاصل ڪانهي، پر مون اها ئي نوڪري ڪرڻ ٿي چاهي. ڪنهن بہ ٻئي دوست جي سامهون اها ڳالهہ نہ ڪري، فقط هڪ دوست فيروز جي سامهون اها ڳالهہ ڪيم. ڇو تہ فقط انهيءَ کي پنهنجو همدرد ۽ خيرخواهہ سمجهيم. ڇاڪاڻ تہ منهنجي دُک درد جو فقط انهيءَ کي احساس آهي، اِهو ئي پوريءَ طرح محسوس ڪري ٿو، تہ منهنجو روح ڪيترو نہ زخميل آهي، ۽ مان ڪهڙي تڪليف ده زندگي گذاريان پيو. ٻين دوستن کي (جيڪي ڪنهن بہ حالت ۾ دوست ڪونهن، پر لاچار انهن کي بہ 'دوست' جي معزز نالي سان سڏڻو پوي ٿو) جيڪڏهن اِهو ٻڌايان ها تہ ـــ مان ماستر ٿيڻ چاهيان ٿو، تہ آهي مونتي کِلن ها. مسخري اُڏائن ها منهنجي. ۽ شايد اِهو رايو بہ قائم ڪن ها تہ مان پنهنجو ذهني توازن وڃائي چڪو آهيان.

Gul Hayat Institute

سگهان، نہ ئي ڪنھنجي سرداري برداشت ڪري سگهندس. هن مونکان پڇڻ چاهيو ٿي، پر پڇي نہ سگهيو. مون ئي ٻڌايو.

”تون حيران آهين، مان جيڪو غلاميءَ کان ڀڄندو آهيان، پاڻ غلاميءَ ۾ وڃڻ لاءِ ڪيئن تيار ٿيس.

”انهيءَ ڪري، جو مان ڄاڻان ٿو تہ اسانوٽ ڇا پيو پاڙهجي، ۽ ڪيئن پيو پاڙهجي. وڏن اسڪولن جي ڳالھہ ٿو ڪريان، جتي وڏن ماڻهن جا ٻار پڙهن ٿا. اهڙن اسڪولن جي ڳالھہ ڪري رهيو آهيان، جن ۾ وچولي ۽ ننڍي درجي جي ماڻهن جا ٻار پڙهن ٿا. منهنجي توجہ جا مرڪز اُهي ٻار آهن، جيڪي ننڍي درجي جي ماڻهن جا آهن. اُهي ماڻهو اسڪولن ۾ ٻارن کي پڙهڻ لاءِ ٿا موڪلين، پر پنهنجي جند ڇڏائڻ لاءِ موڪلين ٿا. پوءِ ٻار اسڪول ۾ ڇا ٿا پڙهن، ڇا ٿا ڪن. انهيءَ سان انهن جو واسطو ڪونهي. ۽ ماسترن جو رکو اِهو ڪم هوندو آهي تہ ٻار فيون ڏين. پڙهن نہ پڙهن، اچن نہ اچن. انهيءَ سان سندن واسطو ڪونهي. جڏهن —— ڪڏهن ڪين اِهو احساس ٿئي ٿو، تہ هنن تي بہ ڪي جوابداريون عائد ٿين ٿيون، تڏهن ڏنڊو کڻي ڍڪ ساهي سيني تي وهائي، مطمئن ٿيو ڪرسيءَ تي ويهو رهن.

”ٻار قوم جي امانت آهن. ٻار ملڪ جو مستقبل آهن. اسانکي انهيءَ جو احساس ڪونهي، تہ اسانجي ملڪ جو مستقبل خراب ڪرڻ ۾ اسانجي استادن جو ڪيڏو نہ هٿ آهي. ٻارن جا ماءٌ پنهنجي امانت انهن جي حوالي ڪن ٿا، ۽ اِهي انهيءَ ۾ خيانت ڪيو وڃهن.

”سڌرڻ جي عمر فقط اسڪول ۾ هوندي آهي، پر اسانجا ٻار اتي ئي ڪرندا آهن. ۽ اهو سڀ استادن جي لاپرواهيءَ کان. اسانجي تعليم جي ناقص انتظام کان. اسانجي ماسترن کي اهو احساس ئي ڪونهي، تہ انهن کي ڪيڏو وڏو فرض سونپيو ويو آهي. ملڪ جو مستقبل سڌارڻ انهن جي هٿ ۾ آهي.

”پر انهن کي، انهيءَ سان کهڙو واسطو. فيروز، تون

حيران ٿيندين، مون هڪ ماستر کي اهو چوندي ٻڌو آهي ته ـــ اسانکي کهڙو گهڻو پگهار ٿا ڏين جو اسين به انهن تي مغزخوري ڪيون. ٻل پيا جڪ مارين. اسين فقط هڪ ڳالهه چوندا آهيون: ڪلاس ۾ گوڙ نه ڪريو، باقي جيڪو وڻي سو ڪريو. اسين مزي سان ويهو ٿا آرام ڪريون."

مون فيروز ڏانهن ڏٺو. هن منهنجي تائيد ۾ ڪنڌ لوڏيو. هو منهنجي ڳالهين سان متفق هو. جڏهن ڏٺم ته هو منهنجون ڳالهيون ڌيان سان ويٺو ٻڌي ته مون سلسلو وڌايو.

"مڃان ٿو ته ماسترن کي تمام ٿورو پگهار ملي ٿو. جنهنجي ذمي ملڪ جو مستقبل سڌارڻ هجي، انهيءَ کي ايترو به پئسو نٿو ملي جو هو پنهنجو مستقبل ته نهيو، پر حال به عزت سان گذاري سگهي. پر تنهن هوندي به هڪ ماستر تي اِها جوابداري اخلاقي طرح عائد ٿئي ٿي، ته جيڪو فرض هنکي سونپيو ويو آهي، انهيءَ ۾ غفلت نه ڪري. پنهنجي مشڪلن جو بدلو معصوم نسل کان نه وٺي، جيڪو قوم ۽ ملڪ جو مستقبل آهي. پر ڪير هنن کي سمجهائي. ڪنهنکي ايتري فرصت آهي جو قوم جي مستقبل تي نظر رکي. اڄ ته هر ڪنهنکي فقط پنهنجي مستقبل جو فڪر آهي.

"اهو ئي سبب آهي فيروز." مون سندس نالي تي زور ڏيندي چيو. "جو مان ماستر ٿيڻ ٿو چاهيان. مان چاهيان ٿو ته ٻار ـــ جيڪو پيڙهه جي حيثيت ٿو رکي. اِها پيڙهه جيڪڏهن مضبوط نه هوندي، نه پوءِ عمارت ڪيئن پختي ٿيندي، ڊهي نه پوندي. پيڙهه مضبوط هوندي ته عمارت به جٽاءُ ڪندي. مان چاهيان ٿو ته ماستر بڻجان. ٻارن کي ـــ انهن جي معصوم ذهنن ۾ اهو احساس ويهاريان، ته ايندڙ وقت اوهانجو هوندو. جيئن اوهان چاهيندا، ائين ٿيندو. ايندڙ وقت جا حاڪم اوهين آهيو. قوم جو مستقبل اوهانجي هٿن ۾ هوندو. انهيءَ ڪري اوهانکي سڌرڻو آهي."

مان پنهنجي طويل تقرير ختم ڪري، ڪرسيءَ تان اٿيس، غير ارادي طور پوري ڪمري ۾ چڪر هنيم ۽ وري ڪرسيءَ تي

ويهي رهيس. فيروز ڳل تي هٿ رکيو گهريءَ سوچ ۾ گم هو. مون ڏي وري ڳالهايو، ”ڪهڙيءَ سوچ ۾ آهين؟.... شايد منهنجي بڪواس تنهنجي مٿي ۾ سور وجهي ڇڏيو يا بور ٿي وئين.“ ڦڪي مُرڪ منهنجي چپن تي ڦهلجي ويئي.

فيروز منهن مٿي ڪنيو، سندس ڊگهن، گهاٽن ڪارن ڇپرن مان چمڪندڙ اکيون، منهنجي چهري تي کپي ويون. هنجي چپن تي هلڪي مرڪ ايري، چيائين، ”تنهنجا اهي اونچا خيال ڏي ته آهن، جنجي ڪري مان تنهنجو قدر ڪندو آهيان. تو جيڪو ڪجهه چيو، مون اهو غور سان ٻڌو آهي، سوچيندو به ويو آهيان. توسان متفق به آهيان. پر هڪ ڳالهه فڪرمند ڪري ڇڏيو اٿم.“

”ڪهڙي؟“ مون پڇيو.

”اِها پهرين نوڪري آهي، جنهنڪي ڪرڻ لاءِ تون آماده ٿيو آهين، سو به پاڻمرادو.“ وري ٿورو ترسي چيائين، ”چاٿان تو، هڪ سٺي مقصد ڪارڻ. پر اها نوڪري توکي ملندي به سهي؟“

”ڇونه ملندي،“ مون پوري يقين سان چيو. ”مان ايجوڪيشنل انسپيڪٽر ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر سان ملندس. انهن وٽان ڏي ڪم ٿي ويندو. نه ٿيو ته ڊائريڪٽر سان به وڃي ملندس. مان هڪ سٺي سبجيڪٽ ۾ ايم-اي آهيان. انهيءَ کان علاوه منهنجي آڏو هڪ سٺو مقصد آهي. جيتوڻيڪ مونکي نوڪريون پيون به ملن ٿيون، پر انهن کي ڇڏي مان قوم جي مستقبل جي خيال کان ماستر ٿيڻ چاهيان ٿو. پيا شايد ايترو چاهه نه وٺن.“

”جيڪا تنهنجي سوچ آهي، ڇا اِها انهن جي به هوندي. اهڙي پڪ آهي توکي؟“ فيروز پڇيو.

”ضرور هوندي، هنن جي به اهڙي سوچ. آخر مان ڏي ته هن ملڪ ۾ واحد ماڻهو نه آهيان، جنهنکي ملڪ جي مستقبل جي ڳڻتي هجي. آخر اهي ايڏن وڏن عهدن تي آهن، انهن کي ته مونکان به وڌيڪ انهيءَ ڳالهه جو احساس هوندو.“

”توکي اهڙو يقين آهي، پر مونکي ڪونهي. جيڪڏهن هنن کي

Gul Hayat Institute

ڊائل گھمائڻ لڳو. وڏيڪ ڪجھ چوڻ بيڪار سمجھي اٿـي ٻاهر هليو آيس.

انسپيڪٽر سان ملاقات جو ذڪر فيروز سان نـہ ڪيم ، ۽ ڏاڍي سوچ ويچار ڪانپوءِ ڊپٽي ڊائريڪٽر سان ملڻ جو فيصلو ڪيم ۽ نيٺ هڪ ڏينهن وڃي مليوسانس ، ڏاڍي رُکي ڦڪي نمونـي سان مليو. جڏهن ڳالھ ٻڌايم تہ چيائين:

”ڏسو مسٽر منظور، منهنجي هٿ ۾ نوڪري ڏيڻ جو ڪم ڪونهي، اهو ڪم انسپيڪٽر جو آهي، ۽ جڏهن اوهين چئو ٿا تہ اوهانکي ٻيون نوڪريون مليون ٿي ، پر اوهين فقط ماستري ڪرڻ چاهيو ٿا، تہ اها سراسر بيوقوفي چئبي . اوهين يڪدم وڃي ٻـي نَوڪري ڪريو. جيڪي ماسٽر پڙهائين پيا ، اُهي بہ پنهنجو فرض پوريءَ طرح ادا ڪن پيا، رڳو اوهانکي احساس ڪونهي، ٻين کي بہ آهي.“

مان اچا سندس ڪمري ۾ ئي هوس، تہ پٽيوالي کي سڏي چيائين، ”مان ڪم سان ٻاهر پيو وڃان. ڪمرو بند ڪري ڇڏ.“

مون ڊائريڪٽر وٽ وڃڻ جو خيال لاهي ڇڏيو. ۽ پوريءَ روءِداد فيروز کي ٻڌايم. فيروز ڪوبہ سوال جواب نہ ڪيو. هو ڏاڍو سمجھو آهي. هن نٿي چاهيو تہ هن وقت، جڏهن مان مايوس ۽ غمگين آهيان، اِهو چوي تہ — مون تہ توکي اڳ ۾ ئي چيو هو.

ڪجھ دير جي خاموشيءَ کي فيروز ٽوڙيو ، ”الله مالڪ آهي. شايد ڪيس پيو ئي ڪجھ منظور هجي . شايد انهيءَ ڪان بہ وڏيڪ ذميداريءَ وارو ڪم توکي سونپڻو هجي.“

Gul Hayat Institute

”جيڪو ڪم مونکي سونپيو هئين ، سو مان ڪري نـہ سگھيس . جيڪو مـون پاڻ ڪرڻ چاهيو، سو بـہ حاصل نہ ڪري سگھيس. هاڻ تہ موت ئي مونکي سونپيو وڃي تہ چڱو. اِهوئي آخري ڪم منهنجي حوالي ڪرڻ رهجي ويو آهي.“

”مايوس نہ ٿـي . مايوس ٿيڻ گناهہ آهي.“ فيروز نصيحت ڪئي.

”بيوقوف، مايوس ٿيڻ جيڪڏهن گناهه آهي، ته اسان ۾ان هرڪو ڏينهن ۾ نه ڄاڻ ڪيترا دفعا مايوس ٿي گناهگار ٿئي ٿو. دنيا ۾ مايوسين ڪانسواءِ ٻيو آهي ڇا.“

فيروز مونکي پيشڪش ڪئي هئي – هڪ ٽيوشن جي.

جڏهن فيروز مونکي ٽيوشن ڏيڻ جي پيشڪش ڪئي ته مان پريشان ٿي پيس.

هن چيو هو: ”تنهنجو مقصد ته تعليم ڏيڻ آهي. ٻارن کي ’مثالي‘ بنائڻ، انهن کي اهو احساس ڏيارڻ ته مستقبل جا وارث اوهين آهيو. انهن کي سڌارڻ، انهن جي زندگي سنوارڻ. فرق فقط اِهو آهي ته اسڪول ۾ گهڻن ٻارن کي پڙهائڻو پوندو ۽ هتي فقط هڪ کي. سوَن ٻارن کي پڙهائڻ جا توکي سواسئو کن ملن ها. هتي سئو ملندئي، پر سون ٻارن تي مغر ماريءَ کان هڪ تي، مغر ماري ڇڏي ائٿي.“ هو مُرڪڻ لڳو.

”توکي ته خبر آهي، مون ٻارن کي خوشيءَ سان پڙهائڻ ٿي چاهيو، منهنجو مقصد هو ته گهڻي ۾ گهڻا ٻار پڙهايان، ۽ پنهنجا خيالات انهن تائين پهچايان.“

”اِهو ته ٺيڪ آهي.“ فيروز سمجهائيندي چيو، ”پر مجبوري آهي. توکي اسڪول ۾ نوڪري ملي نه سگهي. پرائيويٽ اسڪولن جا ٻار توکي ساريا پيا اٿئي، سفارشون ۽ خوشامند، جن کان توکي نفرت آهي.“

مان خاموش رهيس. فيروز ڪرسيءَ تان اُٿي منهنجي پرسان ڪٽ تي ويٺو. ”ڏس منظور، توکي پئسي جي ضرورت آهي، تون ضرورت کان وڌيڪ خوددار به آهين. ٻيا ته ٺهيو، ڇو ته انهن کي تون دوست ئي ڪونه مڃين، پر مونکي، جنهنکي پنهنجو دوست سمجهين ٿو، تنهنکان به ڪجهه وٺڻ بيعزتي ٿو سمجهين. اهڙيءَ حالت ۾ اها ٽيوشن تنهنجي لاءِ هر لحاظ کان مناسب آهي.“

مون ڪجهه دير سوچي پوءِ چيو، ”پر فيروز، هيءَ ٻار ته

ڪانهي. سورهن سترهن سالن جي ڇوڪري آهي. مان هنڪي ڪيئن پاڙهي سگهندس!“

”اسڪول ۾ ته ميٽرڪ جي ڇوڪرن ڪي به پاڙهڻو پوي ها. انهن ۾ ڪي ته ڪافي وڏا هوندا آهن.“

”آهي ڇوڪرا ته آهن. هيءَ ته ڇوڪري آهي. مون ته شايد ڪنهن ڇوڪريءَ ڪي زندگيءَ ۾ غور سان ڏٺو به ڪونهي. هنڪي پاڙهيندس ڪيئن؟“

”توکي پڙهائڻو آهي، عشق ڪرڻو ڪونهي جو گهٻرائين پيو.“ فيروز کلندي چيو.

”پر هوءَ اميرن جي ڌيءَ آهي، نخريلي ۽ نازڪ مزاج هوندي. مون جهڙي احساس ڪمتريءَ جي مريض کي اُڏائي نه ڇڏيندي؟“

”اِها ڳالهه هجي ها ته مان توکي چوان ئي نه ها. انهن سان اسانجو گهڻو رستو آهي، بلڪ پري جا مائٽ به آهن. ڇوڪري توکان وڌيڪ احساس ڪمتريءَ ۾ مبتلا آهي. اهوئي سبب آهي جو پنج ڇهه درجا پڙهي، ٽيچر جي ڊپ کان اسڪول ئي نه وئي. ۽ لاڏلي هئڻ ڪري گهر وارن به زور نه ڀريو. پر هاڻ پڇتائي رهيا آهن. چاڪاڻ ته ڪو چڱو سڱ ئي نٿو اچي. دولت ته آهي، پر دولت سان گڏوگڏ سٺي خاندان وارا تعليم به گهرن ٿا. بي. اي نه ته گهٽ ۾ گهٽ انٽر ته هجي.

”تون فڪر نه ڪر، ڇوڪري، تمام فضيلت واري ۽ شرميلي آهي. هنڪي پاڻ به پڙهڻ جو شوق آهي، پر وڏي ٿي وڃڻ ڪري ڪنهن اسڪول ۾ نٿي پڙهي. به ٽي ماستوياڻيون رکيون، پر انهن کي فقط پئسن سان دلچسپي هئي. انهيءَ ڪري هيءَ هنن کان پڙهي نه سگهي. مرد ٽيچر رکڻ کان سندس مائٽن کيٻايو ٿي، پر مون ڪين تنهنجي شرافت جو يقين ڏياريو آهي.

”هاڻ تون اڄ رات سوچي وٺ، سڀاڻي شام جو مان ايندس جيڪڏهن تون تيار ٿي وئين، ته سڀاڻي ئي مان توکي انهن جي گهر

شام جو فيروز آيو. ماٺ ڪري ڪرسيءَ تي ويهي رهيو، ويهڻ ڪان اڳ پنهنجي مخصوص لهجي ۾ مرڪي پڇيائين، ”ڪهڙو حال آهي؟“

هو اچڻ سان هميشه فقط اِهائي ڳالهه، انهن ئي لفظن ۾ چوندو آهي. اسانجي دوستيءَ کي نَوَ سال ٿي ويا آهن، پر انهيءَ جملي ـــ ۽ انهن لفظن ۾ ڦير گهير نه آئي آهي. ائين به انهي عرصي ۾، جڏهن دنيا ۾ ڪئين نيون ڳالهيون وجود ۾ آيون، ڪئين حڪومتون تبديل ٿي ويون، فيروز ۾ ڪا خاص تبديلي نه آئي. فقط هڪ ڳالهه جو اثر هن مونڪان ورتو. پهرين کيس ادب سان داچسپي نه هئي، پر هاڻ منهنجي صحبت ڪري ادب ۾ دلچسپي وٺڻ لڳو هو. باقي جهڙو شروع ۾ هو، اهڙوئي هاڻ. تمام گهاٽي دوستي هئڻ جي باوجود به مون هن ۾ اجنبيت محسوس ڪئي آهي، جيتوڻيڪ هن اجنبيت ۾ به پنهنجائپ آهي، پر تڪلف سان. اُها حجت جيڪا هڪ دوست کي دوست سان هوندي آهي، سا مون هن ۾ ڪڏهن به محسوس نه ڪئي. ائين به ڪونهي ته هن مونکي ڌاريون سمجهيو آهي يا محسوس ڪرايو اٿس ـــ نه، اهڙي ڪا به ڳالهه ڪانهي. جيترو پنهنجو مون هنکي سمجهيو آهي، ايترو پنهنجو پاڻکي به نه سمجهيو اٿم. پر انهيءَ هوندي به، ايترا سال گذرڻ جي باوجود به، مونکي ائين محسوس ٿيو آهي، ڄڻ اسانجي دوستي نئين نئين آهي. نئين دوستيءَ ۾ جيڪو حجاب، جيڪو تڪلف محسوس ڪبو آهي ـــ سو انهيءَ پوريءَ عرصي ۾ مان محسوس ڪندو رهيو آهيان. ايترن سالن ۾ اسان ٻنهي ڪڏهن هڪ ٻئي کي اِهو به نه چيو آهي ته: ’چانهه پيار.‘

مان اهو سڀ ڪجهه نٿو چاهيان. مان چاهيان ٿو ته اها اجنبيت ختم ٿئي، اهو تڪلف ٽُٽي. اسين هڪ ٻئي کان ايترا بي تڪلف ٿيون، جيترو دوستن کي ٿيڻ گهرجي. پر اهو تڪلف ۽ اها اجنبيت نَوَ سال گذري وڃڻ ڪانپوءِ به قائم آهي. ۽ پڪ اٿم ته هميشه قائم رهندي. مون ۾ ايتري همت ڪانهي جو انهيءَ اجنبيت

Gul Hayat Institute

۽ تڪلف ڪي ٽوڙيان. چاڪاڻ ته اهو به ڏيپ اٿم ته جيڪڏهن انهي اجنبيت ۽ تڪلف کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪيم، ته متان اها دوستي ئي نه ٽٽي پوي، جيڪا گذريل نون سالن کان هڪ ئي محور تي هلي رهي آهي. جنهن ۾ نه ڪڏهن حد کان وڌيڪ جوش آيو ۽ نه ئي گهٽيو. انهيءَ عرصي ۾ مان پنهنجي طرفان چڙيس، پاڻ ئي پرتيس، پاڻ ئي ڳالهائڻ شروع ڪيم. پر فيروز جو رويو شروع کان اڄ تائين ساڳيو رهيو. چپن تي مرڪ – دل ۾ همدردي، هر ڳالهه غور سان ٻڌڻ، ڏکن ۾ ڪم اچڻ ۽ سڀ کان عجيب ڳالهه اها ته، مان ئي سندس واحد دوست هوس.

انهن نون سالن ۾ جڏهن کان فيروز سان منهنجي دوستي ٿي آهي – انهيءَ کان اڳ به منهنجا ڪيئي دوست رهيا آهن، پر اڄ جڏهن مان سوچيان ٿو ته ڇا اهي واقعي منهنجا دوست هئا، ته پاڻکي مطمئن نه ڪري سگهندو آهيان، ته ها واقعي اهي منهنجا دوست هئا. سواءِ هڪ اڌ جي، جن سان شايد طبيعتن جي فير ڪري دوستي نه رهي. چاڪاڻ ته مون حالات سان ڪڏهن به سمجهوتو نه ڪيو آهي. پنهنجي اصولن کي ڇڏي دنيا سان گڏ هلڻ پسند نه ڪيم. ۽ نتيجو اهو نڪتو ته ڪنهن به منهنجو ساٿ نه ڏنو.

جڏهن فيروز سان چاڻ سڃاڻ ٿي ۽ پوءِ دوستي وڌي، تڏهن سوچيو هوم ته ٻين دوستن وانگر جلدي هنجي رستي جو موڙ به ايندو. پر ائين نه ٿيو. مونکي اڄ تائين اها خبر ئي نه پئي آهي، ته فيروز کي ڇا پسند ۽ ڇا نا پسند آهي. هو مون مان – هڪ دوست مان چاهي ڇا ٿو؟ شايد ڪجهه به نه. هن مونکي ڪنهن به ڳالهه لاءِ مجبور نه ڪيو آهي، ڪابه گهر نه ڪئي آهي. هو پنهنجي رستي تي هلندو رهيو آهي. ۽ پنهنجي اصولن تي هلڻ وارو – ڪنهن سان سمجهوتو نه ڪرڻ وارو مان – هن سان گڏو گڏ هلڻ لڳس. ڪوشش ڪرڻ لڳس ته ڪابه اهڙي ڳالهه يا حرڪت نه ڪريان، جيڪا هنکي پسند نه هجي. هنجا اصول طور طريقا، جيڪي هن ڪڏهن به زبان سان نه چيا، جيڪي مون فقط محسوس ڪيا، ۽ هنجي چوڻ

ڏسڻ ۾ سان مونکي سڪون محسوس ٿيندو هو. ۾ منزل بلڊنگ هئي، بلڊنگ جي سونهن ۾ ڏاڪڻ جو وڏو حصو هو، ويڪري، ڊگهي ۽ سائي سنگ مرمر جي جرڪندڙ ڏاڪڻ. هڪ هڪ پٿر اهڙي خوبصورتيءَ سان هنيل هو، ڄڻ اها ڏاڪڻ تاج محل جو ڪو حصو آهي. ڏاڪڻ جي پٿين تي موزيڪ جو نزاڪت ۽ نفاست سان ڪم ٿيل هو، ڪاٺ جو نقشين در، فن جو اعليٰ نمونو هو، ۽ جڏهن رات جو بلبن جي هلڪي روشني ڏاڪڻ جي سنگ مرمر کي جرڪائيندي هئي، ته اها ڏاڪڻ ڪنهن حسين خواب جو منظر پيش ڪندي هئي.

۽ هاڻ مان انهيءَ ڏاڪڻ جي هيٺين سري تي بيٺو هوس. ڪن گهڙين کانپوءِ مان انهيءَ ڏاڪڻ تي چڙهڻ وارو هوس، جنهن ڏاڪڻ تي، تصور ۾ نه ڄاڻ ڪيترا دفعا چڙهي چڪو آهيان. مونکي ائين پئي لڳو، ته اهو گهر منهنجو پنهنجو آهي، انهيءَ جي ڪنڊ ڪنڊ کان مان واقف آهيان. ۽ جڏهن فيروز ڪال بيل تي آڱر رکي، ته دل پڪاريو ـــ ڪال بيل ڇو وڄائيي. ڇو ٿو ڪنهنکي سڏين، هتي ته مان اڪيلو وڃي سگهان ٿو، هن گهر جي هر سِر مونکي سڃاڻي.

ڪال ـ بيل جي جواب ۾، هڪ نوڪر ڏاڪڻ لهندو نظر آيو، جنهنکي صاف ستھرا، اڇا ڪپڙا پيل هئا. فيروز کي هو سڃاڻيندو هو، ڪيس ادب سان سلام ڪيائين، ۽ مٿي هلڻ لاءِ چيائين، ۽ پاڻ هتي بيهي رهيو. اڳيان فيروز ۽ پٺيان مان هوس، ۽ نوڪر اسانجي پٺيان هو. ڏاڪڻ جي هڪ هڪ ڏاڪي تي مون ائين ٿي پير رکيو، ڄڻ سڃاڻڻ جي ڪوشش ٿي ڪيم، ته اِهي واقعي اُهي ئي ڏاڪا آهن، جن تي مان تصور ۾، ۽ خوابن ۾ چڙهيو آهيان.

ڏاڪڻ چڙهي، ڪجهه اڳتي هلي، فيروز بيهي رهيو، مان به سندس پرسان پهچي بيهي رهيس. ڏاڪڻ ختم ٿيڻ تي، ٿورو اڳيان هڪڙو دروازو هو، جيڪو کليل هو، ۽ انهيءَ تي وڏا ـ ڳرا پردا پيل هئا. نوڪر اڳتي وڌي پردا سيرايا، ۽ اسانکي اندر اچڻ لاءِ

صوفا سيٽ ۽ سيٽيون پيل هئا. پٽ تي وڏن وڏن وارن وارو نرم ۽ سهڻو ڳوڙهو ڳاڙهو غاليچو وڇايل هو. ڇٽني پٽين تي سهڻا لائيٽس گلوب لڳل هئا.

مان اڃا ڊرائينگ روم کي ئي ڏسي رهيو هوس، ته ڪمري جو پردو هٽائيندي هڪ شخص اندر آيو. فيروز آهستي سان چيو، ”سيٺ ڪريم.“

سيٺ صاحب جي عمر اٽڪل سٺ کن سالن جي هوندي. جسم ڀريل - پتل، چهري مان شرافت بکي رهي هئي. فيروز تعارف ڪرايو، سيٺ صاحب ڏاڍي گرمجوشيءَ سان هٿ ملايو، ۽ پوءِ ٽيئي ويهي رهياسين. پهرين ته مختلف موضوعن تي ڳالهيون ٻڌنديون رهيون، ڪجهه دير کانپوءِ نوڪر ٽرالي ٽري ۾ چانهه کڻي آيو. سڄي ٽرالي ٽري مختلف شين سان ڀريل هئي. مون ٻه - ٽي بسڪيٽ کنيا ۽ چانهه جو ڪوپ کڻي خاموشيءَ سان فيروز ۽ سيٺ صاحب جون ڳالهيون ٻڌڻ لڳس.

فيروز، سيٺ صاحب جو پريو، جو مائٽ هو، پر سيٺ صاحب جنهن ريت فيروز سان ڳالهائي رهيو هو، تنهن مان اهو ئي اندازو ٿيو ٿي، ته سيٺ صاحب، فيروز کي ڏاڍي عزت ڏيندو آهي. فيروز سيٺ صاحب جي پٽ نديم لاءِ پڇيو، جيڪو لنڊن ۾ پڙهيو پي سيٺ صاحب ٻڌايو ته هنجي واپس اچڻ ۾ اڃا ٻه سال آهن. پوءِ فيروز منهنجو وڌيڪ تعارف ڪرائيندي چيو، ”چاچا، اوهان چيو هو ته مان ياسمين لاءِ سٺي ٽيچر جو بندوبست ڪريان. ٽيچر ته گهڻا ئي ملي سگهن ٿا، پر منظور جهڙو ذهين، شريف طبيعت ۽ مهذب شايد ئي ڪو ملي.“

پنهنجي تعريف ٻڌي، مان ڪنڌ جهڪائي ويهي رهيس. فيروز ڳالهائيندو رهيو: ”اوهان اهو نه سمجهجو، ته مان دوستيءَ ڪري سندس تعريف ڪري رهيو آهيان. اها حقيقت آهي، ته منظور منهنجو بهترين دوست آهي، ۽ سچ پچ ساڳس دوستيءَ جو وڏو سبب

ٻہ سندس شرافت ۽ سٺو سڀاءُ آهي. مونکي تہ ٻڌپ هو، تہ شايد هيءَ، اها ڳالھہ نہ قبولي. پر مونکي خوشي ٿي، تہ هن منھنجو چيو مڃي ورتو.

”چاچا، منظور جي هڪ ڳالھہ مونکي ڏاڍي وڻي. هنجو چوڻ آهي تہ: پڙهائڻ کي فقط پيشي جي صورت ۾ اختيار ڪيو وڃي ٿو. ٽيچر فقط پئسي جي خاطر پاڙهيندا آهن. انهن جي ذهن ۾ پڙهائڻ جي عيوض فقط پگهار وٺڻو هوندو آهي. پر اهائي شيءِ ڪامياب ٿيندي، جنهن ۾ فن هوندو. هنجو چوڻ آهي تہ: پڙهائڻ بہ هڪ فن آهي، ۽ مان اِهو ثابت ڪري ڏيکاريندس.“

”مونکي خوشي ٿيندي،“ سيٺ صاحب، فيروز جو طويل تعارف ٻڌي جواب ڏنو. ”فيروز، مونکي توتي ڀروسو آهي. ياسمين تنھنجي ڀيڻ آهي، ۽ توکي سندس پڙهائيءَ جو شروع کان ئي فڪر هو. منظور صاحب جا اهي لڇڻ لائق آهن، جو هنن پڙهائڻ قبوليو. مونکي ڪين رڪي خوشي ٿيندي. تو مونکي اهو بہ ٻڌايو هو، تہ هي هڪ سٺي خاندان مان آهن، اها ٻاڻ وڌيڪ خوشيءَ جھڙي ڳالھہ آهي، مان سٺي خاندان وارن جي عزت ۽ قدر ڪندو آهيان.“

سيٺ صاحب ڇروٽ ڌُڪايو، ۽ ڪجھہ دير خاموشيءَ سان پيئندو رهيو. پوءِ نوڪر کي سڏ ڪري چيائين، ”ياسمين کي سڏي اچ.“

ڪجھہ دير کانپوءِ گلابي، ۽ سوڙهن ڪپڙن ۾ هڪ نازڪ ٻُگهي ۽ سهڻي رنگت واري ڇوڪري ڪمري ۾ داخل ٿي، ۽ اچڻ سان سلام ڪيائين. سيٺ صاحب ڪيس ويھڻ لاءِ چيو، ياسمين ويٺي تہ سيٺ صاحب چيو، ”ياسمين، منظور صاحب تنھنجو نئون استاد آهي. فيروز سندن ڏاڍي تعريف ڪئي آهي. منظور صاحب سٺو اديب ۽ هڪ شريف ۽ قديمي خاندان مان آهي. ڏسڻو اِهو آهي، تہ هي توکي پڙهائڻ ۾ ڪامياب ٿين ٿا، يا تون هنن کي ٻين وانگر ڀڄائي ڪڍڻ ٿي.“ سيٺ صاحب ڳالھہ ڪري ٽهڪ ڏنو. اسان ٻنھين بہ کلي ڏنو، ياسمين شرمائجي ڪنڌ جھڪائي ڇڏيو.

”شڪر آهي خدا جو. ڪجھ نہ هئڻ کان، اهو بہ چڱو.“

امان وري نماز پڙهڻ لڳي، ۽ پوءِ اِها نماز روز کان ڊگهي ٿي ويئي. مان اُٿي پنهنجي ڪمري ۾ آيس. ڪرسيءَ تي ويهڻ بدران پيت کي ٽيڪ ڏئي گلم تي ئي ويهي رهيس. نہ ڄاڻ ڪيتري دير ائين ويٺو رهيس. هڪڙا خيال آيا ٿي، ٻيا ويا ٿي. ڪڏهن خيال ماضي ڏانهن ٿي وٺي ويا، ڪڏهن مستقبل ڏانهن ٿي گهليئون، ۽ حال اکين آڏو هو. خيالن جو هڪ وسيع سلسلو هو، جنهنجو ڪو انت ڪونہ هو. چون ٿا تہ: قدرت هر شيءِ ۽ هر انسان کان ڪنهن نہ ڪنهن ڪم وٺڻ لاءِ خلقيو آهي. دنيا ۾ موڪلڻ لاءِ ڪونہ ڪو مقصد ضرور هوندو آهي — مونکي ڪهڙي مقصد ڪارڻ موڪليو ويو آهي؟ مونکان قدرت کي ڪهڙو ڪم وٺڻو آهي! پنهنجي ادب جي خدمت لاءِ قدم اڳتي وڌائڻ جي ڪوشش ڪيم، پر اڌ پنڌ تان موٽڻو پيو. شايد اهو ڪم ڪنهن ٻئي کي سونپيل آهي. فيصلو ڪيم تہ اسڪول ۾ ٻارن کي پڙهائڻ جي ذميواري پاڻ تي کڻان، پر انهيءَ لاءِ مونکي موزون نہ سمجهيو ويو. تہ پوءِ منهنجي زندگيءَ جو مقصد ڇا آهي؟ ڇا منهنجي ذمي اهو ڪم آهي، تہ مان سدائين مايوسين ۾ مبتلا رهان. زندگيءَ ۾، منهنجي حصي ۾ فقط ناڪاميون لکيل آهن. جيڪو چاهيان اُهو حاصل نہ ڪري سگهان— ڇا انهيءَ کي زندگي چئجي ٿو؟

منهنجي زندگيءَ ۾ ڪابہ عورت داخل نہ ٿي آهي. مون تہ ڪنهن عورت کي دل پري ڏٺو بہ ڪونهي. ۽ هاڻ پڙهائڻو اٿم هڪ ڇوڪريءَ کي، جنهنکي ڏسڻ سان مان بيخود ٿي ويس. اهڙي سونهن، جنهن جهڙي سونهن مون هنکان اڳ نہ ڏٺي هئي. ٿي سگهي ٿو، ٻين جي نظرن ۾ اها سونهن ايڏي اهميت نہ رکندي هجي، پر مون، جنهن ڪنهن ڇوڪريءَ کي پرپور نظرن سان ڏٺو بہ نہ هجي، تنهن لاءِ سونهن جي اها آخري حد چئجي، تہ بہ غلط ڳالهہ نہ ٿيندي.

پر مان اهو سڀ ڪجھ ڇو پيو سوچيان. هوءَ منهنجي شاگرد ٿيندي. مان هنکي پڙهائڻ ويندس، محبت ڪرڻ نہ، هوءَ منهنجي محبوبہ ڪانهي. مونکي هنجي متعلق اهڙيون ڳالهيون نہ

Gul Hayat Institute

سوچڻ گهرجن. منهنجي ذهن ۾ ته هنجي متعلق فقط هڪ ڳالهه اچڻ گهرجي. هوءَ پڙهي پوي. فيروز منهنجي ڪيڏي نه تعريف ڪئي آهي. سيٺ صاحب منهنجو تعارف ڪرائيندي ڪيڏو نه خوش پئي ٿيو ته منهنجو تعلق سٺي خاندان سان آهي . ۽ هاڻ مان ڇا پيو سوچيان ....

شام جو ڇهين وڳي ، مان تيار ٿي ياسمين جي گهر ويس . گهنٽي دٻائيم، ساڳيو ڪلهوڪو نوڪر نڪري آيو. مونکي ساڻ وٺي، ڊرائينگ روم ۾ ويهاريائين، ۽ پاڻ هليو ويو. ڪجهه دير ڪانپوءِ ياسمين آئي. اڄ هلڪا ساوا ڪپڙا پيل هئس. زيورن ۾ به ساوانڱ هئا، جُتي به سائي ۽ چوڙيون به سايون . مونکي ائين محسوس ٿيو، ڄڻ مان ڪنهن سرسبز باغ ۾ پهچي ويو آهيان . هن اچڻ سان سلام ڪيو، ۽ پرسان صوفي تي ويهي رهي، ڪنڌ جهڪيل هوس، ۽ گهڙيءَ گهڙيءَ پنهنجي سوڙهي چولي کي ڇڪي هيٺ ٿي ڪيائين . ڪجهه دير خاموشي رهي . پوءِ مون چيو ، ”اوهان پنهنجا ڪتاب ڏيکاريو.“

هوءَ ڪجهه هٻڪي، ڪتاب ڪڻندي هٿ ڏڪيس. مون هٿ وڌائي ڪتاب ڪنيا.

هن اکيون مٿيرو ڪنيون ۽ ڪجهه چوڻ چاهين، ”سر....

مون سندس ڳالهه اڌ ۾ ڪٽي، ”منهنجو نالو منظور آهي ، بهتر ٿيندو ته اوهان مونکي منهنجي نالي سان پڪاريو.“

”منظور صاحب، مان دراصل اڃا هيٺين درجي جا ڪتاب...“

وري به مون ڳالهه ڪٽي، ”انهيءَ سان ڪو فرق نٿو پوي، مس ياسمين . مونکي سڀ خبر آهي. اوهين بي فڪر رهو ۽ تڪلف نه ڪريو ته شايد مان آسانيءَ سان اوهانکي پڙهائي سگهندس.“

مون ڪتاب ڏٺا. انين درجي جا ڪتاب هئا . مون ڪتاب رکي پڇيومانس ، ”اوهانکي انهن مان ڪهڙا سبجيڪٽ وڌيڪ پسند آهن.“

”سنڌي ۽ تاريخ.“ هن مختصر جواب ڏنو.

Gul Hayat Institute

”سٺو. اوهانکي پنهنجي ٻوليءَ سان محبت ٿي ڏسجي.“

”پنهنجي ٻوليءَ سان محبت ڪنهنکي نہ هوندي.“ هن شرمائيندي جواب ڏنو.

مون ڪيس سنڌيءَ ۾ صورتخطي لکائي، ۽ تاريخ مان سوال پڇيم. انگريزيءَ ۾ ڊڪٽيشن لکايم، ۽ ڪجھہ حساب ڪرايم. منهنجي توقع جي خلاف هوءَ پڙهڻ ۾ چڱي هئي. ٿوري محنت سان هوشيار ٿي سگهي ٿي.

مان پڙهائڻ ۽ هوءَ پڙهڻ ۾ ڏاڍي مشغول هئي. اهو سلسلو شايد طويل ٿئي ها، پر نوڪر ٽراليءَ ۾ چانھہ ۽ سنيڪس کڻي آيو. نوڪر ٽرالي ڇڏي هليو ويو. ياسمين ڪاپي بند ڪري، صوفي تي رکي ۽ چانھہ ٺاهڻ لڳي.

”مِس ياسمين، اهو تڪلف ٺيڪ نہ آهي. مان فقط پڙهائڻ اچان ٿو.“

”انهيءَ ۾ تڪلف جي ڪهڙي ڳالھہ آهي سر .... معاف ڪجو منظور صاحب. چانھہ ٺهي تہ آهي، ماني تہ ڪانهي.“

اسين چانھہ پيئڻ لڳاسين. چانھہ جو ڪوپ رکي مون چيو، ”مِس ياسمين، هڪ ڳالھہ چوان، اوهين دل ۾ تہ نہ ڪندا؟“

”اوهين چئو، مان نہ ڪندس دل ۾.“

”ڏسو مِس ياسمين، اوهانکي پڙهائڻ لاءِ مونکي رکيو ويو آهي. منهنجي خيال سان، اوهان عمر جو ڪافي عرصو ضايع ڪري ڇڏيو آهي. جيڪڏهن اوهانجي تعليم ڪنٽينيو هجي ها، تہ هينئر گهٽ ۾ گهٽ انٽر ڪري وٺو ها.“ مون ياسمين ڏانهن ڏٺو، هوءَ اجا چانھہ پِي رهي هئي. ”هاڻ جيڪڏهن اوهان اهو فيصلو ڪري ورتو آهي، تہ اوهانکي پڙهڻو آهي، تہ ٻيوءَ اسانکي پاڻ ۾ تعاون ڪرڻو پوندو. مان خيال ۽ محنت سان پڙهائيندس، ۽ اوهين ڌيان ۽ محنت سان پڙهندا. اوهانجي اڄوڪي پڙهائيءَ مان مونکي اندازو ٿي ويو آهي، تہ اوهانکي شوق آهي. مان چاهيان ٿو، اوهين سال جي اندر اندر مئٽرڪ ڏئي وجهو.“

”سال جي اندر!“ ياسمين اچرج مان پڇيو.

”ها. اچرج جي ڳالهه ڪانهي. مان گهڻي ۾ گهڻو اوهانکي پنجن مهنن ۾ انين ۽ نائين ڪلاس جو ڪورس ختم ڪرائي ڇڏيندس. باقي مهينا ميٽرڪ لاءِ ڪوڙ آهن. جيڪڏهن اوهان به پوريءَ ريت محنت ڪئي.“

”مان پوريءَ طرح محنت ڪندس.“ ياسمين مُرڪي چيو.

ياسمين جي گهران نڪري، فيروز جي گهر ويس. هو منهنجو ئي انتظار ڪري رهيو هو.

”بڌاءِ، پهريون ڏينهن ڪيئن رهيو؟“ فيروز مُرڪي پڇيو.

”توقع کان وڌيڪ سٺو. ياسمين جلد پڙهي ويندي.“

”خدا ڪري. ائين به تو ۾ سٺي ماستر جا جوهر آهن.“ هن کلي ڏنو.

”مهرباني،“ مان مُرڪيس.

ڪجهه دير فيروز وٽ ويهي، مان گهر موٽي آيس.

ياسمين کي پڙهائيندي مونکي مهينو ٿي ويو هو. شروع ۾ پڙهائيندي جيڪا هٻڪ مون ۾ هئي، سا ختم ٿي وئي. ياسمين جو شرم ۽ تڪلف به گهڻي ڀاڱي ختم ٿي ويو هو. انين درجي جو ڪورس گهڻي ڀاڱي ياسمين اڳ ۾ ئي پورو ڪري ورتو هو. مون رهيل ڪورس ڏيڍ مهيني جي اندر پورو ڪرائي ڇڏيو، ۽ اهو دهرائجي به ويو ۽ هاڻ نائين جو ڪورس هلي رهيو هو.

شام جو مان وقت تي پهچي ويس. نوڪر ڊرائينگ روم ۾ ويهاريو. ياسمين اڃا نه آئي هئي ڪجهه دير کانپوءِ نوڪر پيهر آيو. اچي ٻڌائين، ”ياسمين بي بي جون ڪجهه ساهڙيون آيل آهن، هنن چيو آهي تہ: معاف ڪجو، مان ٿوري دير ۾ اچي ويندس.“

”ٺيڪ آهي.“ مون جواب ۾ چيو.

”نوڪر ٻاهر هليو ويو. مان ويٺي ويٺي ڊرائنگ روم جو

Breaking up ـ قطع تعلق. مون ڪتاب کڻيو. پيپربيڪ ۾ تمام سهڻي ٽائيٽل سان W. H Mean Ville جو ناول هو. ڪجهه صفحا سامهون جا ڏسي، سيئي صفحا اٿلائي، آخري صفحو ڏسڻ لڳس. ناول ۾ ڪل ارڙهن باب هئا، ۽ ارڙهون باب ڪل ٻن سٽن جو هو. ڏاڍو غمگين ۽ دل تي اثر ڪندڙ.

June, I love you. I cannot help you. I will never forgive myself that. Good by.

جون، مونکي توسان محبت آهي. مان تنهنجي مدد نه ڪري سگهيس. مان توکي پنهنجي طرفان ڪڏهن به وساري نٿو سگهان. خدا حافظ.

ڪيڏو نه ڏک، ڪيڏي نه عاجزي، ڪيڏي نه مجبوري. انسان ڪيڏو مجبور آهي، هنجي وس ۾ ڪجهه به ڪونهي. جنهنکي چاهي ٿو، انهيءَ کي حاصل نٿو ڪري سگهي. جنهن سان زندگيءَ جي هر گهڙي، سندس سکون، سندس خوشيون وابسته آهن، جنهنجي جدائيءَ جو هو تصور به نٿو ڪري سگهي، پنهنجي زبان سان ئي کيس خدا حافظ چوڻو پوي ٿو.

”منظور صاحب.“ مان ڇرڪيس، مڙي ڏٺم، ياسمين بيٺي هئي. کيس هلڪا گلابي ڪپڙا پيل هئا. گهڙي کن ته مان کيس ڏسندو ئي رهيس، پر جلدي اکيون جهڪي ويون، ۽ پوءِ پنهين جي واتان ساڳي وقت نڪتو:

”معاف ڪجو.“

لفظن جي انهيءَ ٽڪراءَ تي اسان ٻهين کلي ڏنو. مون کلندي چيو، ”چڱو ڀلا پهرين اوهين معافي گهري ورتو، پوءِ مان گهرندس.“

”مونکي ته دير ٿي ويئي، تنهن جي ٿي معافي گهران، پر اوهان ڇا جي معافي گهرندا!“ ياسمين اچرج مان پڇيو.

”بنا اجازت ڪتاب ڏسڻ جي.“

”اها به ڳالهه آهي.“ ڪپڙن ڏانهن ڏسندي چيائين، ”اوهان

تہ فقط هڪڙو ڪبٽ ڏنو آهي، ڇاهيون شو ڪيس جي مٿان پيون هيون، پيا بہ ڪولي ڏسو ها."

"مهرباني. هڪڙي ڪبٽ ۾ ئي ايترا ڪتاب آهن، جو ڏسڻ ۾ جيڪر هفتو ڪن تہ لڳي وڃي." مون مُرڪندي چيو.

"ادا نديم کي ڪتابن سان ڏاڍي دل آهي. هي ڏسو نہ، اهي ٽيئي حصا جن ۾ ناول، ڪهاڻين جا مجموعا ۽ شعرن جا ڪتاب آهن. اهي سڀئي ادا جا آهن. باقي ٻہ حصا، جن ۾ تاريخ ۽ مذهب تي ڪتاب آهن، اهي ديدي جا آهن."

مون ڪتاب پنهنجي جاء تي رکي، ڪبٽ بند ڪيو، ۽ صوفي ڏانهن وڌندي پڇيم، اوهانکي بہ ڪتابن سان دلچسپي آهي؟"

"ها، تمام گهڻي. پئي سچي ڳالهہ تہ اها آهي، مان انگريزيءَ جا ڪتاب تہ پڙهي ڪونہ سگهان، سنڌي ۽ اردو پڙهندي آهيان. ڪجهہ وقت کان اردو بند ڪري، فقط سنڌي پڙهڻ تي زور رکيو اٿم."

"تمام سٺو. ادب ۾ اوهين ڇا پسند ڪندا آهيو؟"

"شاعريءَ سان بہ دلچسپي اٿم، پر ڪهاڻين سان خاص لڳاءُ اٿم. ناول تہ طويل طويل ٿا ٿين، مونکي نٿا وڻن."

مون ڪجهہ ڳالهائڻ چاهيو، پر هن منهنجي ڳالهائڻ کان پهرين ئي چيو، "مان اردو ناولن جي باري ۾ چوان پئي. سنڌ ۾ تہ ناول نہ هئڻ جي برابر آهن، البت ڀارت ۾ گهڻا نڪتا آهن، پر انهن جي ٻولي مونکي سمجهہ ۾ نٿي اچي. ڪهاڻين سان بہ ساڳي ويڌن آهي. انهن جي مقابلي ۾ سنڌ جي ڪهاڻي زور آهي."

"اڇا." سندس ڳالهين ۾ منهنجي دلچسپي وڌي ويئي. مون سوچيو بہ نہ هو، تہ هيءَ ادبي ذوق رکندي هوندي.

"ڀلا اوهانکي ڪهڙا ڪهاڻيڪار وڻن ٿا؟" مون ڌڙڪندي دل سان پڇيو.

"موهن ڪلپنا ۽ آغا سليم."

منهنجي دل جي ڌڙڪڻ گهٽجڻ لڳي. هن ڳالهہ جاري

Gul Hayat Institute

رکندي چيو، ”مون اوهانجيون به ڪئين ڪهاڻيون پڙهيون آهن. مونکي اوهانجي ڪهاڻين ۾ خاص ڪري آهي ڏاڍيون وڻيون، جيڪي ڪوٽ ۾ بند چوڪرين تي لکيل آهن. اوهانجي هوءَ ڪهاڻي به تمام سٺي هئي، جنهن ۾ هڪ اديب تصوراتي ڪهاڻيون لکي ٿو، ۽ تصوراتي هيروئن سان حقيقت ۾ محبت ڪرڻ لڳي ٿو. پر حاصل ڪري سگهي.

”ڪيتري نه عاجزي، ڪيتري نه لاچاري، ڪيترو نه رنج آهي انهيءَ ڪهاڻيءَ ۾. مونکي آهي ڪهاڻيون ڏاڍيون وڻنديون آهن، جنجي پڇاڙيءَ ڏک تي ختم ٿيندي آهي. دراصل اهڙيون ڪهاڻيون ذهن کي متاثر ڪن ٿيون.“

مان چرڪيس. اها سوچ ته منهنجي آهي. اهڙي انداز سان، اهڙي لفظن سان ته منهنجو اندر سوچيندو آهي. هنجي زبان مان اهي لفظ ڪيئن نڪتا. منهنجي دل خوشيءَ ۾ تيز تيز ڌڙڪڻ لڳي. ته انهيءَ جي معنيٰ، ڪو منهنجيون ڪهاڻيون به پڙهي ٿو. منهنجون ڪهاڻيون به دل سان پسند ڪري ٿو. منهنجون ڪهاڻيون به ياد ڪيون ڪيون وڃن ٿيون.

”اوهان ڇا سوچڻ لڳا؟“ منهنجي سوچ کي طويل محسوس ڪري، ياسمين پڇيو.

”هون .... ڪجهه به نه.“ مون جلديءَ سان جواب ڏنو. اوهان ڪاپي کوليو.

ياسمين ڪاپي کوليندي سوال ڪيو، ”منظور صاحب، اوهان ڪتابي سلسلو ڇو بند ڪيو؟“

جڻ ڪنهن دل ۾ ڇهنڊڙي هنئين، ڦٽڪي پيس. وڌيڪ ڪجهه نه چئي، فقط ايترو چيم، ”بس. مجبوري.“ متان ڪو ٻيو سوال نه ڪري وجهي. مون ڪيس پڙهائڻ شروع ڪري ڏنو. هوءَ به خاموشيءَ سان پڙهندي رهي. انهيءَ وچ ۾ چانهه آئي، ۽ ڪجهه دير لاءِ پڙهائي بند ٿي. پر مان سندس ڪنهن به وڌيڪ سوال جي جواب کان بچڻ لاءِ، سندس ڪورس ڏسڻ لڳس، ۽ ڏنل ڪم جاچيندو

رهيس.

مون ياسمين کي ٻن ڪلاڪن لاءِ پڙهائڻ جي حامي ڀري هئي، پر پڙهائيندي پڙهائيندي ـ ٽي، ڪڏهن چار ڪلاڪ به ٿي ويندا هئا. هڪ ڀيري ياسمين چيو به، "منظور صاحب، اوهانکي ته فقط ٻن ڪلاڪن لاءِ پڙهائڻو آهي، پر هتي ته ٽي ٽي ڪلاڪ به ٿي ويندا آهن."

"اوهه، معاف ڪجو، شايد بور ٿي ويا." مون ڪتاب بند ڪندي چيو هو.

"اهڙي ته ڳالهه ڪانهي. مونکي ته هاڻ اوهين سڄو ڏينهن پڙهائيندا، ته به پڙهنديس. مونکي هرحالت ۾، سال ۾ ميٽرڪ ڪرڻي آهي. جڏهن اوهانکي منهنجو ايترو خيال آهي، ته پوءِ مونکي ڪيئن نه ٿيندو."

"ته پوءِ نيڪ آهي، اوهين انهيءَ متعلق وڌيڪ نه سوچيو. مونکي ڪو به ٻيو ڪم ڪونهي. فقط رات جو فيروز سان ملندو آهيان. ۽ هن وٽ ڪيڏيءَ مهل به وڃان، هو دل ۾ نه ڪندو آهي. مان فقط چاهيان ٿو، مون جيڪو چيو آهي، سو ٿي سگهي." وري ڪلندي چيم. "ها، اوهين جيڏيءَ مهل بور ٿيو، مونکي بنا تڪلف چئي سگهو ٿا."

ياسمين به کِلي ڏنو "ها ضرور. بوريت ساڻ ڪري، ڪيئن پڙهبو."

ياسمين کي پڙهائيندي مونکي ٽيون مهينو شروع ٿيو هو. اسان ۾ جيڪا اجنبيت هئي، سا هاڻ ڪنهن حد تائين ختم ٿي چڪي هئي. ياسمين جو شرم به ڪافي گهٽجي ويو هو ۽ سندس ڪورس ڏاڍي تيزيءَ سان هلي رهيو هو. مان حيران هوس ته هن ڇوڪريءَ لاءِ چيو ٿي ويو ته هيءَ احساس ڪمتريءَ ۾ مبتلا آهي ۽ ڪنهنڪان به پڙهي نٿي سگهي. مون سوچيو: ڇا واقعي ياسمين پڙهي

Gul Hayat Institute

ٽئي سگهي، يا ڪنهن ڪيس پڙهائڻ جي ڪوشش ئي نہ ڪئي هئي. جيڪا بہ ٽيچر آئي ٿي، اچڻ سان ڪتاب کولي، ابتا سبتا سوال پڇي، ابتو سبتو ڪم ڪرائي، هرمهيني ٽيوشن جا پئسا وٺي وڃي، چڙ تہ سندن فرض پورو ٿي ويو. ڪنهن بہ ياسمين جي نفسيات کان واقف ٿيڻ جي ضرورت محسوس نہ ڪئي. ڪين بہ ڇو، انهن کي پئسن سان ڪم هو، ياسمين پڙهي يا نہ پڙهي، انهيءَ سان سندن ڪهڙو واسطو.

پر مون ائين نہ ڪيو، مان پڙهائڻ جي معاملي ۾ پنهنجو الڳ نظريو رکندو آهيان. مان نفرت جي بنياد تي نہ، بلڪ محبت جي بنياد تي ڪم ڪرڻ جو عادي آهيان. فيروز کان ياسمين متعلق ڪافي معلومات حاصل ڪئي هئي. پوءِ جڏهن ياسمين سان مليس تہ اها ڪوشش ڪيم تہ سندس دلچسپيءَ جون شيون ڪهڙيون آهن. هوءَ ڇا پسند ۽ ڇا ناپسند ڪندي آهي. انهيءَ سان گڏ مون ڪيس اها ڳالهہ بہ ذهن نشين ڪرائي، تہ هوءَ هوشيار ڇوڪري آهي، جلدي پڙهي سگهي ٿي، جيڪڏهن ڪجهہ محنت ڪري.

مون هن ۾ اعتماد پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ۽ تڏهن مونکي ڏاڍي خوشي ٿي، جڏهن ڏٺم تہ مان ڪامياب پيو ٿيان. ياسمين ڏاڍي محنت سان پڙهي رهي هئي. اهو ڪورس، جيڪو ڪو پيو شاگرد ڇهن ستن مهينن ۾ ڪري ها، هن گهڻي حد تائين ٽن مهنن جي شروعءَ ۾ ئي پورو ڪري ورتو.

ڊرائنگ روم ۾ ويٺي مونکي گهڻو وقت نہ ٿيو هو، جو ياسمين ڪمري ۾ داخل ٿي. ليڊي هئمليٽن جو اڇو سوٽ پيل هئس. ڳلي ۾ چانديءَ جي زنجير، ڪنن ۾ چانديءَ جا ڊگها مڪرَ، ٻانهن ۾ چاندي ۽ شيشي جون اڇيون چوڙيون ۽ آڱر ۾ چانديءَ جو ڇلو پيرن ۾ اڇين پٽين سان نازڪ چمپل.

مون ڪيس ڏٺو، ڪي گهڙيون تہ ڏسندو ئي رهيس. سندس گلابي رنگ اڇن ڪپڙن ۾ جهرجهر جرڪيو پئي. جڏهن هوءَ پرساڻ واري صوفي تي ويٺي، تہ مون ڪانئس ڪاپي گهري ۽ ڏنل

ڪم ڏسڻ لڳس. سڀ ڪم نيڪ ڪيل هو، اکر تمام سهڻا ۽ صفائيءَ سان لکيل هئا.

”اوهانجا اکر ڏاڍا سهڻا آهن.“ مون ڪيس ڪاپي ڏيندي چيو.

”بس اکر ئي ته سهڻا آهن.“ هن مرڪي جواب ڏنو.

”ڇا مطلب؟“ مون ڪجهه ڇرڪندي پڇيو.

”منهنجو مطلب آهي ته ايندو ته ڪجهه نه اٿم، فقط اکر ئي ڪجهه ’نيڪ‘ آهن.“ هن نيڪ لفظ تي زور ڏنو.

”نه نه، اها ڳالهه ته ڪانهي. اوهان ته هاڻ پڙهڻ ۾ به چڱا تي ويا آهيو.“

”منظور صاحب، اوهين فقط دل رکڻ لاءِ ته نه پيا چئو؟“

”مس ياسمين، منظور اڄ تائين ڪنهنکي خوش ڪرڻ لاءِ غلط ڳالهه نه ڪئي آهي.“

”اوه، معاف ڪجو. منهنجو مقصد غلط نه ونجو.“

”نه. پر هاڻ جيڪا ڳالهه مان چوڻ چاهيان ٿو. انهيءَ مان به اوهين غلط مطلب نه ڪيجو.“ مون مُرڪندي چيو.

”ڇا!“ هن حيران ٿي پڇيو.

”اوهانکي ڪپڙن پائڻ جو فن اچي ٿو. ڏاڍي سليقي سان ڪپڙا پايو ٿا. پسند به سٺي آهي، ۽ رنگن جو انتخاب به هميشه وڻندڙ هوندو آهي.“

”مهرباني. دراصل مونکي هلڪا رنگ وڻندا آهن، خاص ڪري اڇو. ڪڏهن ڪڏهن شوخ رنگ به پائي ونندي آهيان. پر هلڪن رنگن کي ترجيح ڏيندي آهيان.“

ڳالهين جو سلسلو ختم ڪري مان پڙهائڻ ۾ مشغول ٿي ويس، ۽ لاڳيتو ڪلاڪ کن پڙهائيندو رهيس انهيءَ وچ پڙهائڻ کان علاوه ڪابه بي ڳالهه نه ٿي. جڏهن ڪلاڪ گذري ويو ته ياسمين اوٻاسيون ڏيڻ لڳي. ٻن ٽن اوٻاسين تائين ته مان خاموش رهيس، پر پوءِ نيٺ چيم، ”ڇو مس ياسمين، اوهانکي ننڊ ٿي اچي؟“

ياسمين کلڻ لڳي.

”ڇا مان غلط پيو چوان؟“ مون کيس کلندي ڏسي پڇيو.

”بلڪل نہ. تعجب آهي، مونکي بہ قوالين ۽ پڪي ڳائڻ سان سخت نفرت آهي. ڀلا اوهين پسند ڇا ٿا ڪريو؟“

”ڏسو، گيت ۽ سنگيت جي معاملي ۾ منهنجو نظريو اهو آهي تہ سنگيت جو سڌوسنئون روح سان تعلق هوندو آهي. سٺو گيت اهو، جيڪو پهرين دفعي ٻڌڻ سان ئي وڻي، ۽ بي اختيار زبان تي اچي وڃي، ۽ اهڙو گيت پوءِ ڪڏهن نہ وسرندو. جيڪو زبان تي نہ اچي سگهي، جيڪو ذهن کي متاثر نہ ڪري، انهيءَ ۾ خوبي ڪهڙي. سٺو سنگيت تہ دل جي گهراين ۾ لهي ويندو آهي ۽ هميشہ لاءِ اُتي پنهنجي لاءِ جاءِ ناهي وٺندو آهي. ۽ اهڙي سنگيت کي اهو ئي خلقي سگهندو، جنهنکي موسيقيءَ جي علم جي پوري ڄاڻ هوندي.

”اُئين هلڪي ڦلڪي موسيقي ۽ سولا سڌا گيت جيڪي سنڌي ۽ مشرقي سازن تي ڳائل هجن. مونکي وڌيڪ وڻندا آهن. مغربي ڌُن تي ڳايل ديسي گيت ٻڌڻ پسند نہ ڪندو آهيان. جيڪڏهن مغربي موسيقي ٻڌڻي آهي تہ پوءِ ڇو نہ انگلش سانگس (Songs) ٻڌجن. مغربي موسيقي جي ڄاڻ اسانجي موسيقارن کان وڌيڪ انهن کي آهي.“

”اوهانجو مطلب آهي تہ موبي ساز استعمال نہ ڪجن؟“ ياسمين پڇيو.

”نہ نہ، منهنجو اِهو مطلب ڪونهي. مان مغربي سازن جي خلاف نہ آهيان، مشرقي ڳائڻ ۾ مغربي ڌنون. انهنجي خلاف آهيان. ڏسو نہ، هر ٻوليءَ جو پنهنجو مزاج آهي، هر ملڪ جو ڪلچر الڳ الڳ آهي. اسٽائيل بہ الڳ، مزاج بہ جدا. هر ملڪ جي سنگيت کي انفراديت حاصل آهي. پاڪ - هند تہ اهڙا ملڪ آهن، جتي گيت ۽ سنگيت جنم ورتو آهي. ٻاهرين دنيا وارن هتان ئي اِهو پرايو، ۽ هاڻ اسانجا هالو چالو موسيقار انهيءَ عظيم فن جو ستياناس پيا ڪن. اسانجا

جا ـ گلنار، انتظار، زينت، جگنو. نوشاد جا ـ رتن، انوکهي ادا، انمول گهڙي، انداز، ميري محبوب، ميلہ، بابل. ايس - ڊي برمن جا ـ ٽيڪسي ڊرائيور، بازي، سجاتا، بندني، گائيڊ....

”گائيڊ!“ خوشيءَ منجهان، منهنجي واتان ذري گهٽ رڙ نڪري ويئي.

”جي؟“ ياسمين ڪجهہ حيران ٿيندي پڇيو.

”هي رڪارڊ وڄايو.“ مون گائيڊ جو لانگ پلي ڏيندي چيو. ياسمين رڪارڊ کڻي ريڊيوگرام ڏانهن وئي. مان ائنولپ کي ڏسڻ لڳس، جنهنجي هڪ طرف فلم جي هيروئن وحيدارحمان ۽ هيرو ديوانند جي تصوير هئي. ۽ ٻئي طرف فلم جي موسيقار ايس - ڊي - برمن جي تصوير ۽ فلم جي گانن متعلق تاثرات.

گائيڊ جا گانا مون ٻہ ـ ٽي دفعا ريڊيو تي ٻڌا هئا. انهن گانن ۾ منهنجي دل جي پڪار هئي. چئو تہ مون ئي لکيا هئا. رفيع ڳائڻ ۾ ڪمال ڪيو آهي، ۽ ايس ـ ڊي ـ برمن ڌُنون ناهڻ ۾. منهنجي دل ۾ جيڪي خواهشون جاڳنديون آهن، انهن مان هڪ گائيڊ فلم جو لانگ پلي رڪارڊ، ريڊيوگرام تي آهستگيءَ سان ٻڌڻ جي خواهش بہ دل ۾ سانديندو آيو آهيان. ڪيڏي نہ ننڍڙي خواهش ـ پر ڪيڏي نہ اذيت برداشت ڪئي اٿم، اهي گانا نہ ٻڌي. ۽ ڪيترو نہ چاهہ اٿم ريڊيوگرام جو.

ريڊيوگرام آهي ـــ گائيڊ جو لانگ پلي رڪارڊ بہ آهي. پر اِهي منهنجا نہ آهن. مان فقط ٻڌي سگهان ٿو، پر پنهنجي مرضيءَ سان نہ.

رڪارڊ وڄڻ شروع ٿي ويو هو، لتا ۽ ڪشورڪمار ڳائي رهيا هئا ـــ ’گاتا رهي ميرا دل‘، ۽ پوءِ هڪ گانو ختم ٿي، ٻيو شروع ٿيو. ياسمين ڪنڌ جهڪايو ويٺي هئي، مان بہ اکيون بند ڪري، صوفي جي پُٺ کي ٽيڪ ڏئي آهلي پيس. لتا جو آواز گونجيو پي، ـــ رات کو جب چاند چمڪي، جل اٿي تن مورا، مين کهون مت کر او چندا. اس گلي کا ڦيرا.

۽ پوءِ ـــ ۽ پوءِ اُهو گانو آيو، جنهن مونکي تڙپائي ٿي

انهيءَ کي حاصل نه ڪري ٿي منهنجي ڀاڳ ۾ لکيل آهي.

اِهو گيت منهنجي روح جي پڪار آهي. اهو پڙاڏو آهي، منهنجي اندر جو. ۽ پوءِ منهنجي ذهن سوچڻ ڇڏي ڏنو. مان خالي ذهن ويٺو رهيس. ۽ نه ڄاڻ رڪارڊ ڪڏهن ختم ٿي ويو هو. مان نه ڄاڻ ڪٿي وڃي پهتو هوس. هوش ئي نه هوم. ذهن ۾ رفيع جو آواز پڙاڏجي رهيو هو- چلو سوهانا ڀرم تو ٽوٽا، جانا ڪي حسن ڪيا هي.

نہ ڄاڻ مان ڪيتري دير ائين سوچ ۾ ٻڏو رهان ها، ۽ سلسلو اڃا نہ ڄاڻ ڪيترو طويل ٿئي ها. پر ياسمين جي سڏ مونکي ڇرڪائي وڌو.

”چو منظور صاحب، اوهين ائين ماٺ ڪري چو ويٺا آهيو. اهو رڪارڊ تہ ڪڏهوڪو ختم ٿي ويو. ٻيا کهڙا رڪارڊ وڃايان؟“

”نہ مس ياسمين. هن رڪارڊ کانپوءِ مان ٻيو ڪوبہ رڪارڊ ٻڌڻ نٿو چاهيان.“

”چو؟“ ياسمين اچرج ۾ پڇيو.

”رفيع جو اِهو گيت، ڪيا سي ڪيا هو گيا هي.... منهنجي روح جو پڙاڏو آهي. انهيءَ گيت کي مان جڏهن ٻڌندو آهيان، تہ ڏاڍو اداس ٿي ويندو آهيان. دل چاهيندي آهي اوڇنگارون ڏئي رُئان.“

”ڇا ڪو ياد ايندو آهي؟“

”ياد ــــ؟ ڪير ايندو ياد. ڪير آهي ـــ ڪير هو، جو ياد اچي، ڪير بہ تہ ڪونهي.“

”پوءِ اهو گيت اوهانکي ايڏو اُداس چو ٿو ڪري؟“

”نہ ڄاڻ چو. شايد ڪنهن گذريل جنم ۾ مونسان بيوفائي ڪئي هوندي. انهيءَ جي ياد نہ ايندڙ ياد، مونکي اُداس ڪيو ڇڏي.“ مون ڦڪي مرڪ مرڪندي چيو.

”اوهين بہ عجيب ۽ دلچسپ آهيو.“ هن کلندي چيو.

”دلچسپ نہ، فقط عجيب.“ وري بہ ڦڪي مُرڪ منهنجي خشڪ چپن تي ڦهلجي وئي. وري بہ ياسمين ڪلي ڏنو.

ماں اٿي بيٺس. ”چڱو هاڻ مان هلان ٿو. اوهان ڏنل ڪم ڪري وٺجو.“

”ها بلڪل.“ ڪجهہ ساعتن ڪانپوءِ چيائين، ”اوهان تہ شايد هاڻ ادا فيروز وٽ ويندا.“

”ها، هنڪانسواءِ بيو آهي بہ ڪير، جنهنکي پنهنجو سمجهجي.“ ۽ ياسمين ڏانهن بنا ڏٺي ۽ سندس جواب ٻڌڻ ڪانسواءِ ئي در ڪولي ٻاهر نڪري آيس.

فيروز گهر ئي هو. در کڙڪايم، نڪري آيو. ڏسي مرڪيو ۽ سلام ڪيائين. ”اڄ جلدي پڙهائي ختم ٿي وئي؟“

”ها، ياسمين جي موڊ پڙهڻ تي نہ هئي، انهي ڪري جلدي اچي ويس.“

”سٺو.... مان ڪپڙا مٽائي اچان ٿو.“

هو گهر ويو ۽ مان ٻاهر رستي تي سندس انتظار ڪرڻ لڳس. وقت آهستي آهستي گذرڻ لڳو، اڌ ڪلاڪ ٿيڻ تي هو، منهنجون تنگون بيهڻ کان جواب ڏئي رهيون هيون، مان گهڙيءَ گهڙيءَ سندس گهر ڏانهن ڏسڻ لڳس. مونکي جيڪي ڳالهيون ڏاڍيون ڏکيون لڳنديون آهن، انتظار انهن ۾ سڀ کان اول آهي. فيروز ۾ اِها سڀ کان وڏي ڪمزوري آهي. ڪپڙا مٽائڻ ۾ ايتري دير لڳائيندو، جيتري دير ۾ ڪنوار کي سينگاري وٺجي. نيٺ فيروز آيو. مرڪي چيائين، ”مونکي دير تہ نہ ٿي آهي؟“

”نہ، گهڻي تہ نہ، فقط منو ڪلاڪ.“ مون ڪاوڙ ۾ چيو.

هن واچ ۾ ڏسندي چيو، ”ايترو تہ ڪوڙ نہ ڳالهاءِ. مونکي فقط ايڪيهہ منٽ ٿيا آهن.“

”ها، ايڪيهہ منٽ تہ تمام ٿوري دير آهي.“ مونکي وڌيڪ ڪاوڙ لڳي.

فيروز خاموش ٿي ويو. سندس اها خاص عادت آهي، جڏهن

ٻه هو ڏوهه ڪندو آهي، ته خاموش ٿي ويندو آهي. مان چاهيندو آهيان ته هو معذرت گهري، پنهنجي ڏوهه تي افسوس جو اظهار ڪري. پر هو بلڪل خاموش رهندو آهي. ۽ انهيءَ طرح طويل ڏنگيندڙ خاموشيءَ کان مونکي وحشت ٿيندي آهي، ۽ پوءِ اها خاموشي مان ئي ٽوڙيندو آهيان، هنجون چڱايون ياد ڪري، سڄي ڪاوڙ ڍري ٿيو وڃي.

اسين اچي هڪ ريسٽارنٽ ۾ ويناسين. ڪجهه دير خاموشي رهي، پوءِ فيروز چيو، ”نه چاڻ توکي اهي انڌيريون ڪنڊون ڇو وڻنديون آهن. روشنيءَ ۾ ڊپ ٿو لڳئي ڇا؟“

”ها. منهنجي زندگيءَ ۾ ڪابه روشني ڪانهي. فقط اونداهه آهي. تنهنڪري اونداهه ۾ ئي ويهڻ مناسب سمجهندو آهيان.“

”توکي شل موقعو نه ملي، بس ڪهاڻين جا ڊائيلاگ ٻڌائڻ ويهي رهندين.“ فيروز چڙ ته احتجاج ڪيو.

”زندگي هڪ ڪهاڻي ئي ته آهي. هڪ ڏکوئيندڙ ڪهاڻي. مون جهڙي مايوس انسان جو روشنيءَ سان ڪهڙو تعلق.“

”ڏس، مون توکي ڪيترا دفعا جهليو آهي، منهنجي سامهون مايوسيءَ جون ڳالهيون نه ڪندو ڪر. الله کان ٻه مايوس آهين ڇا؟ مايوسي گناهه آهي.“

منهنجي چپن تي ڦڪي مُرڪ ڦهلجي وئي. ”فيروز مونکي انهن ڊاڪٽرن تي ڏاڍي کِل ايندي آهي، جيڪي دل جي مريض کي چوندا آهن: پريشاني ڇڏي ڏيو، خوش رهڻ جي ڪوشش ڪريو. مون مايوسين کي ڇاڻي واٽي ته ڳلي نه لڳايو آهي. بس حالات مايوس ڪيو وجهن، ۽ پاڻ تي اختيار نه رهندو اٿم. ۽ اڄ ته مون پنهنجي پسند جو اهو گيت ٻڌو آهي، جنهنکي ٻڌي مان بيخود ٿي ويندو آهيان. ائين محسوس ٿيندو اٿم ته جنم جنم کان اُداس آهيان ڪا اهڙي ڳالهه، ڪو اهڙو واقعو، ڪو اهڙو حادثو، جنهن مونکي ازل کان ئي اُداس ڪري وڌو آهي. ائين ڀانيان ٿو ته اُداسي منهنجي مقدر ۾ لکجي وئي آهي. ٻڌاءِ فيروزي، آخر رفيع جو اهو گيت

مونکي ايڏو بيقرار ڇو ٿو ڪري؟"

"چريو آهين پيو ڇا." فيروز جواب ڏنو.

"تون ٻار آهين فيروزي، ذهني طور تي ٻار. تو کي نه آهي خبر ته زندگي ڇا آهي. زندگي خوابن جو قيدخانو آهي، آرزوئن جو مقتل. اداسين جي ماتري. اميدن جو قبرستان. تون ٻار آهين، تو منهنجي اندر جي درد کي محسوس ئي نه ڪيو آهي. ڪاش مونکي ذهن نه هجي ها. ذهن ڪيڏو نه ڏنگي ٿو."

۽ پوءِ وري خاموشي ڇانئجي وئي، ڄڻ ته اونداهه ٻاٽ ڦهلجي وئي. مون وٽ لفظ ائين کٽي پيا، جيئن اونداهه ۾ رستو نظر نه ايندو آهي.

خاموشيءَ جو اهو سلسلو نه ڄاڻ ڪيترين صديون رهيو، ۽ پوءِ ڄڻ فيروز خاموشيءَ جو سينو چيريو، "ياسمين جي پڙهائي ڪيئن پئي ٿئي؟"

"ٺيڪ پئي ٿئي."

"پڙهي ويندي؟"

"ڇو نه. هوءَ ته هوشيار ڇوڪري نڪتي. دراصل هنکي ڪنهن پڙهائڻ جي ڪوشش ئي نه ڪئي هئي."

"اِها ته خوشيءَ جي ڳالهه آهي. تو ياسمين کي پڙهائي ورتو ته اِها وڏي ڳالهه ٿيندي."

"جيڪڏهن طريقي سان پڙهائجي ته هڪ مو ڳو ٻار به پڙهي سگهي ٿو، اِها ته وري به سمجهو ڇوڪري آهي.

Gul Hayat Institute

"مس ياسمين، مونکي ڏاڍي خوشي ٿي آهي، اوهانکي پڙهندي اڃا مس ٽي مهينا ٿيا آهن، پر اوهان چڱا هوشيار ٿي ويا آهيو. اڄ ته ارٿميٽڪ جا سڀئي سوال صحيح نڪتا آهن."

"اِها اوهانجي مهرباني آهي." ياسمين مُرڪندي چيو ۽ ارٿميٽڪ جي ڪاپي رکي ڊڪٽيشن جي ڪاپي کوليائين."

"منظور صاحب. هڪ ڳالهه چوان."

”ڇو، ڪا اهڙي آهي ڇا، جنهنجي اجازت وٺڻ جي ضرورت هجي؟“

”نه ب، ها ب.“ هن مُرڪي چيو.

”ته ڇٺو. منهنجي طرفان اجازت اٿوَ.“

”اوهين مونکي- مِس ياسمين نه، فقط ياسمين چوندا ڪريو.“ ياسمين رڪجندي رڪجندي چيو.

”پر ڇو؟“ مون حيران ٿيندي پڇيو.

”انهيءَ ڪري، جو ’مِس‘ چوڻ سان ائين ٿو محسوس ٿيم، ڄڻ مان واقعي ڪنهن ٽيچر ڪان پڙهي رهي آهيان.“

”پر مان ٽيچر ٿي نه آهيان.“ مون کلندي جواب ڏنو.

”نه، اوهين ٽيچر نه، گهر جا ئي هڪ فرد آهيو. اسانجي گهر جا سڀئي ڀاتي اوهانجي ڏاڍي عزت ڪندا آهن. مون پاڻ مان اِهو احساس ڪڍي ڇڏيو آهي، ته اوهين هڪ ڏاريا ٽيچر آهيو. جيڪڏهن مون مان اِهو احساس نه نڪري ها، ته مان اوهانکان پڙهي نه سگهان ها. اميد ته اوهانکي اعتراض نه ٿيندو.“

مان مُنجهي پيس، پوءِ چيم، ”چڱو جيئن اوهانجي مرضي. مس يا.... معاف ڪجو، فقط ياسمين.“

پوءِ ٻنهين کلي ڏنو.

”ياسمين، اڄ تنهنجو نائينٿ جو ڪورس پورو ٿيو. سڀاڻي کان ٽينٿ جو ڪورس شروع ڪبو. هاڻي ٽينٿ جو ڪورس تو کي ڏکيو نه لڳندو، پر پنجن مهينن ۾ اِهو ڪورس پورو ڪرڻو آهي، ۽ پوءِ مهينو امتحان جي تياري - مئٽرڪ جي امتحان جي تياري. ڇا سمجهئي.“

”هاءِ الله، مونکي ته ڊپ ٿو لڳي.“ ياسمين جو مُنهن ڳاڙهو ٿي ويو، هن ٻئي هٿ ڳلن تي رکي، مونڊانهن ڏنو.

”ڇاکان ٿو ڊپ لڳئي؟“ مون پڇيو.

”ميٽرڪ جي امتحان کان.“

”تہ پوءِ چڱي ڏي پڙهائي.“ مون شرارت منجهان چيو.
”واهه، ايڏي محنت ڪئي اٿم، ۽ هاڻ امتحان نہ ڏيان.“ هن مصنوعي ڪاوڙ ۾ چيو.
”ڏس ياسمين. جيڪا شيءِ چڱي نہ سگهجي، انهيءَ ڪان ٻپ بہ نہ ڪجي. تو واقعي ڏاڍي محنت ڪئي آهي. مونکي اميد آهي تہ تون ٽينٽ جو ڪورس بہ جلد پورو ڪري وٺندينءَ. ۽ پوءِ مان فخر سان تنهنجي والد ۽ فيروز کي چئي سگهندس: تہ ڏسو، اوهان هن ڇوڪريءَ لاءِ چيو ٿي، تہ هيءَ احساس ڪمتري جي شڪار آهي، اصل پڙهي نہ سگهندي. هاڻ ٻڌايو، ڪيئن پڙهي وئي. پڙهائڻ جو ڪو طريقو ہتہ هجي. ائين ٿي ڪٿي مٿي تان بار نہ لاهجي، محنت ڪجي، صحيح رستو وٺجي، ....“
”۽ پنهنجي تعريف ڪجي.“ ياسمين منهنجي ڳالهہ ڪٽي پنهنجو جملو منهنجي ڳالهہ سان ملايو.
”تہ ڀلا اِها تعريف غلط آهي؟“ مون سوال ڪيو.
”نہ، آهي تہ صحيح، پر پنهنجي واتان نہ ڪونہ ٿي.“ ياسمين شرارت سان مرڪندي چيو.
”چڱو سائين، تون برداشت نٿي ڪري سگهين، تہ پوءِ ساراهہ ڪونہ ٿو ڪريان.“ ۽ مان خاموش ٿي ويس ۽ پوءِ انگلش ڪتاب ڪٿي صفحا اٿلائڻ لڳس.
۽ ڪجهہ دير خاموشي ڇانئين رهي.
”اوهين ناراض ٿي ويا.“ ياسمين خاموشي ٽوڙي.
”نہ.“ مون چرڪ ڀريو، ”انهيءَ ۾ ناراضگيءَ جي ڪهڙي ڳالهہ.“
”اوهين خاموش ٿي ويا نہ انهيءَ ڪري ....“
”نہ نہ، اهڙي ڳالهہ ڪانهي، مون ليسن پيي ڏنا.“ مون صفحا اٿلائيندي چيو.
”منظور صاحب، مون مذاق ڪيو هو.“ مان ڏانهس ڏسڻ لڳس، هن ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو. ”واقعي مان اوهانجي احسانمند

آهيان. اوهان مونتي ڏاڍي محنت ڪئي آهي."

"اهڙيون بيوقوفن جهڙيون ڳالهيون مونسان نه ڪندي ڪر." مون نرم لهجي ۾ چيو، "مون ڪو به احسان نه ڪيو آهي، پنهنجو فرض پورو ڪيو اٿم. اوهان مونکي گهر جي فرد جي حيثيت ڏني، ۽ مون ڪوشش ڪئي آهي ته انهيءَ کي نباهي سگهان. ڪجهه دير ترسي چيم

"هڪ ڳالهه چوان ـ غلط مطلب نه وٺجان.

"چؤ." ياسمين مونڏانهن ڏسندي چيو.

"مونکي هتي اچي خوشي محسوس ٿيندي آهي."

ياسمين جي جواب کان پهرين نوڪر اندر آيو.

"صاحب، سيٺ صاحب چيو آهي ته ياسمين بي بي کي پڙهائڻ کانپوءِ مون سان ملجو."

"چڱو." مون جواب ڏنو.

۽ جڏهن ياسمين پڙهي ورتو، ته پنهنجا ڪتاب ۽ ڪاپيون ميڙي، هڪ ٻئي جي مٿان رکي، اٿي بيٺي، مان کيس ڏسڻ لڳس، هن جهڪي ڪتاب کنيا ۽ سلام ڪري ٻاهر در ڏانهن وڃڻ لڳي، مان کيس ويندي ڏسندو رهيس، نه ڄاڻ ڇو مان سندس سلام جو جواب نه ڏيئي سگهيس، ۽ هنکي ويندي ڏسندو رهيس. هوءَ در مان ٻاهر نڪري وئي، پر منهنجي نظرون اڃا به دَر ۾ کُتل هيون. اُئين پئي چاهيم ته ياسمين وري اچي، وري اچي منهنجي سامهون ويهي، سندس ڪپڙن مان شنيل جي جيڪا ٿڌي ۽ وڻندڙ خوشبو ايندي آهي، آها هڪ دفعي وري پکڙجي پوي. پرمون اِهو سڀ ڪجهه ڇو پئي سوچيو، مونکي اِهو سڀ ڪجهه شايد نه سوچڻ گهرجي.

مون در تان نظرون هٽائي ڇڏيون ۽ اکيون بند ڪري، مٿو صوفي جي پاسي تي ٽڪائي ذهن مان انهيءَ سوچ کي ڪڍڻ جي جدوجهد ڪرڻ لڳس. ۽ پوءِ کڙڪي تي اکيون پٽي ڏٺم ته سيٺ صاحب اندر آيو ۽ مان اٿي بيٺس ۽ کين سلام ڪيم. سيٺ

صاحب مُرڪي سلام جو جواب ڏنو ۽ شوڪيس تان چروٽن جي باڪس مان هڪڙو چروٽ ڪڍي، پرسان رکيل لائٽر کڻي، سامهون واري صوفي تي ويهي رهيو. لائيٽر ڏاڍو سهڻو هو، سوئز ايئر ڪمپني (Swiss Air) جو هو، سندس شڪل نيويارڪ جي امپائر اسٽيٽ بلڊنگ جهڙي هئي، ۽ اهو گهٽ ۾ گهٽ ڇهن انچن کان به ڊگهو هو. لائيٽر سان چروٽ دُکائي، سيٺ صاحب گوڏي تي ڪابي ٽنگ رکي، صوفي تي، ڪجهه آهلجي پيو.

”پڙايو منظور صاحب، ياسمين جي پڙهائي ڪيئن پئي ٿئي؟“

”اڄ نائينٿ جو ڪورس پورو ٿيو. سڀاڻي کان ٽينٿ جو ڪورس شروع ٿيندو، ۾ نائينٿ جي رويزن.“

”اڇا!“ سيٺ صاحب ڏاڍي، زور سان ’اڇا‘ ڪئي، ۽ سڌو تي ويهي رهيو. ”ڇهن مهنن ۾ نائينٿ جو ڪورس پورو ڪيائين، ايترو جلد. مون ته سمجهيو هو ته ڪئين سال لڳندا.“

”ياسمين هوشيار آهي، مان اڳ به عرض ڪري چڪو آهيان، ته شايد ڪنهن به ڪيس محنت سان پڙهائڻ جي ڪوشش نه ڪئي آهي. پر پوءِ به ڪجهه ڪورس ته ڪيل هئس .... هن سال انشاالله ميٽرڪ جو امتحان ڏيندي.“

”ڇا واقعي ـــــ مونکي ته اعتبار ئي نٿو اچي.“ سيٺ صاحب جي اکين ۾ چمڪ اچي وئي.

”جڏهن امتحان ڏيندي، ته پوءِ اوهانکي اعتبار اچي ويندو.“ مون مُرڪي جواب ڏنو.

”مان اوهانجو احسانمند ....“

”قطع ڪلامي معاف، وري نه چئجو،“ مون سندن ڳالهه ڪٽيندي چيو. ”مونکي ڏک ٿو ٿئي. مان اوهانکي، اوهانجي گهر کي پنهنجو ئي ٿو سمجهان.“

”اِها ته مهرباني آهي اوهانجي. فيروز جيڪا تعريف اوهانجي ڪئي هئي، اوهين انهيءَ تعريف کان وڌيڪ جا مستحق آهيو.“

پوءِ ڪجهه دير هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ٿينديون

رهيون. ۽ پوءِ اجازت وٺي اٿس.

"ياسمين."

"هون."

"تون شايد نائينٿ جي ڪورس جي رويزن نہ پئي ڪرين؟"

"ڇو؟" هن مونڏانهن ڏسندي پڇيو.

"هينئر نائينٿ جي ڪورس مان جيڪا ڊڪٽيشن توکي لکرايم، انهيءَ ۾ چار چُڪون آهن."

"بس نہ." هن بيپرواهيءَ سان چيو.

"اِهي وڏي ٻہ سگهن ٿيون." مون ڪجھہ رُکائيءَ سان چيو.

"ڇو!" هن رُکائي محسوس ڪري، ڪجھہ حيرت مان پڇيو.

"جهڙي بيپرواهيءَ سان تو مونکي جواب ڏنو آهي، جيڪڏهن اهڙي بيپرواهي تو ڪئي تہ...."

"اوهہ." ياسمين پشيمان ٿيندي چيو، "هاڻ انشاءالله نہ ٿيندي اهڙي بيپرواهي."

"ڏس ياسمين،" مون ڪيس نرميءَ سان چيو. "توکي ڏهن پيپرن ۾ اپيئر (Appear) ٿيڻو آهي. انهيءَ ڪري ٽينٿ سان گڏو گڏ نائينٿ جي ڪورس جي رويزن بہ ٿيندي اچي." مون سندس ڪاپي کيس موٽائيندي، ڳالهہ پوري ڪئي.

"نہ، هاڻ اوهانکي شڪايت نہ ٿيندي." ياسمين مرڪندي چيو.

۽ پوءِ وري پڙهڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو. مونکي آئي ڪلاڪ کن ٿي ويو هو. اوچتو ياسمين چيو، "هاڻ پڙهائي بند ڪجي؟"

"ڇو! ايتري جلدي. ٿڪجي پئين ڇا؟– يا ڇانهہ ڪانپوءِ پڙهبو؟" مون ڪتاب رکندي چيو.

"نہ، اج وڌيڪ نہ پڙهبو." هن مُرڪندي چيو.

Gul Hayat Institute

جو اظهار ياسمين تي نه ٿئي. پر منهنجي ته جڻ نس نس تيزي پئي هئي. ڪهڙي طريقي سان ’ها‘ چوان، اهو ئي نٿي سمجهيو، ۽ نه ڄاڻ ڪهڙيءَ طرح ’ها‘ چيم. ياسمين جي چهري، تي به خوشي ڦهلجي وئي.

”چڱو ته مان ڪپڙا مٽائي ٿي اچان، اميءَ کي به چوان ٿي ته هوءَ به تيار ٿي وڃي.“

ياسمين ڪمري مان نڪري ويئي ۽ آءٌ سوچ ۾ پئجي ويس. ياسمين مونسان فلم ۾ هلي رهي هئي. منهنجي دل جي هڪ دبيل دبيل خواهش اڄ پوري ٿي رهي هئي. ياسمين جي ماءُ به گڏ هلي رهي هئي، حالانڪ منهنجي خواهش هئي ته هوءَ اڪيلي هلي. پر اهـا ڇا گهٽ خوشيءَ جي ڳالهه هئي، ته ياسمين مونسان گڏ هلي رهي هئي، اڄ مونکي پاڻ تي فخر پئي محسوس ٿيو، جڻ ته اڄ منهنجي ڪنهن ورهين کان ڇڏيل اڌوري ڪهاڻيءَ جو انجام لکجي ويو هجي.

ڪجهه دير ڪانپوءِ ياسمين آئي، هنکي فيروزي رنگ جا ڪپڙا پيل هئا، جتي به اهڙي رنگ جي هئي، ۽ هٿن ۾ اهڙي رنگ جون چوڙيون. پٺيان سندس ماءُ هئي. مان سندس ماءُ سان اڳ ۾ به ملي چڪو هوس. پهرين دفعي جڏهن مون کيس ڏٺو هو، ته ائين محسوس ٿيو هوم، ته هوءَ ياسمين جي ماءُ نه، بلڪ وڏي ڀيڻ آهي. مون کيس سلام ڪيو، ۽ هن مرڪي انهيءَ جو جواب ڏنو ۽ مونکان منهنجي ۽ امان جي خيريت پڇي.

هيٺ لٿاسين ته ڪار ڏاڪڻ جي پرسان بيٺي هئي. ڊرائيور اسانکي هيٺ لهندي ڏٺو ته وڏي وڃي ڪار جا دروازا کوليائين. پٺيان ياسمين ۽ سندس ماءُ ويٺي ۽ مان اڳيان ڊرائيور سان ويٺس.

سئنيما هال ۾ اندر اڳ ۾ مان گهڙيس، پٺيان ياسمين جي ماءُ، ۽ انهيءَ جي پٺيان ياسمين. ۽ سيٽن تي ويٺاسين به اهڙيءَ ريت. منهنجي چاهنا هئي ته ياسمين منهنجي پرسان ويهي، پر ائين نه ٿي سگهيو. وچ ۾ ياسمين جي ماءُ هئي، ۽ اهو به سوچيم ته اهو ضروري

ڪونهي، ته جيڪا چاهنا منهنجي آهي، سا ياسمين جي به هجي. پر مونکي اها ڳالهه ئي سڪون پهچائي رهي هئي ته ياسمين منهنجي پرسان ئي ويٺي هئي.

۽ جڏهن انٽرويل ۾ ماڻهن گهڙيءَ گهڙيءَ ياسمين کي ڏٺو ٿئي، ته محسوس ڪيم ته انهن جي اکين ۾ مون لاءِ رشڪ هو، ته اهڙي حسين ڇوڪري مون‌سان گڏ آهي. انهيءَ احساس منهنجي دل جي رفتار تيز ڪري ڇڏي.

انهيءَ رات مان ڏاڍو خوش هوس. انهيءَ رات مون جهڙا حسين خواب ڏٺا. اهڙن حسين خوابن جو مون ڪڏهن تصور به نه ڪيو هو. منهنجي خوابن جو مرڪز ياسمين هئي. حسين نظارا، ۽ ياسمين جو ساٿ. مونکي ائين محسوس ٿيو ته مونکي منهنجي وڃايل منزل ملي وئي آهي. مونکي ائين محسوس ٿيو ته مونکي آهو سڀ ڪجهه ملي ويو، جيڪو مون حاصل ڪرڻ چاهيو ٿي.

۽ جڏهن صبح جو اٿيس، ته مونکي اها صبح ڏاڍي وڻي. مونکي هر شيءِ مُرڪندي محسوس ٿي. ائين لڳو، ته ڄڻ ڦيريون پيرو بهار آئي آهي. ائين چاهڻ لڳس ته هڪ هڪ تي پنهنجي خوشيءَ جو اظهار ڪريان. پر پيو هو ڪير، هڪ امي ۽ ٻيو فيروز. اميءَ سان ڳالهه ڪرڻ مناسب نه هئي ۽ نه ئي فيروز کي اها ڳالهه ٻڌائڻ جهڙي هئي.

مان روز فيروز سان شام جو ملندو آهيان، پر انهيءَ ڏينهن صبح جو ڏهين وڳي ئي ساڻس ملڻ ويس. مونکي صبح جو ڏسي حيران ٿيو، پر عادت موجب اچڻ جو ڪارڻ نه پڇيائين، فقط ايترو چيائين، "ترس، ڪپڙا مٽائي اچان."

مان رستي تي سندس انتظار ڪرڻ لڳس، هو آيو، ۽ اسين خاموشيءَ سان هلندا رهياسين. اڄ مونکي احساس ٿيو پئي، ته ڄڻ فيروز اُداس آهي. پر پوءِ محسوس ڪيم ته هو اُداس ڪونهي، مان ئي ضرورت کان وڌيڪ خوش آهيان. مون سڄي رستي زور زور ڪري پئي، ڳالهايو. ۽ هن فقط مرڪي ٿي ڏٺو.

جڏهن اُها ريسٽورانٽ آئي، جنهن ۾ اسين ويهندا آهيون، ته فيروز جا قدم انهيءَ ريسٽورانٽ ڏانهن وڌيا، پر مون سندس هٿ پڪڙي روڪي ورتو. فيروز سواليہ نظرن سان مونکي ڏٺو.

”نہ، اڄ هن ريسٽورانٽ ۾ نٿا هلون. ڪنهن ٻي هوٽل ۾، جنهن ۾ روشني هجي.“

شام جو ياسمين کي پڙهائڻ ويس. خبر پئي ته ياسمين کي بخار ٿي پيو آهي. منهنجي ساري خوشي ڌهي اچي پٽ پئي. نوڪر، مونکي ياسمين جي ڪمري ۾ وٺي ويو، ياسمين پلنگ تي ليٽيل هئي، ماڙس ڪرسيءَ تي ويٺي هئي. مونکي ڏسي ياسمين جي چپن تي مُرڪ تري آئي، ۽ هوءَ اُٿي ويٺي. مان، ماڙس کي سلام ڪري ٻي ڪرسيءَ تي ويهي رهيس. مونکي ائين محسوس ٿيو، جيڪا خوشي رات مونکي محسوس ٿي هئي، اُهو فقط نظر جو ڌوڪو هو. مون سندس خيرعافيت پڇي، ۽ ڪجهہ دير ويهي، موٽي آيس.

پويان ٿي ڏينهن منهنجي لاءِ اذيتناڪ وحشت ڪٺي آيا. ياسمين بيمار هئي، ۽ مان فقط کيس پڇي هليو ايندو هوس. پوين ڏينهن ساڻس ملي بہ نہ سگهيس. چاڪاڻ تہ سندس ڪي مائٽياڻيون کيس پڇڻ آيون هيون. منهنجي اُداسي فيروز بہ محسوس ڪئي، پڇيائين بہ، پر مان نتائي ويس، ٻڌايانس بہ ڇا ها.

ميٽرڪ جو ڪورس تيزيءَ سان هلي رهيو هو. ۽ ياسمين ڏاڍي محنت سان پڙهي رهي هئي، ۽ جڏهن چانهہ جي وقت اسان ڪتاب بند ڪيا، تہ مون ياسمين کي چيو، ”ياسمين، هڪ خوشيءَ جي ڳالهہ ٻڌايان؟“

”خوشيءَ جي ڳالهہ لاءِ اجازت نہ وٺبي آهي، يڪدم ٻڌايو.“ ياسمين بيقراريءَ سان چيو.

”تون پڙهائيءَ ۾ ڏاڍي هوشيار ٿي وئي آهين. مونکي پڪ آهي تہ جيڪڏهن ساڳيءَ طرح محنت ڪندي رهندينءَ، تہ ضرور

چڱي ٻويرن ڪٽنديون."

ياسمين جو چهرو خوشيءَ ۾ ٻهڪڻ لڳو. چيائين، "منظور صاحب، اهو سڀ ڪجهه اوهانجي بدولت ٿيو آهي، نه ته منهنجي لاءِ ته اِها ڳالهه مشهور هئي ته هيءَ پڙهي پئي ته سڄ اولهه مان نڪرندو."

"نه، اهڙيءَ ڪا ڳالهه ڪانهي، فقط مونکي داد نه ڏيو، جيڪڏهن اوهين پاڻ پڙهڻ ۾ دلچسپي نه وٺو ها، ته مان ڇا ڪريان ها."

"بهرحال، مان ته داد جو واحد مستحق اوهانکي سمجهندس، اوهان ئي مون ۾ خوداعتمادي پيدا ڪئي آهي."

ڪجهه دير خاموشي رهي ۽ پوءِ پڙهائي وري شروع ٿي ويئي، نه ڄاڻ پڙهڻ ۾ ڪيترو وقت گذري ويو، اوچتو ياسمين پڇيو، "ڪجهه رڪارڊ ٻڌون؟"

اوچتي سوال تي مان حيران ٿي ويس، "ڇو خير....!"

"اڄ اوهان جيڪا منهنجي ساراهه ڪئي آهي، تنهن جي مونکي ڏاڍي خوشي ٿي آهي. مان چاهيان ٿي ته هاڻ پڙهڻ بند ڪري ڪجهه گيت ٻڌجن."

"بلڪل." مون ڪتاب بند ڪندي چيو، "پر اڄ فقط خوشيءَ جا گيت ٻڌبا."

"۽ اوهانجي پسند جي فلم، گائيڊ جا نه؟"

"ها، گائيڊ جا به ضرور. پر فقط خوشيءَ جا. ڪوبه ڏک جو نه."

۽ پوءِ خوشيءَ جا گيت هڪ ٻئي پٺيان وڄندا ويا، ڄڻ زندگي جهومڻ لڳي.

مئٽرڪ جي امتحان ۾ فقط مهينو ڪن وڃي بچيو هو. ياسمين ڏينهن رات هڪ ڪري محنت ڪرڻ لڳي، ۽ مان ٻن ٽن ڪلاڪن جي بدران هاڻ ته اڌيءَ رات تائين کيس پڙهائيندو هوس. سيٺ ڪريم هاڻ مونکي سڏ مان وڌائي، ٻه سؤ رپيا ڏيندو هو. مون گهڻو

انڪار ڪيو، پر سيٺ منهنجي اها ڳالهه نه مڃي، چيائين، "اهو اوهانجو معاوضو ڪونهي، اوهانکي مان پنهنجو ئي اولاد سمجهندو آهيان."

هڪ ڏينهن جيئن وچي ڊرائينگ روم ۾ ويٺس، ياسمين بنا ڪتابن جي آئي. مون حيرت مان ڪيس ڏسندي چيو، "چو خير ته آهي! اج نه پڙهبو ڇا؟"

"نه." ياسمين مُرڪي مختصر جواب ڏنو.

"امتحان سِر تي اچي بيٺا آهن، توهانکي فڪر ڪونهي."

"فڪر ته ڏاڍو آهي، پر اج ڪجهه شاپنگ ڪرڻي آهي. مائٽن ۾ شادي آهي، اوهين مونسان گڏ هلو."

"مان!" وڌيڪ ڪجهه نه چئي سگهيس.

"چو اعتراض اٿو؟"

"نه اعتراض ته ڪونهي. هلو.... امي به هلندي نه؟"

"نه. ممي جي مٿي ۾ سور آهي. پاڻ به هلنداسين."

اسين مختلف دڪانن تي لهندا چڙهندا رهياسين. ياسمين شايد سڄي شهر کي خريد ڪرڻ جو ارادو ڪيو هو. ڊرائيور سامان ڊوئيندو ويو ۽ ڪار ۾ رکي، پيو ڪٽڻ لاءِ موٽي ٿي آيو.

۽ پڇاڙيءَ ۾ اسين ڪپڙي جي دڪان تي چڙهياسين. ياسمين پنهنجي لاءِ فيروزي رنگ جي هڪ قيمتي ڪپڙي مان سوٽ لاءِ ڪپڙو ورتو. ۽ پوءِ انهيءَ حصي ڏانهن وڌي، جتي مردانا ڪپڙا رکيا هئا. مان سندس پٺيان وچي بيٺس. ياسمين چيو، "منظورصاحب، مونکي شاديءَ ۾ هڪ مردانو سوٽ ڏيڻو آهي. مردن جي ٽيسٽ جي اوهانکي خبر هوندي، اوهين رايو ڏيو." دڪان واري مختلف ڪوالٽيز جا ڪپڙا سامهون پکيڙي ڇڏيا.

مونکي ڪپڙي جي سُڃاڻ بلڪل نه هئي، ڪڏهن چڱو ڪپڙو پاتو ئي نه هئم، پر دڪاندار جي سامهون چئي نه سگهيس، هڪ به جيڪي ڏسڻ ۾ چڱا هئا، انهن لاءِ رايو ڏنم، پر ياسمين کي اُهي نه وڻيا. نيٺ ياسمين ئي هڪڙو ڪپڙو پسند ڪيو، البت رنگ

مونکان پسند ڪرايائين.

ڪار ۾ ويٺاسين، ڪار پيٽرول پمپ تي اچي بيٺي، ۽ ڊرائيور هيٺ لهي، ڪار ۾ پيٽرول وجهائڻ لڳو. ياسمين هڪڙو پيڪيٽ مونڏانهن وڌائيندي چيو، ”منظور صاحب، هيءُ معمولي تحفو اوهانجي لاءِ آهي.“

اِهو ساڳيو سوٽ جو ڪپڙو هو، جيڪو ڪجهه دير اڳ ياسمين ورتو هو. انهيءَ ڪان اڳ جو مان ڪجهه چوان، ياسمين چيو، ”اوهانکي ياد هوندو ته مون ٻه مهينا ڪن اڳ اوهانکان، اوهانجي ڄم جي تاريخ ۽ مهينو پڇيو هو. اڄ اوهانجي سالگره جو ڏينهن آهي. هيءُ تحفو انهيءَ لاءِ آهي.“

”ياسمين، اِها ڳالهه چڱي ڪانهي.“ مون اعتراض ڪيو.

”منظور صاحب، تحفي وٺڻ تي اعتراض نه ڪبو آهي. ۽ اوهين غير ٿورو ئي آهيو، جيڪڏهن اوهان منهنجو تحفو قبول نه ڪيو ته مونکي سخت دلي صدمو رسندو.“

مون سندس هٿان پيڪٽ وٺي ڇڏيو.

ڪار هلي ته، ياسمين پڇيو، ”منظور صاحب، اوهين ڪهڙي درزيءَ کان سوٽ سبرائيندا؟ اڳ پوءِ هنکي ڏيندا هلون.“

مون جواب نه ڏنو، ڦِڪي مُرڪ منهنجي چپن تي ڦهلجي وئي.

”اوهان منهنجي سوال جو جواب نه ڏنو.“ ياسمين پڇيو.

”مون اڄ تائين ڪڏهن سوٽ سبرايو ئي ڪونهي بلڪ پاتو ئي ڪونهي. ڪهڙي درزيءَ جو نالو وٺان، مان ته لنڊي بازار مان ڪوٽ خريد ڪندو آهيان.

”اوه.“ ياسمين ڪجهه دير خاموش ٿي ويئي، پوءِ چيائين، ”اسانجو درزي جينٽس ڪپڙا به سبندو آهي، هلو ته هنکي ٿا ڏيون.“

آها رات به منهنجي لاءِ خوشبون ميڙي آئي هئي. مون چاتو ٿي ته جيڪو ڪجهه مان محسوس ڪري رهيو آهيان، ياسمين جا احساسات به ساڳيا آهن. مونکي پنهنجي منزل روشن نظر آئي پئي.

Gul Hayat Institute

هاڻ بيزارگي محسوس ڪري رهيو هوس. ڇاڪاڻ تہ هاڻ ياسمين کي پڙهائڻو ڪونہ هو. البت ڪڏهن ڪڏهن ملڻ ويندو هوس. ۽ منهنجي ملڻ تي ڪا روڪ ٽوڪ نہ هئي.

هڪ ڏينهن مختلف ڳالهيون ڪندي ادب جو ذڪر نڪري آيو، ۽ پوءِ اوچتو ياسمين سوال ڪيو، ”منظور صاحب، اوهان ڪتابي سلسلو ڇو بند ڪيو؟“

مونکي ڇرڪ ڇُهندڙي لڳي. ڦتڪي پيس. اکيون آليون ٿي ويون. جواب نہ ڏئي سگهيس.

ٿوري دير انتظار ڪرڻ ڪانپوءِ ياسمين وري چيو، ”اوهان منهنجي سوال جو جواب نہ ڏنو.“

”ڪهڙو جواب ڏيان ياسمين.“ منهنجو آواز پريل هو.

ياسمين منهنجو ڏک محسوس ڪيو هو، وري پڇيائين، ”آخر بہ ڪارڻ ڪهڙو هو؟“

”ڪارڻ اِهو هو تہ اهو هڪ ادبي ڪتابي سلسلو هو، جنهن ۾ سهڻو ۽ سٺو ادب پيش ٿيندو هو. پڙهندڙن کي اهڙي ادب جي ضرورت ڪانهي.“

”ڇو!؟“ ياسمين عجب ۾ پڇيو.

”هيءَ نعري بازي جو دور آهي. رڳو اُهي مخزن يا ڪتاب ماڻهو پسند ڪن ٿا، جن ۾ نعري بازي هوندي. جنهن ۾ ماڻهن جي جذبات کي ڀڙڪايو وڃي، ۽ مان اهڙي ادب کي پيش ڪندي شرم ٿو محسوس ڪيان. اِهو ادب وقتي آهي. اهڙي ادب جي مستقبل ۾ جاءِ ڪانهي. اِهو ادب فقط شهرت حاصل ڪرڻ لاءِ لکجي رهيو آهي. مان مڃان ٿو تہ قوميت کي جاڳائڻ لاءِ وقتي طور تي اهڙي ادب جي ضرورت بہ پوندي آهي. اهڙو ادب بہ ڏجي. مون پاڻ بہ اهڙو ادب ڏنو هو. پر اسانجي عوام ۾ جذبو ڪونهي. فقط ڳالهيون آهن. ٺلها نعرا آهن. وقت کي ڏسو. حڪومت چاهي ٿي تہ فقط سندس ثناخواني ڪئي وڃي. اڄ جا سيئي وڏا اديب يا تہ وڪامي ويا آهن، يا خاموش ٿي ويا آهن. اهڙي مخزن، جنهن ۾ فقط معياري

Gul Hayat Institute

ادب پيش ڪيو وڃي، آها ڪتي ٿي هلي سگهي. ۽ مون جهڙو مسڪين ماڻهو اهڙي مخزن ڪيستائين ڪڍي سگهي ٿو. مخزن ڪڍڻ ته وڏي ڳالهه، مان ته هاڻ پڙهڻ لاءِ به مشڪل سان ڏيي ڪا مخزن وٺي سگهندو آهيان."

ڪافي دير خاموشي ڇانئيل رهي، ۽ پوءِ ياسمين ٿوري دير جي اجازت وٺي اٿي ويئي. ۽ جهٽ دير ۾ موٽي آئي. صوفي تي ويهندي چيائين، "منظور صاحب، اوهان ڪئين دفعا چيو آهي ته اوهين اسانکي، هن گهر کي، پنهنجوئي گهر سمجهندا آهيو. اهو صحيح آهي."

"بلڪل، ڇا اوهانکي شڪ آهي."

"نه. مونکي اوهانجي ڳالهه تي اعتبار آهي. پر اڄ اوهانکي انهيءَ ڳالهه جو ثبوت ڏيڻو پوندو."

"اهو ڪيئن!"

"اوهان جيڪا مخزن ڪڍي رهيا هئا، اها فقط اوهانجي نه هئي. اها اوهان وٽ قوم جي امانت هئي. اها اوهانجي به ايتري هئي، جيتري منهنجي. مون پنهنجي پئسن مان ٽي هزار رپيا گڏ ڪيا آهن. اهي پئسا مان اوهانکي ڏيان ٿي. اوهان وري ساڳيو ڪتابي سلسلو جاري ڪريو."

ياسمين ٽي هزار رپيا منهنجي پرسان رکي ڇڏيا. مون نظر کڻي پئسن کي ڏٺو، ۽ پوءِ اکيون پوري ڇڏيم. ڪافي دير بيزار ڪن خاموشي ڇانئيل رهي. ۽ پوءِ نيٺ اها خاموشي ياسمين ئي ٽوڙي ڇڏي.

"منظور صاحب، اوهان بلڪل خاموش ٿي ويا. ۽ نه ئي اوهان پئسا کنيا."

"ياسمين،" منهنجو آواز ڏڪيو پيو. مونکي ائين محسوس ٿيو، ڄڻ اهو آواز منهنجو پنهنجو نه هو. "ياسمين، مان تنهنجو ٿورائتو آهيان. پر مونکي افسوس آهي ته مان تنهنجي پيشڪش قبول نٿو ڪري سگهان. پيو ڪو سبب ڪونهي. پر هاڻ مون ۾ سگهه

نہ رهي آهي. مان اڪيلو سفر ڪري سگهان. مان مڃان ٿو، تہ
پنهنجي پهرين مقصد ۾ شڪست کاڌي آهي. ۽ انهيءَ شڪست
مونکي ايترو تہ دل شڪست ڪري ڇڏيو آهي، جو هاڻ اهڙي جرئت
ڀهر نٿو ڪري سگهان."

"پر منظور صاحب..." ياسمين ڳالهايو.

پر مون سندس ڳالهہ اڌ ۾ ڪٽيندي چيو، "ياسمين. هن ڳالهہ
کي اتي ئي ختم ڪر، مونکي تڪليف ٿي ٿئي." ۽ پوءِ يڪدم
اٿيس. ۽ ڪمري مان نڪري ويس.

نائينٿ جي رزلٽ نڪتي. ياسمين سڀني سبجيڪٽس ۾ پاس
ٿي هئي، مارڪن جي پرسنٽيج 47% هيس- ڪافي چڱي. مان
کيس مبارڪ ڏيڻ ويس. سيٺ صاحب گهر ۾ نہ هو. ياسمين
آئي. جڏهن مون مبارڪ ڏني تہ روئي ڏنائين.

"روئين ڇو ٿي ڇري. اڄ تہ خوش ٿيڻ جو ڏينهن آهي.
منهنجي محنت جو ڦل جو نڪتو آهي. ۽ تون روئين ٿي."

"اِهي خوشيءَ جا ڳوڙها آهن. منظور صاحب. مان اها خوشي
برداشت نہ ڪري سگهيس، ۽ روئي ڏنم." هن آهستي آهستي چيو.

"اڃا اصلي خوشي تہ انهيءَ ڏينهن ٿيندي، جڏهن تون
انشاالله ميٽرڪ پاس ڪنديئن."

"خدا اوهانجي ڳالهہ سچي ڪري."

"ضرور ڪندو، تو محنت بہ تہ ڪئي آهي."

ڪجهہ دير ڪانپوءِ ياسمين جي ماءُ آئي ۽ اچي مونکي مٺائي
کارايائين ۽ ڏاڍيون دعائون ڏنائين. هنکي ڏاڍي خوشي ٿي هئي. مان
سيٺ صاحب لاءِ ڪافي دير ويٺس، پر هو نہ آيو. ۽ مان اُتان اُٿي
فيروز وٽ ويس. فيروز کي ياسمين جي نمبر جي خبر هئي، هن مونکي
مبارڪ ڏني.

"منظور، مونکي اڄ ڏاڍي خوشي ٿي آهي، تو جيڪو چيو،
اُهو ڪري ڏيکاريئي. واقعي پڙهائڻ بہ هڪ فن آهي. ڪاش اسانجا

مان اڪيلو ڊرائينگ روم ۾ ويٺو هوس. ۽ پوءِ آتي ڪيٽ مان ڪتاب ڪڍي ڏسڻ لڳس. ڪجهه دير ڪانپوءِ کڙڪو ٻڌم، ڪنڌ ورائي ڏٺم ته ياسمين بيٺي هئي، مون ڪلي چيو، ”ياسمين مبارڪ هجي.“

۽ نه ڄاڻ ڇو، ياسمين ڊوڙي اچي مونکي ڀاڪر پاتو. ۽ غير ارادي طور منهنجي هٿن جو گهيرو تنگ ٿي ويو. پر اهو عرصو ڪجهه سيڪنڊن جو هو. اسان ٻنهين کي يڪدم احساس ٿيو، ائين نه ٿيڻ گهرجي ها، جيئن ٿيو آهي.

مان گهر موٽي آيس. انهيءَ ڏينهن فيروز وٽ به نه ويس. ياسمين جو نرم ۽ گرم لمس، مون اڃا به محسوس ڪيو پئي، اهو وٺڻ جي باوجود به مون سوچيو: ائين نه ٿيڻ گهرجي ها.

هڪ دفعي وري ٽيوشن شروع ٿي وئي. ياسمين فرسٽ ايئر جو فارم ڀريو ۽ ڪاليج ۾ ريگيولر اسٽوڊنٽ جي حيثيت سان داخل ٿي وئي. مون ته کيس چيو ته هاڻ کيس ٽيوشن جي ضرورت ڪانهي. پر ياسمين ٽيوشن وٺڻ تي زور رکيو. ۽ سيٺ ڪريم جي به اها خواهش هئي.

هر روز معمول وانگر مان ايندو هوس، ۽ پڙهائي شروع ٿي ويندي هئي. هاڻ پڙهڻ ياسمين لاءِ ڀرين وانگر ڏکيو نه هو. پڙهڻ سان گڏو گڏ چانهه جو دؤر به هلندو هو، ۽ ڪڏهن ڪڏهن رڪارڊ به ٻڌبا هئا. ۽ پوءِ سنگيت ۽ ادب تي بحث ٿيندا هئا. ٻه ٽي دفعا ياسمين مون سان فلم ۾ اڪيلي به هلي. شاپنگ تي ته ڪئين دفعا گڏ وياسين. ۽ هر ڀيري ڪنهن نه ڪنهن بهاني سان ياسمين ڪانه ڪا شيءِ تحفي طور ڏيندي هئي. مان اعتراض به ڪندو هوس ۽ احتجاج به. پر هوءَ ايڏي ته پنهنجائپ جو اظهار ڪندي هئي، جو مونکي نيٺ سندس ڳالهه مڃڻي پوندي هئي.

فرسٽ ايئر جو ڪورس پڙهائيندي مونکي ڇهه مهينا ٿي

انهيءَ گيت چو تهي مونکي ايڏو رنجايو، چو اِهو گيت ٻڌي مان ايڏو غمگين ٿي ويندو هوس. ڇو ته اِهو گيت منهنجي ناڪامين جو نوحو هو. منهنجي شڪست جو اعتراف هو. منهنجي بيوسيءَ جو پڙاڏو هو. منهنجي مجبورين ۽ نامحرومين جي پشنگوئي هو.

رڪارڊ وڄندو رهيو، مان ڪمري مان نڪري آيس. ڏاڪڻ تي قدم رکيم، اُها ڏاڪڻ، جيڪا سدائين جرڪندي هئي، اڄ مونکي اتي گُهگهه اوندهه محسوس ٿي. مان هرڏاڪي تي ٿاٻا کائڻ لڳس. ٻاهر نڪتس ته هرطرف اوندهه هئي. مان اوندهه ۾ اڳتي وڌندو ويس، وڌندو ويس. وڌندو پيو وڃان، وڌندو پيو وڃان.

---

!

”مان مهانگائيءَ جو پتو لڳائڻ لاءِ پنهنجي ٻارن کي بازار ۾ موڪليندو آهيان.“ — ذوالفقار علي ڀٽو

(هڪ اخباري خبر)

▲ سائين، ٻارن تي ڪهڙو اعتبار. ڪنهن وڏي کي موڪليو ته اوهانکي صحيح اگهه ٻڌائي.

!

”حڪومت پيري مريدي بند نٿي ڪري ڪُهري“— ڄام صادق علي

(هڪ اخباري خبر)

▲ ڄام صاحب، اسين ڪٿي ٿا چئون ته حڪومت پيري مريدي بند ڪري. هاڻ نئون پاڪستان آهي، نئين پيري مريدي ٿيندي، اڳوڻا پير ڇِتا، هاڻ نوان پير. پير ڄام صادق علي، پير اعجاز علي خان ٽالپر، پير درمحمد اوستو.



مشتاق احمد نالو، شورو ذات. مئي ١٩٥٢ع تي، ڳوٺ حاجي نور محمد شورو، ضلعي نئين ۾ ڄائو. ١٩٧٣ع ۾ بي. اي جو امتحان ڏنو اٿس.

سندس پهرين ڪهاڻي ١٩٦٨ع ۾ 'روح رهاڻ' مخزن ۾ ڇپي. انهيءَ ڪانپوءِ، سهڻي، نئين زندگي ۽ ٻين مختلف مخزنن ۾ سندس ويهه ڪهاڻيون (هن ڪهاڻيءَ سميت) شايع ٿيون آهن.

Gul Hayat Instute

انهن کان علاوه سندس لکيل ٽي ناوليٽ ۽ ڏهه ڪهاڻيون اڻ ڇپيل حالت ۾ موجود آهن.

ڪن تہ ائين ٻيٺو ٿو رهي ۽ پوءِ ٻڇندي، گهبرائيندي، ڪجهہ عجيب اَڻ تُڻ وچان، پهرين آهستي ۽ پوءِ انڪان ڪجهہ وڌيڪ زور سان، در تي هٿ سان ٺُڪ ـ ٺُڪ ڪري ٿو ۽ ان ئي ڪن ۾ ڪنهنجي پيرن جو آواز در ڏانهن ايندو ٻڌي ٿو. پاڻ ڪجهہ هٽڪي، ڪجهہ پرڀرو ٿي، ڪجهہ ڏاڪا لهي، اتي ئي ڏاڪن تي بيگ رکي، بيهي ٿو. ۽ ان ئي ڪن ۾ اندران ڪڙي، ڪلڻ جو آواز بہ ٻڌي ٿو ۽ ان سان گڏ هڪ خوشيءَ سان ڀريل رڙ جهڙو ئي ڪجهہ. هو پٺ ڏان اکيون ڪڍي منڍي ٿو ڏسي.

— آئي امان! ادا نندو آهي ـ امان!

— آئي امان ـ سچي!.... نہ نہ!

ڇڻ تہ ماڻس کي ويساهہ ئي نہ ايندو هجي. ڇڻ اها ڳالهہ ٿي ئي نٿي سگهي. ماڻس جو ڪجهہ ٻوڙڻ جهڙو ئي آواز ٻڌي ٿو، پر لڳيس ٿو ماڻس جا پير پٺ گهيرجن پيا، ٺڪڙو گسرڻ جو آواز در وٽ. ماڻس کي در وٽ ڏسي ٿو، ان ئي ڪن ۾ سندس اکيون ماڻس ۾ آيل تبديليءَ کي ڏسي ٽيون وڃن. ماڻس اڳي کان وڌيڪ، گهٽي هيٺي ٿي ويئي آهي. مُنهن جا گُهنج اڳي کان وڌيڪ گهرا ۽ چِٽا ٿي ويا آهن. مٿو هاڻي سچي جو سچو اڇو ٿي ويو آهي، انهن اڇن وارن ۾ هڪ بہ ڪارو وار نہ بچيو آهي. ان ئي ڪن ۾، جنهن ۾ هن ماڻس کي ڏٺو ۽ آيل تبديلي ڏٺي ـ عجيب احساس، ڪجهہ عجب، ڪجهہ ششدرپڻي، ڪجهہ ڏڀ، ڪجهہ عجيب بيزاريءَ، بوريت، ڪجهہ لاتعلقيءَ وارين گڏيل ڪيفيتن هيٺ هو سراپجي، پنڊپهڻ ٿي، قاتل اکين سان اتي ڄمي ويو. ٻن سالن جي ننڍڙي عرصي ۾، سندس نہ هوندي هي سڀڪجهہ ٿي ويو. ڪجهہ ائين، جو ڪو سهڻو جوان ماڻهو سندس سامهون بيٺل هجي ۽ ماڻس ڳالهائيندي ـ ڳالهائيندي، سندس ڏسندي ـ ڏسندي هُنجو منهن سڙي وڃي ۽ اهو سهڻو جوان، بدصورت سڙيل منهن سان ڏانهس نهاري. اهڙو ئي ڪجهہ ماڻس کي ڏسي هنکي محسوس ٿيو. ماڻس ڏاڪڻ جي پر وارين پٽين تي هٿن ۽ ٺوٺين جي اوٽ سان، لهندي هن ڏانهن اچڻ لڳي ۽ اچي

ڪيس چبنڙي پئي. پاڪر پائي، گُلن، نرڙ تي چميون ڏي ٿي.

ـــ اي منهنجا مٺا ٻچا. آءٌ صدقي وڃان منهنجا ابا.... ابا ڏينهن لاٿئي، منهنجيون ته اکيون نهاري - نهاري ٿڪي پيون. منهنجا مٺا. شل وڏي حياتي ماڻين.

ماڻس جي ٻانهن جهڙي لڙڪيل ماس، جو سندس چوڌاري وريل آهي، مان ڪيس سخت ڪريهه ٿي اچي. ڇمين مان ڪيس سخت بيزاري ـ نفرت ٿي ٿئي، ماءُ جي پاڪرن ۾ پاڻکي گُهٽجندو، مُنجهندو، ڦٿڪندو ٿو محسوس ڪري، سندس ساهه پيو مُنجهي. چاهي ٿو ته، ماڻس هاڻي ڪر ڇڏيس ته ڪيڏو نه سٺو. ڇمين ڏيندي، ماءُ جا نرم، ڪلڪڙا، رٻڙا چپ، جي سندس منهن تي ڦرندي عجيب، ڪريهه پيدا پيا محسوس ٿينس، لڳي ٿو الٽي اچي ويندي. ان ئي ڪن ۾ محسوس ٿو ڪري، ته ماڻس جي وات مان سچي گِگ نڪري سندس منهن تي ٽِڪجي ويئي آهي، سڄو منهن آلو - آلو پيو لڳي. لڳي ٿو هاڻي اها گِگ سندس منهن تان ڳڙي پئي. اٻڙڪو ايندي - ايندي، پاڻ تي جبر ڪري روڪي ٿو وٺي. ماڻس جڏهن ڪيس ڇڏي، سندس منهن تي ـ نسن نڪتل هڏائون هٿ ڦيري ٿي، تڏهن هو پاڻکي ڪيترو نه قدر آجو ٿو سمجهي. پر منهن تي اهو هڏائون ـ کهرو هٿ ڦرندو ڪيس سٺو نٿو لڳي.

ـــ امان، پاءُ جي بيگ ته ڪڍي هل.

ـــ نه نه آءٌ پاڻهي ٿو ڪڍان.

هو جلدي ۾ جهڪي بيگ ڪڍي، ڏاڪڻ تان تکو - تکو مٿي چڙهي ٿو. ڪجهه ٻچڻ جيان، ڪجهه ان انداز سان، جيئن سندس پويان هڪ ئي وقت ڪيئي ماڻهو هجن، هي هنن کان ٻچي ٻچڻ چاهيندو هجي. ڏاڪڻ جي مٿئين در مان اندر ٿيندي، پيڻس کي هٿ ڏيئي، تڪڙو، تڪڙو ڪمري ۾ اچي بيگ رکي ٿو. ڇڻ ته ماڻس وري جهلي ڇُمين جو وسڪارو لائي ڏيندس.

بيگ پٽ تي رکي، بنا هنڌ وڇايل، ننهڙي واڻ واري کٽ جي ايس تي بي آراميءَ سان ويهي ٿو. سندس پويان ماڻس ۽ پيڻس

ڪجهه ڪري. امان به ڪا چري آهي، ويچاري ٿو. ماڻس کي ڪوبه جواب نٿو ڏي، مات رهي ڳالهه ٻڌي ٿو. امان به عجيب آهي، هونهه. من ئي من ۾ ماڻس تي ڪيلي ٿو.

۽ ان ئي مهل وڏو ڀاڻس گهر ۾ گهڙي ٿو. هنکي ڏسي عجب ڳاڙ خوشيءَ مان چوي ٿو:

— اڙي .... ڪيڏي مهل آئين.

هو وڏي اچي ڀاڪر پائڻ جي ڪري ٿو، انکانِ اڳ جو ڀاڻس ٻانهون پکيڙي، هو خالي هٿ ٻ گهيري، هٿ ملائيندي وراڻي ٿو:

— گهڻي دير ٿي آهي. مڙيئي ڪلاڪ ـ ڏيڍ.

ڀاڻس ڪجهه هڪو ٻکو ٿي، پري هٽي ڪپڙا بدلائڻ ٿو لڳي. ۽ ڀاڻهي ٿو چوي:

— ٻه ڏينهن موڪل آهي، ٻه ڏينهن ته رهندين نه؟

هو ڪو جواب نه ڏيئي رڳو هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏي ٿو. ويچاري ٿو، سياڻي ته ڪنهن به حالت ۾ هليو ويندس. ڪيس گهر جبل ڀيو لڳي.

— هيترا ڏينهن ڪا گهر ڪونه آئين؟

— بس ائين مڙيئي....

هو منهن ڦِٽائي آهستي چوي ٿو. چاڻن به ٿا. نه اچڻ جو ڪارڻ چنين ۾ لکي چڪو آهيان. پوءِ به پڇڻ جو ڪارڻ.

ڀاڻس هنکي ورچيل ۽ ڳالهائڻ مان بيزار ٿيندو ڏسي، وڌيڪ ڪجهه نه ڳالهائي، مات ٿو رهي. هيءُ ڪتاب ويهاڻي جي پرسان رکي، منهن ڦيري سمهي ٿو رهي، پر ننڊ نٿي اچيس. ان هوندي به اکيون کولي نهاري نٿو. جڏهن ته زوريءَ اکيون ٻوريندي، اکين ۾ هلڪو هلڪو سور پيو ٿئي. وري اجايو ڳالهائڻو پوندو، بار ته تنگ ڪندا، وري اُبتا سبتا سوال. هونهه ڪيڏو نه واهياتپڻو آهي، هو ويچاري ٿو.

هنکي ستل سمجهي ماڻس ڀاڻس کي چوي ٿي:

ابا، ڀاءُ ويچاري جا حال ته ڏس. ڪيڏو نه آيرو ٿي ويو آهي.

سدائين پيا ڪائو . اچ چڙيو ته ياءُ ڪائي، بچي شل ٻنپهرن جو ٻه ماني کونه کاڌي آهي. چانهه ڪري وَري ڪڪڙ چاڙهيان ، بچي شل ڪي بک هوندي سڄي ڏينهن جي .

چانهه ڪڙهڻ کان چانهه پيئڻ تائين سڀ مات آهن . چانهه پيئندي ڪيس سڀ ڪجهه واهيات پيو لڳي . بي سڪائي، ڪڪپائيءَ جي ڪري چانهه مان ٽيسٽ نٿي اچي . وات جو ذائقو مري ويو آهي يا چانهه جي ئي ٽيسٽ مٺل آهي . اڌ ڪوپ پي، اڌ چڙي ٿو ڏي . ڪيس هاڻي، هن مهل ڪجهه به سٺو نٿو لڳي . هوا بند ٿي ويئي آهي يا هوا لڳي ٿي ۽ وڻن جي پنن لڏڻ ڇڏي ڏنو آهي. سڄي وايو منڊل ۾ پوسٽ ئي پوسٽ آهي. ويهندي ڪيس سخت مونجهه پئي ٿئي . هو اٿي ٿو ويهي . لڳيس ٿو ته جي ڪجهه دير وڌيڪ هتي رهيو ته گهٽجي، ڦٽڪي - ڦٽڪي ساهه نڪري ويندو. جي نه ته پڪ ئي پڪ چريو ٿي پوندو . رات جو داپ وڌي ويندو، لونڊڙيون نڪاءُ ڏيئي ڦاٽي پونديون، دل ٻيهي ويندي. نه. هتي نه رهي سگهندس. هيڏا اذيتناڪ ڪلاڪ گذارڻ ڪانپوءِ، وڌيڪ ڪجهه سهڻ جي سگهه نه رهي آهي، هو ويچاري ٿو .

هن ماڻس ۽ پاڻس ڪي چيو هو: ٻه ڏينهن رهندس. پر هاڻي هو ڪنهن وڏي بار، ڪنهن ڪڪپائي، بوريت جو شديد احساس ڪارڻ اندر ڪمري ۾ وڃي ڪپڙا مٽائي، بيگ ۾ سامان رکي ٿو ۽ سڀ، سڄي گهر جا ڀاتي عجب ۾ پئجي ٿا وڃن. سندن اکيون ڦاٽي ٿيون وڃن، اڻين، جيئن هنن جي ڏسندي _ ڏسندي ڪل خوشيءَ ۾ ڪو اچانڪ، دکدائڪ ُدرگهٽنا ٿي پوي . ماڻس عجب ۽ ڪجهه پريشانيءَ مان پڇي ٿي، مٺل، گهٽيل، زخمي، ڦٽيل آواز سان. ڪٿي اسان کان ته ڪا اهڙي ڳالهه ڪانه ٿي آهي .

— ابا ڪيڏانهن !

— وڃان ٿو واپس ....

— چو، تو چيو ته ٻه ڏينهن رهندس. پوءِ وري هاڻي ....
پاڻس وڌيڪ ڳالهائي نٿو سگهي. هو ڪو جواب نه ڏيئي

موتي ٿي.
ڏاڪڻ واري در ڪان ٻاهر نڪري، گهٽيءَ ۾ اچي هو اونهو-ٻ گهو ساهه ٿو کڻي، ڇڻ هو وڏي اذيت سان ٻوڙندو آيو هجي، ۽ هاڻي آزاد ٿي مس مس سامت ۾ آيو هجي. گهٽيءَ ۾ هلندي-هلندي هو پاڻکي هلڪو ۽ آزاد پيو محسوس ڪري. بيگ هٿ ۾ لوڏي مزي - مزي سان هلڻ ٿو لڳي.

---


# جواڻ جماڻ پبليڪيشن

جو پهريون ڪتاب

# شاديءَ جا ڳجهه

وڏيڪ واڌاري، سڌاري ۽ تصويرن سان
نيو ايڊيشن شايع ٿي ويو.

- انهي موضوع تي اهڙو ڪارائتو ڪتاب هن ڪان اڳ ڪڏهن به نه نڪتو آهي.
- شاديءَ ڪان اڳ جنسي ڄاڻ ۽ شاديءَ ڪان پوءِ جي جنسي ڄاڻ تي هڪ بهترين ڪتاب.

وڻندڙ ٽائيٽل، قيمت: پنج رپيا.

گهرائڻ لاءِ لکو:
محمد عبدالڪريم، ۴ – گهٽي، پڪو قلعو، حيدرآباد سنڌ.


Gul Hayat Institute



**محمد خان نالو، ذات**
شاعر (ٻروچن جي هڪ
ذات) ١٩٥١ع تي اوپارو
ضلعي ٺٽي ۾ ڄائو.
هن وقت لياقت ميڊيڪل
ڪاليج ۾ ٽئين سال جو
شاگرد آهي.

سنڌس پهرين ڪهاڻي
'ڏيسن جو دستور' ١٩٧٢
۾ 'لطيف' ڪتابي سلسلي
۾ ڇپي. ٻي ڪهاڻي 'وڏي
جن وڏياس' ١٩٧٢ع ۾
'سوجهرو' رسالي ۾ ڇپي
'لاش' سندس ٽئين ڪهاڻي آهي.

ڪهاڻين سان گڏ شاعري به ڪندو آهي ۽ 'مخمور' سندس
تخلص آهي. سندس شعر مارئي، لطيف ڪتابي سلسلو، ملير ۽
سهڻي ۽ ۾ ڇپيا آهن.

Gul Hayat Institute



پورو نالو غلام حسين، ذات قاضي، ادبي نالو ’خليل قاضي‘ ۱۹۵۴ ۾ نصرپور، ضلعي حيدرآباد ۾ ڄاو. ۱۹۷۲ع ۾ سائنس ۾ انٽرپاس ڪيائين.

نومبر ۱۹۷۳ع ۾ سنڌس پهرين ڪهاڻي ’جمهوريت جو سچ‘ سهڻي ۾ ڇپي. خليل مشهور ڪهاڻيڪار امر جليل کان نهايت متاثر آهي، ايتري قدر جو سنڌس لکڻيءَ جو انداز به امر جليل جهڙو آهي، تنهنڪري نه فقط عام پڙهندڙ، پر خود امر جليل جي اديب دوستن به ائين سمجهيو ته ’جمهوريت جو سچ‘ ڪهاڻي خليل قاضي نه، بلڪ امر جليل جي لکيل آهي.

’ٻيو رستو‘ سنڌس ٻي ڪهاڻي آهي، ۽ اميد ته پڙهندڙن کي هاڻ ڪا به غلط فهمي نه رهندي.

Gul Hayat Institute

آهيان." هن عاجزيءَ سان وراڻيو.

"تون ماستر جي ويس ۾ تخريب ڪار آهين. تو غريب شاگرد کي ملڪ خلاف ڀڙڪائي هنگاما ڪرايا آهن." انسپيڪٽر ڏند ڪرٽيندي چيو، "تون شرپسند آهين، تو مان هن ملڪ کي سخت خطرو آهي."

"هر ڏاڍ خلاف احتجاج، تاريخ جو فيصلو آهي." هن دل ٻڌي چيو، "تاريخ کي ڪير به موڙي نه سگهيو آهي."

"تاريخ جي آڙ ۾ پاڻکي لڪائڻ جي ڪوشش نه ڪر." انسپيڪٽر پنهنجي ڳالهه تي زور ڏيندي چيو، "تون پنهنجو ڏوهه تاريخ تي نٿو مڙهي سگهين."

"آءٌ سچ کان اکيون پوري به نٿو سگهان." هن آهستي آهستي وراڻيو.

"تون سرڪار کي دوکو نٿو ڏئي سگهين." انسپيڪٽر آواز ۾ رعب پئدا ڪندي چيو، "ڪاليج ۾ ٿيل هنگامن جو ذميدار به تون ئي آهين."

"منهنجي سروس ٽي سال آهي ۽ هن ڪاليج ۾ پهريون هنگامو ڇهه سال اڳ ٿيو هو." هن چيو، "هتي ته سڄي ملڪ ۾ باهه ٻريل آهي."

"تون ملڪ دشمن آهين." انسپيڪٽر چيو، "تنهنجو ضرور ڪنهن زير زمين تحريڪ سان تعلق آهي."

"آءٌ هڪ معمولي ماستر آهيان." هن صفائي پيش ڪندي چيو، "يقين ڪريو انسپيڪٽر صاحب، منهنجو ڪنهن به تحريڪ سان ڪوبه تعلق ڪونهي."

"تون شرافت مان ڪونه مڃيندين." سندس اک جي هڪ اشاري سان، هڪڙو ڦڏڪو هنجي ڪُلهي کي چليندو ڇاتيءَ تائين وري آيو. پوءِ ٻيو... ٽيون ... چمبل رت هڪ وار وري ريلا ڪري وهڻ لڳو. هو سور کان سيسرات ڪري ڦڏڪي رهيو هو. مغز کي چڪر آيس، بولاٽي کائي ڪري پيو. هيترا ڏينهن هن عاجزيءَ کان

جا اکر ڦرڻ لڳا. ’هو ڏيهن فوٽن جي بلنديءَ تان ڪري پيو ـــ ڪيس سخت زخم آيا ـــ ۽ ...‘ هو وڌيڪ سوچي نه سگهيو. ڊريسر ڪي لاش صاف ڪرڻ جو چئي هو ٻاهر نڪري آيو. لاش جي رتورت جسم سان ليڙون ليڙون ٿيل ڪپڙن جي ڇهتيل هئڻ سان ئي انسپيڪٽر جا زخم ظاهر هئا. ٻي ڳالهه ته ڏيهن فوٽن جي بلنديءَ تان ڪرڻ ڪانپوءِ به هنجون ٽنگون ۽ ٻانهون سلامت هيون. ٺٽهنڪانسواءِ جيل ۾ رات جو ٻارنهين يا هڪ وڳي فائر ٿيو. ڊاڪٽر جو گهر جيل جي ڀرسان هو، ۽ هو انهي وقت جاڳيو پيو، پر هن آواز نه ٻڌو. انسپيڪٽر جي رپورٽ کي چئلينج ڪرڻ لاءِ اهي ڳالهيون ئي ڪافي هيون. پر هو وڪيل نه هو ۽ نه ئي هيءَ ڪورٽ هئي. ڪيس لاش جو پوسٽ مارٽم ڪري اختياريءَ وارن کي رپورٽ ڏيڻي هئي.

لاش صاف ٿي چڪو هو. ڊاڪٽر نڪ تي ماسڪ چاڙهي، مرده خاني ۾ داخل ٿيو.

لاش تي نظر پوندي ئي هنجون اکيون پورجي ويون. دل سيني ۾ ڦٿڪڻ لڳي. هنجي دل مان درد جي سٽ اڀري. پوسٽ مارٽم جا ڪيس ته هن وٽ اڪثر ايندا ئي رهندا هئا، پر ههڙو بيدرديءَ سان چچريل انسان، هن ڪڏهن به نه ڏٺو هو. هنجي سَنڌَ سَنڌَ ۾ سوين گهاوَ هئا. سڄي بدن تي چمَ جو سالم ٽڪر به نظر نٿي آيو. جسم جو اڇو گوشت چلاچلي دڙ ڳي دڙ ڳي ٿي ويو هوس. نسن جا وريل ٽڪر، هنجي جسم تي وارن وانگر پکڙيل هئا. ڇاتيءَ تي ڏنائين، پاسراٽين جي هڪڙي هڏي به سلامت نه هئي. پُٺا ڀرِڻ ٿي ويا هئس.

انساني وحشت کان هنجي دل گُهٽجڻ لڳي. هنجو ساهه مُنجهڻ لڳو. هنکي يقين ٿي ويو ته هيءُ زوري موت آهي. ’هڪڙي ڊاڪٽر جي حيثيت ۾ مونکي ايترو اثر وٺڻ نه گهرجي.‘ هن سوچيو. پر الائي ڇو؟ هنجو لاش ڏسي، هنجي دل هماليه جي غارن ۾ لهڻ لڳي هئي. هنکي لاش سان هڪ اڻڄاڻ همدردي

Gul Hayat Institute

هو شرپسند هو، ۽ وطن دشمن ڪاروائين ۾ رُڌل هو. هن شاگردن کي ملڪ خلاف ڀڙڪائي، هنگاما ۽ هڙتالون ڪرايون هيون." پنهنجي ڳالهه جاري رکندي ڏاڍي زارداريءَ سان چيائين، "ڊاڪٽر صاحب، هن هڪڙي خفيه ريڊيو اسٽيشن قائم ڪئي هئي، جتان نام نهاد آزاد ديش جا پروگرام ڏيندو هو."

ڊاڪٽر بيزار ٿيندي پڇيو، "توهان وٽ ثبوت ڪهڙو آهي."

يڪدم چيائين، "توهانکي خبر ڪانهي ڊاڪٽر صاحب، هن غدار کي چيو سين: هيءُ ملڪ ڇڏي، هتان هليو وڃ. تو کي ڪوبه ڪجهه نه چوندو ۽ نه روڪيندو. ٻڌو ته سهي ڇا ٿو چوي." هن جوش ۾ ايندي چيو، "چيائين ته آءٌ پنهنجي ماءُ کان دور ڪونه ٿيندس ۽ سندس ئي هنج ۾ پساهه ڏيندس." ڪجهه دير رکي چيائين، "اسلام جو دشمن هو نه. منجهانئس اسلام ۽ نظريه پاڪستان کي سخت خطرو هو." هن ڊاڪٽر ۾ اسلامي جذبو پيدا ڪندي چيو، "تنهن ڪانسواءِ اسان مسلمانن کي ته الله وٽان اسلام جي دشمنن کي مارڻ جي اجازت مليل آهي. اسانکي هيءَ سرزمين پاڪ ڪرڻي آهي."

انسپيڪٽر جون ڳالهيون ڊاڪٽر کي ڪوئنين جهڙيون ڪڙيون لڳي رهيون هيون. هن ڪـَـڪ ٿي چيو، "مونکي سڀ خبر آهي انسپيڪٽر صاحب." هنجي اکين آڏو دڙڳ دڙڳ ٿيل، ڇيٿيل ۽ ڇچريل لاش ڦيرڻ لڳو.

ڪرسيءَ تان اٿندي انسپيڪٽر چيو، "ڊاڪٽر صاحب، مونکي وڌيڪ چوڻ جي ته ضرورت ڪانهي نه."

"توهان ڪجهه به چوڻ جي اجائي تڪليف نا ڪريو." پنهنجي ارادي تي اٽل رهندي ڊاڪٽر چيو، "آءٌ پنهنجو فرض ضرور پورو ڪندس."

"ته ڇا توهان..."

"جي، آءٌ رات کي ڏينهن نٿو چئي سگهان." سندس ڳالهه ڪٽيندي ڊاڪٽر چيو.

Gul Hayat Institute

”پرواهه ناهي.“ هن ٽارزن جهڙو ٺهڪ ڏيندي چيو، ”اسانوٽ هڪڙو ٻيو به رستو آهي.“ ائين چئي هو ٽڪڙو ٽڪڙو ڪمري مان ٻاهر نڪري ويو.

”ٻيو رستو...! ڇا مطلب؟“ ڊاڪٽر مُنجهي پيو. سوچن جا سلسلا ورائي ويس. هو ’ٻيو رستو‘ سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

ٻئي ڏينهن صبح جو اسپتال وڃڻ کان اڳ ڊاڪٽر اخبار ۾ راتوڪي لاش جي تصوير ڏٺي. هيٺان خبر ڇپيل آهي.

آزاد ديش جو سرگرم ڪارڪن جيل مان فرار. سرحدن تي پوليس کي چوڪس رهڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي

---

# آزادي

جتي ماڻهو پنهنجا خيالات آزاديءَ سان هڪ ٻئي کي ڏيئي نه سگهن، اُتي ٻي ڪنهن آزاديءَ جو هجڻ ممڪن ئي ڪونهي.

**— وليم ارنيسٽ**

آءٌ هڪ آزادي چاهيان ٿو، ۽ اها آهي ذهن جي آزادي.

**— ائنٿون - ڊي - سينٽ**

Gul Hayat Institute



عبدالحليم نالو، ذات بروهي. ١٩٣٦ع تي حيدرآباد ۾ ڄائو.

١٩٥٨ع ۾ ايل ايل-بي ڪيائين، هاڻ حيدرآباد ۾ وڪالت ڪري رهيو آهي.

بروهي ساڳئي وقت سنڌي، اردو ۽ انگريزي ۾ لکندو رهيو آهي. ١٩٦٨ع ۾ انگريزي ۾ ننڍڙو ڪتاب Nothing in particular ڇپيو. ساڳئي سال ۾ Nothing in Earnest ۽ ١٩٦٨ع ۾ Solo Decayed ڇپيس.

١٩٦٨ع ۾ هن هلال پاڪستان اخبار (حيدرآباد) ۾ طنزيه مضمون لکيائين. سندس ڪهاڻين ۽ طنزيه مضمونن جو هڪڙو مجموعو آخرين وسيلو شايع ٿيل آهي. تنهنڪان علاوه هٽلر ۽ تاس جي راند سندس لکيل ڪتاب آهن. سهڻي، اڳتي قدم ۽ ٻين رسالن ۾ سندس ڪهاڻيون شايع ٿيون آهن.

بروهي جون ننڍڙيون ننڍڙيون ڪهاڻيون طنز ۽ مزاح سان ڀريل هونديون آهن، اهڙو طنز جيڪو دل ۾ چُڀي ٿو وڃي، اهڙو مزاح جيڪو مرڪڻ تي مجبور ڪري ٿو.

Gul Hayat Institute

ڏيکاريو، مونکي مسز ٻارون جو رت ۾ ٻڏل لاش ڏيکاريو ته مان جاسوسيءَ جا جوھر ڏيکاريان.“ مون سامھون نھاريو. مس ٻارون مونڏانھن نھاري رھي ھئي. مان شرمائجي ويس. ڪنڌ ھيٺ ڪري نيرن ڪرڻ لڳس. مس ٻارون مونڏانھن ڇو نھاري رھي ھئي؟ مون ڊبل روٽي ڏانھن ھٿ وڌايو. ”اھا آمليٽ واري رڪابي مونڏانھن ويجھي ڪري پوءِ ڊبل روٽي کڻ.“ شرلاڪ ھومز جو دھشتناڪ آواز آيو.

آھستي آھستي ڪري مون ڪنڌ مٿي ڪيو. اوچتو منھنجون اکيون وري مس ٻارون جي اکين سان چار ٿيون. مان وري شرمائجي ويس. يڪدم ڪنڌ ھيٺ ڪري نيرن ڪرڻ لڳس. مس ٻارون ڇا سوچيندي؟ شرلاڪ ھومز ڇا سوچيندو؟ واٽسن جي نظرن ۾ ڪِري نه پوندس؟ خير واٽسن ته مان پاڻ آھيان، پر شرلاڪ ھومز ڇا سوچيندو؟ مون آمليٽ ڏانھن ھٿ وڌايو. ”آمليٽ کڻڻ کان اڳ اِھا ڊبل روٽي واري ٿالھي ھيڏانھن ڪري ڏيم.“ شرلاڪ ھومز جو ٻٽ ڪانڊاريندڙ تڏو آواز آيو.

مون نيرن تان ھٿ ڪنيو ۽ ڪنڌ مٿي ڪيم. ٽڪ نظرون چار ٿيون، ۽ مان وري نيرن ڪرڻ لڳس. مس ٻارون مونڏانھن ڇو نھاري رھي ھئي؟ مان شرمائجي ويس. منھنجو ھٿ چانھ ڏانھن وڌيو. ”ڪنڌ مونکي ڏيئي پوءِ چانھ کڻ،“ شرلاڪ ھومز چيو. مان وري نيرن ڪرڻ لڳس. منھنجي دل ۾ مسز ٻارون جي والاريل جاءِ ھاڻ وري مس ٻارون والاري ڇڏي ھئي. جھنگ جي ٻن پکين کان ھٿ تي ويٺل ھڪ پکي بھتر آھي. غائب ٿيل مسز ٻارون کان، سامھون ويٺل مس ٻارون بھتر ھئي. گھٽ ۾ گھٽ اکيون ته ملي ٿي سگھيون. مسز ٻارون جو انتظار ڪرڻ لاءِ مون وٽ وقت نه ھو.

شرلاڪ ھومز ھرڪو ڪم قاعدي مطابق ڪندو ھو. شادي به قاعدي مطابق ڪئي ھئائين، ۽ سندس زال جو موت به قاعدي مطابق ٿيو ھو. فقط دفنائڻ وقت ٿوري گڙٻڙ ٿي وئي ھئي جو

Gul Hayat Institute

شرلاڪ کان ٿهڪ نڪري ويو هو. غائب ٿيل مسز ڊارون جي ڳولها لاءِ شرلاڪ قاعدي مطابق ٻه لسٽون ناهيون. هڪڙي لسٽ مسز ڊارون جي ساهڙين جي، ۽ ٻي لسٽ مسز ڊارون جي دشمنن جي هئي. ساهڙين مان ڪابه غائب نه هئي، ۽ دشمن ٻه هڙيئي حاضر هئا، جو مسز ڊارون جي غائب ٿيڻ جو ٻُڌي غارن مان نڪري آيا هئا. شرلاڪ مُنجهي پيو. پيشانيءَ تي پگهر جا ڦڙا ظاهر ٿي پيس. رومال سان پيشاني اُگهندي مونکي چيائين، ”تون مونڊانهن غور سان نه ڏسندو ڪر. مان اڳيئي منُجهيل آهيان، تون مونکي غور سان ڏسندو آهين ته مان وڌيڪ مُنجهي پوندو آهيان.“ شرلاڪ لسٽون ڦاڙي آسمان ۾ غور سان نهارڻ لڳو. مون آسمان ۾ غور سان ڏٺو. آسمان ۾ ڪجهه نه هو. مون حيران ٿي شرلاڪ ڪي ڏٺو ته شرلاڪ مونڏانهن ائين نهاريو، جيئن ڪچو چٻاڙي ويندم. مان ڊڄي ويس، ۽ اُٿي اچي مس ڊارون جي پاسي ۾ ويهي سُئيٽر ناهڻ لڳس. اوچتو خيال آيم ته مان مڙس آهيان. سوئيٽر ڦٽو ڪري اخبار پڙهڻ لڳس.

هفتو لنگهي ويو، پر مسز ڊارون جي ڪابه خبر نه پئي. شرلاڪ هومز سڄي بنگلي جو هڪڙو انچ تپاسيو، پر مسز ڊارون جو پتو نه پيو. شرلاڪ هومز هر هڪ ڪٻٽ مٿان ۽ هر هڪ کٽ هيٺان ڏٺو، پر مسز ڊارون جو پتو نه پيو. سخت لاچار ٿي شرلاڪ مٿي ڇت تي به ڏسي آيو،پر مسز ڊارون ڇت تي به نه هئي.
”پوءِ آخر مسز ڊارون ڪيڏانهن وئي؟“ شرلاڪ مونکان پڇيو.

”مان ڊاڪٽر آهيان.“ مون جواب ڏنو، ”جاسوس تون آهين. ۽ في به توکي ملي آهي. جيڪڏهن مان مسز ڊارون هجان ها ته ضرور ڇت تي هجان ها.“ مون محسوس ڪيو ته منهنجا تعلقات شرلاڪ سان خراب ٿي رهيا هئا. پر مان خوش هوس، ڇو ته منهنجا تعلقات مس ڊارون سان سُٺا ٿي رهيا هئا. مسٽر ڊارون سڄو ڏينهن ”هاءِ مسز ڊارون، هاءِ مسز ڊارون“ ڪري رئندو هو. رات جو سندس ”هاءِ مسز ڊارون“ واري رڙين ۾ وڌيڪ درد هوندو هو. هڪڙي ڏينهن جڏهن رُئيندي، رڙندي، زمين تي ليٽڙيون پائڻ لڳو.

Gul Hayat Institute



قمر شهباز نالو، ٻگهيو ذات. 'شهباز' تخلص. ١٩٣٩ع تي نوابشاهه ۾ ڄائو. ١٩٥٩ع ۾ انگريزي ادب ۾ ايم. اي ڪيائين. هن وقت ايس. ايم. ڪاليج ڪراچيءَ ۾ انگريزيءَ جو پروفيسر آهي.

سنڌس پهريون ڪهاڻي ٥٤-١٩٥٥ ڌاري ۾ ڇپي هئي.

انهيءَ کانپوءِ اڳوڻي هلال پاڪستان (حيدرآباد) جي ماهانه ايڊيشن ۾ سندس ڪافي ڪهاڻيون ڇپيون. تنهنکان علاوه سه ماهي مهراڻ، نئين زندگي، روح رهاڻ، برسات، ڪونج، بادل، نئين دنيا، سوجهرو، اڳتي قدم ۽ سهڻيءَ ۾ سندس اٽڪل ڏيهه کن ڪهاڻيون ۽ بي شمار شعر شايع ٿيا آهن.

قمر شهباز جو شمار موجوده وقت جي مشهور ڪهاڻيڪارن ۽ شاعرن ۾ ٿئي ٿو. ۽ قمر جون لکڻيون، سنڌ ۽ ڀارت جي هر مخزن ۾ شايع ٿيون آهن. پر اڄ تائين سندس شعرن ۽ ڪهاڻين جو ڪو مجموعو شايع نه ٿيو آهي. سهڻي پبليڪيشن جي پاران جلد ئي سندس مجموعو شايع ٿيندو.

Gul Hayat Institute

۾ اعتبار نہ اٿم.“

”تون بيوقوف آهين. ٻہ درجا ڇا پڙهيو آهين، مٿي ۾ واءُ ڀرجي ويو اٿئي.“

”پٽهين سچ ٿو چوي پٽ.“ امان اکين ۾ ڳوڙها آڻيندي چيو، ”تنهنجو ان جاء ۾ رهڻ ٺيڪ ناهي.“

”وڏا وڏا شينهن مڙس ڏڄي ڀڄي ويا.“ چاچي ڪدوءَ چيو.

”جن ڏاڍا ظالم ٿيندا آهن.“ گلڻ گهيتلي چيو.

”پر بابا، هي تہ ڏيڏ جن آهن. نہ اٿن پير نہ مرشد. ڪنهنکي ميجن ئي ڪونہ جيئڻ وٽين، تيئن ڪن.“ ملول موالي‌ءَ رڙ ڪئي.

”سپاجهي سبزوئي‌ءَ جو ڪنڌ ڀڃي ڇڏيائون.“

”ڪمونءَ ڪوسي جي گهوڙي ماري وڌائون.“

”نوري نڏڪي جي جوء ڪڍي ويا.“

”ڪاري ڪوليءُ جي جوان ڌيءَ گم ڪري ڇڏيائون.“

”بهادر بروهي‌ءَ جو جيرو ڪڍي ڪائي ويا.“

”وڏا وڏا ظلم....“

”تون چپ ڪر.“

”ضد ڇڏي ڏي بابا.“ امڙ ڀاڪر پائيندي چيم، ”پاڻ ڏاڍن سان ڪونسڻ ڇڱو ناهي.“

”مان ڏاڍن کي ڏاري ڇڏيندس امان.“

”هو زوراور آهن پٽ.“

”مان پهڻ پٿون ڪري ڇاڻان.“

”هو بي رحم آهن.“

”مان وٽن رحم جي خيرات پنڻ ٿنو وڃان. سندن ڀرم ڀورا ڪرڻ وڃي رهيو آهيان.“

ماءُ جي اکين مان ڳوڙها ڳڙي پيا. پيءَ ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو. پنهنجا پرارا لڙڪ منهن سان موتي ويا.

ءَ پوء تڏهن مون گهر جي هڪ اونداهيءَ ڪنڊ ۾ بينل

ورتاءُ ڪرڻ لڳا.

نئين جاءِ، غريب آباد جي گهٽي ۾ جانورن جي اسپتال پرسان هئي. ٻاهران ڏسڻ ۾ ئي پراڻي ۽ بيڊولي ٿي لڳي. هڪ غليظ ۽ گندگيءَ سان ڀريل گهٽيءَ ۾ وڏو لوهي در هوس، جنهن تي ڪٽ چڙهيل تالو لڳل هو.

تالو کولي اندر داخل ٿياسين ته هڪ ڪشادو اڱڻ نظر آيس، جنهنجي پرئين پاسي ڪجهه ڪمرا جڙيل هئا ۽ ڪجهه اڌ ۾ ڇڏيل هئا. ائين ٿي معلوم ٿيو، ڄڻ جاءِ جو مالڪ ڪنهن مجبوريءَ ڪان ڪم اڌ ۾ ڇڏي هليو ويو هو. ويران اڱڻ جي وچ ۾ هڪ ڊگهو ڪجيءَ جو وڻ هو. هيءُ اهو ئي وڻ هو، جنهنجي متعلق مشهور هو ته هن ۾ جنن جو آستانو هو. مون نئيڙيءَ روزيءَ کي هٿ کان جهليو ۽ هڪ نظر زينوءَ ڏي نهاريم. هوءَ ويچاري هراسيل نگاهن سان ڪجيءَ ڏانهن ڏسي رهي هئي. مونڏي نهاري، مُرڪڻ جي بيسود ڪوشش ڪيائين. پوءِ ناڪام ٿي ڪنڌ جُهڪائي ڇڏيائين.

مون وڏي ڪيس ڳراٽڙي پاتي. پيار مان چيومانس: ”زينو، ملول نه ٿيءُ. اسان هتي هميشه لاءِ ڪونه رهنداسين. هن اونداهي بدبودار پاڙي ۾، جتي بک ٻاهي ٿي ۽ ڏک پلجن ٿا، اسانکي اميدن جو اجرو آئيندو آهي. هراس ۽ خوف جي هن بستيءَ ۾ ڀروسي ۽ اعتماد جي جوت جلائڻي آهي. جڏهن به اهو ڪم پورو ٿيو، تڏهن اسان هتان هليا هلنداسين.“

۽ پوءِ تڏهن اسان اڱڻ لتاڙي پنهنجي آئينده جي اجهي ڏانهن وڌياسين.

ڪجي خاموش هئي. ڪابه چرپر، ڪوبه آواز ٻڌڻ ۾ نه آيو. شايد ڪجيءَ جا سمورا جن حيرت وچان مون بيوقوف جي جرئت کي جاچي رهيا هئا. يا وري دل ئي دل ۾ ٺهڪ ڏئي کلي رهيا هئا اندريان ڪمرا، مٽيءَ سان ميرا، اونداها ۽ هٻس وارا هئا. ڪوريئڙن جا ڄار ڇتين پاسي ڦهليل هئا. ڪٿي ڪٿي چوسيل هڏا، شراب جون

وڏو جرم ڪيو آهي. چا توکي چاڻ ناهي ته اسان اوندهه جا رهواسي روشنيءَ جا جاني دشمن هوندا آهيون.“

”تون صديون پراڻيون ڳالهيون ڪري رهيو آهين جن، هاڻي زمانو بدلجي چڪو آهي.“

”جتي اسانجو راڄ هوندو آهي، اتي وقت بيهي ويندو آهي. صديون ساعتون بنجي وينديون آهن. پيڙهيون پلڪن ۾ گذري وينديون آهن.“

”پر مون ته نيڪ نيتيءَ سان هن گهر کي ٻيهر آباد ڪرڻ ٿي چاهيو.“

”تو اسانجي توهين ڪئي آهي. اسانجي غيرت کي للڪاريو آهي.“

”مون پڙيانگ گهر آباد ڪيو آهي، جن.“

”تو رئيس پورل خان جي رنگ ۾ ڀنگ وڌي آهي.“

”مان ڀنگ ڪونه وجهندو آهيان پيارا جن.“

”رئيس پيئندو آهي، ۽ مستيءَ ۾ موج ماڻڻ لاءِ هن جاءِ ۾ جوانڙيون ٽڪائيندو آهي.“

”رئيس نه راڄ جو ابو امڙ هوندو آهي، جن.“

”رئيس ڪان اڳ وڏو رئيس رڄ ڪندو هو. ڪانئس پوءِ ننڍو رئيس سامائبو.“

”ته اها ڳالهه آهي.“ مون چيو.

جن گهرائجي ويو. ٽڪڙ ۾ چيائين، ”مان سياستدان ناهيان. صرف جن آهيان، ۽ جن حڪم جا غلام ٿيندا آهن.“ ائين چئي هو اڳتي وڌيو ۽ مونکي مغز واري مُڪ وهائي ڪڍيائين. زينو اوچنگارون ڏئي روئڻ لڳي.

مون همت نه هاري. جسم جي سموري طاقت گڏ ڪري اٿڻ جي ڪوشش ڪيم، پر جن منهنجي پيٽ تي لت وهائي ڪڍي. مان سور کان پيٺو ٿي ويس. هو ٺهڪ ڏيندو اڳتي ويو ۽ ننڍڙيءَ روزيءَ جي ٽنگ مروڙڻ لڳو. مون وڏي مشڪل سان ڳالهائيندي

پوءِ هڪ ڏينهن مان جهونا مارڪيٽ مان لنگهي رهيو هوس، تڏهن اوچتو پنهنجو نالو پڏي بيهي رهيس. شايد ڪو مونکي سڏي رهيو هو. ڪنڌ ورائي ڏٺم. پراڻن ڪوٽن جي ڍير پويان ويٺو ڪجهيءَ جو جڙن مُرڪي رهيو هو. مونکي حيرت ۾ ڏسي چيائين، ”حيران نه ٿيءُ سوڍا، مان سا ڳيوئي ڪجهيءَ جو جن آهيانءِ.“

”پر .... پر .... تون هتي!؟“

”ها دوست، رئيسن جي ياريءَ تي ڪهڙو ڀروسو؟ ڪيس پيو ڪارائتو جن ملي ويو.“

”پر تون ته سندس قديمي خيرخواهه هئين - هنن لاءِ تو ڪيترائي ڪڏا ڪم پڻ ڪيا.“

وقت وقت جي ڳالهه آهي سوڍا،“ هن ٿڌو ساهه ڀريو. ”هاڻي مان پراڻا ڪوٽ وڪڻي پيٽ پاليندو آهيان.“

مونکي جن سان همدردي ٿيڻ لڳي. پڇيم، ”پر آخر اهو سڀڪجهه ٿيو ڪيئنءَ؟“

هن اکيون جهڪائي ڇڏيون. ڏکويل آواز ۾ چيائين، ”مون توکي چيو هو نه ته مان سياستدان ناهيان. فقط جن آهيان، ۽ جن حڪم جا غلام ٿيندا آهن.“

”پر ان جاءِ ۾ هاڻي ڪير رهندو آهي؟“

”خير سان ننڍو رئيس جوان ٿيو آهي.“

”اهو ته ٺيڪ آهي پر ....“

”بس، وڌيڪ ڪجهه به نه پڇ. مان تنهنجي اڳيان شرمسار آهيان سوڍا.“

ائين چئي هن منهن ڦيري ڇڏيو ۽ پراڻا ڪوٽ وڪڻڻ لڳو!

Gul Hayat Institute

# بچت

## جو هي ننڍڙو ٻوٽو تيزيءَ سان وڌندو



پنهنجي بچت

## قومي بچت
## جي اسڪيمن

۾ لڳايو!

- خاص ڊپازٽ سرٽيفڪيٽ
- نيشنل ڊپازٽ سرٽيفڪيٽ
- ڊفينس سيونگ سرٽيفڪيٽ
- انعامي بانڊ
- پوسٽ آفيس سيونگ بئنڪ
- پوسٽل لائف انشورنس

NATIONAL SAVINGS

قومي بچت

NATIONAL 21-H


Gul Hayat Institute

# شعر

غزل
غزل
وائي
گيت
نظم
نظم
نظم
وائي
بيت
نظم
نظم

ذوالفقار راشدي
امداد حسيني
قمر شهباز
قيوم طراز
زيب پلي
استاد بخاري
سرفراز راڄڙ
پير بخش پياسي
ملڪ نديم
عبدالجبار جوڻيجو
پبلو نرودا

---

ممتاز مهر، انور

Gul Hayat Institute

## ذوالفقار راشدي

●

چمڪي چمڪي وڃي وسامي هڪڙو پيرو لاٽ،
پٺڪي پٺڪي بيهي رهندين وري نه ملندءِ واٽ.

پاڻ ـ مهل جا پلي پتاري تنهن ڏي ڪهڙو خير!
سانجهيءَ سان ٿيڙ ـ ٿانءِ نه ٿي جا پسي نه پوءِ گهر گهاٽ.

اڄ سوڌو خيالن تي آهي آڪريل ڪا تصوير،
صبح سويرو نيڻ نشي ۾ ڏيک ڏين چمڪاٽ.

هيءَ پاڻي زهريلو، گدلو ناهي جوءِ شير،
گهر به ڪري وٺي فرهادن جي روحن منجهه آساٽ.

ڪهڙي ندي ساندي ساندهه اوبر اندر جا؟
ڪهڙي ڪنڌي زور جهليندي ڦٽا جڏهن ڪي ڦاٽ؟

هيءَ سانتيڪي رڃ نگيءَ جي هوءِ هرڻ جي لونجهه،
ڏيا ـ ڏياٽيون اکيون اڃاريون سا منهن ڪاري ٻاٽ.

ڍٽ ـ ڍٽي، مومل جي ماڙي باقي هڪ ٻلانگهه،
هن اوڪي پر ٿوري پنڌ ۾ ڪيرندا ڪين ڪنواٽ.

اوتر ۾ اندير اسانکي روڪيندو هڪ وار،
ليڪن پنڌ ته جاري رهندو وڃ ڏسيندي واٽ.

Gul Hayat Institute

## ذوالفقار راشدي

اونداهيءَ جي بند ۾ باندي نند - نهوڙيو اوڙو پاڙو،
تڏهن آءٌ اڏيانئو ويهي پنهنجي وهمن جو سَت - ماڙو.

ماندو موڳو، سڪڻو، ڏڪڻو، هيڪل هيڪل هرڪو ماڻهو،
آءٌ تہ هڪڙو ناهيان تنها ڪوئي جڳ ۾ ناهي جاڙو.

مايوسيءَ ۾ وانجهيل آهي اميدن کان هر هڪ سينو،
ڪوئي ظاهر ڪين ڪريئو - دل جي گهُر، خيالن جو لاڙو.

ٽپهريءَ جي مهل چوَنئا: پَريئي تُريئي ڪنهن گهر کي گهيري،
ڏاڍو ماڻهو هٺندو آهي آسودن ماڻهن کي ڏاڙو.

آءٌ جڏهن پيي گيت رچيان ٿو، راڳڻ - هاڻا خواب ڏسان ٿو،
نغمن کي هيسائي ٿو پهہ پس منظر جو روج ۽ راڙو.

پاڪيءَ ۽ خنجر جا آهن نانوَ الڳ ۽ ڪار نِرالي،
دائيءَ بدلي ڪين ڪپائي ڪاسائيءَ کان ڪوئي ناڙو.

مومل - راڻي جهڙا ماڻهو ڪاڪ ڦِٽائي چوندينا پيا،
ساهہ ڏِيڻ ۽ صديون جيئڻ لئہ، ورهن ۾ هڪڙو ئي ڏهاڙو.

Gul Hayat Institute

## امداد حسيني

●

سَنونا سَنونا ڦاسي ڳهاڻَ،
ڳهرسل ڳپروئن جا ڳاٽَ.

ڇِرڪي پئي جا تنهنجي ڇيرِ،
ڇاڻَ ڇٽي تارن جي ڇاڻ.

دل ۾ روشن ڏُک جو ديپ،
ٻاهر ڪيڏي آهي ٻاٽ.

تيلي ٿي ٻاريسان ٿو آءٌ،
آجهي پئي آ هرڪا لاٽَ.

پِرهه ڇنيا هِا تنهنجا ڇپَ،
پوپين ڦهرِ پئي هئي ساٽ.

جِتان هلي آيو 'امداد'،
ڪاريهر جي آهي واٽَ.

## وراڏي

دنيا کي تون ڏوڙ چوين ٿو
جندڙيءَ کي تون ڪوڙ چوين ٿو
هر رِشتي کي ڪَچ چوين ٿو
تون ٿو سمجهين سچ چوين ٿو
پنهنجي ڀرم رکڻ ڪارڻ
هونئن تہ ڳالهيون ڪچ چوين ٿو
دنيا ڏوڙ هُجي تہ هُجي
ڌرتي ڏوڙ نہ آهي
جندڙي ڪوڙ هُجي تہ هُجي
سندڙي ڪُوڙ نہ آهي

Gul Hayat Institute

قمر شهباز

# وائي

اج ڏيئڙو ڏيئڙو ڏاهه ميان، اج هيرن منجهه هڳاءُ ميان—!

جا واٽ سچي سون ورجائي، ساسِٽ بَنِيي سوداءُ ميان،
اج هيرن منجهه هڳاءُ ميان!

جي جاڳ اسانجي واٽ وٺي، پوءِ گهوريو سُدِ سماءُ ميان،
اج هيرن منجهه هڳاءُ ميان!

مون پيار ڏنو، پر ياءُ ڏنو، تو پيڙا ۽ پڇتاءُ ميان،
اج هيرن منجهه هڳاءُ ميان!

مون موت کي جوت بنايو آ، چا تِڪ هجي چا تاءُ ميان،
اج هيرن منجهه هڳاءُ ميان!

هي نيڻ اجايل آسَ وندا، ڇڻ ساوڻ جو سوداءُ ميان،
اج هيرن منجهه هڳاءُ ميان!

مون روح کي رات بنايو آ، تون هڪڙو پيرو آءُ ميان،
اج هيرن منجهه هڳاءُ ميان!

هي درد هليو دل وارن کان، مون در در لاتو داءُ ميان،
اج هيرن منجهه هڳاءُ ميان!

هي سمنڊ مٿان کي سونهن - پکي، هو ڦيڻ پريو ڦهلاءُ ميان،
اج هيرن منجهه هڳاءُ ميان!

هن چنگ جو ڏنگ ڏهوٽو هو، جيئن گهورن جو گهراءُ ميان،
اج هيرن منجهه هڳاءُ ميان!

# قيوم طراز — هاء سکي مان ڪير!

مونکي ڇاتو ڪنهن نہ سڄاتو
هاء سکي مان ڪير۔
مونکي آهہ دردن گهاتو
هاء سکي مان ڪير۔

١- منهنجون آهن آکيون آتيون
هر هر جهاتيون پاڳل باتيون
ڪنهن ڀي منهنجو انت نہ پاتو
هاء سکي مان ڪير،
مونکي آهہ دردن گهاتو
هاء سکي مان ڪير۔

٢- در در ڀٽڪي برها ڀاتي
ڪونہ سڄاتو تو ٻڻ ساٿي
ڪنهن بہ اندر جو حال نہ ڇاتو
هاء سکي مان ڪير،
مونکي آهہ دردن گهاتو
هاء سکي مان ڪير۔

٣- من ۾ ڪا جا پيڙا آيري
نير ٻٽي اج نيڻ نسري
پيار ٻٽيو آ ڇڻ پاراتو
هاء سکي مان ڪير،
مونکي آهہ دردن گهاتو
هاء سکي مان ڪير۔

٤- يادون ڪنهنجون روئي گهاتيون
روليان ڏينهن ۽ گهولهيان راتيون
چنڊ کي گرهڻ قسمت پاتو
هاء سکي مان ڪير،
مونکي آهہ دردن گهاتو
هاء سکي مان ڪير،
مونکي ڇاتو ڪنهن نہ سڄاتو
هاء سکي مان ڪير۔

Gul Hayat Institute

زيب ڀٽي

# ديپ

درد دکائي ديپ جلايم،
اندر اوسيڙن آڳ لڳايم.

پرين پنڌڙا پيچ پچايم،
ساهه سمان اڄ سُپرين ساريم.

گهايل گهڙيون گهٽيون گهاريم،
نيڻ نيسارا هنجون هاريم.

ڳليءَ ڳليءَ مون ڳائي ڳاريم،
آس نراس ڀلاري ڀايم.

نير نظر ۾ وار وڇايم.
اکڙ اڇڻ لئه، نيڻ نهاريم.

يادون تنهنجون دل ۾ دائيم،
وڇڙيل پنهنجا ويهي ساريم.

درد دکائي ديپ جلايم،
اندر اوسيڙن آڳ لڳايم.

Gul Hayat Institute

## استاد بخاري

انسان ـ
او منهنجا بخت، موٽي آءُ
ٻڌان ٻانهون،
پوان پيرين،
ڪريان منٿون ۽ آزيون.

ٻوٻهون ـ گيسيون،
او منهنجا بخت، موٽي آءُ ....!
رُسي تون ڇا وئين مونکان،
رسي هر چيز مونکان وئي.

خرد ۽ عقل موڪا ٿيا:
جهان، سنسان ۽ ويران ٿو ڏسجي،
نظر ۽ فڪر ڊهجي ويا:
ـ لڙاٽيل ٿو ڏسان هر شئي.

عمل ۽ عزم ڍرڙا ٿيا:
ـ سڄو ماحول ڏانوان ڏول ٿي ويو آه،
او منهنجا بخت، موٽي آءُ ....!
رُسي تون ڇا وئين مونکان،
رُسي هر چيز مونکان وئـي.

تمنّائون: ........ حسين لاشا،
جي جيئريون ٿي پون ـ
اڌ رات ۾ چڙهي سِڄ ايري ـ
پــر،
انهن ۾ ساهه ئي ڪونهي.

Gul Hayat Institute

تقاضائون: ........ ٽٽل تارون،
جي ڳنڍجن،
واه جو لئي ٿئي-
مگر، افسوس!
ڪو آواز ئي ڪونهي.

اميدون: ............
ڇڻ ته تازي وڻ وڍيل مان گونچ ٿا نڪرڻ-
سندن بنياد ئي ڪونهي.

او منهنجا بخت، موٽي آءُ....!
بخت
اڙي ڪمبخت!
اڙي بدبخت!
اڙي ويهين صديءَ جا بي خبر انسانُ!
اڃا درياء، رڃ کي ٿو ڪرين منٿون!
ڇريا انسان، ويٺو ٿو ڪرين رڙيون -
او منهنجا بخت، موٽي آءُ.

سرْراز راڄڙ

## نظم

تنهنجي پيار جي خاطر مونکي،
دنيا کان ڏک سورَ مليا.

سهندو رهندو آهيان هر غم،
نينهن سندا ناسور مليا.

ساعت ساعت سور مليا.
پل پل پيارا پورَ مليا.

Gul Hayat Institute

## پيربخش پياسي

# وائي

پلجي نپجي گهاريو جت مون، ياد ڪريان سو ديس، الا!
ياد ڪريان سو ديس.

بخمل سومـرا آڇ نہ بـدلي، اجرڪ لونگيءَ ڪيس، الا!
ياد ڪريان سو ديس.

پٽ پهري وچ راڻين سونهي، ويچاريءَ ڪِيٽ ويس، الا!
ياد ڪريان سو ديس.

سندم لڄ هن لوئي ۾ ڪيئن، لاهيان لال لبيس، الا!
ياد ڪريان سو ديس.

اوندهہ ائين تي ڪوٺ لڳي، چڙ قبر ڪاري ڪيس، الا!
ياد ڪريان سو ديس.

سڳ ٿيو جن تن تان صدقي، سر ساهہ منهنجو سيس، الا!
ياد ڪريان سو ديس.

نيڻن نير وهائي 'پياسي' پرين ڪـان پـرديس، الا!
ياد ڪريان سو ديس.

Gul Hayat Institute

ملڪ نديم

# بيت

گُهل گُهل صبح هير، منهنجي تَن کي ميٺيون ڏي،
ساه اچــي سُڌيرَ، پره جي خوشبوء ڪائي.

گهل گُهل صبح هيرَ، اڄ مـــن ماندو آهــي،
سپريــن سندي سَريرَ، خـوشبوء اڄ ڪٿي آڇُ.

گُهل گُهل صبح هير، اڄ منهنجو من اُداسُ،
پِرهَ جي پياس، اُجهاء ٽِڏڙي ٽڏڙي ٽَڏاڻ سان.

والله وفـا عبـادت، آهــي منهنجي ازل کـان،
سِڪ جي سخاوت، حـــاتم کي هيچ ڪندي.

آيــو آهــي اُداس، ملڪ تنهنجي مــندر ۾،
جڳ جــو جـلايل آ، داتـــا تنهنجو داسُ،
نسورو ٿي نراسُ، آهــي آسن اميدن کـــان.

ازل کــان تــو الله، ڦِري ڦِري تـــو ڦوليان،
ڳِلي ڳِلي ٿو ڳوليان، توکي شاعري جي شمع ڪٿي.

شراب پــيءُ شمشانن ۾، جت مُردا تـا جلن،
ملڪ مئخانـــن ۾، جيئرا جـــيءُ جلن تـــا.

## عبدالجبار جوڻيجو

# نظم

تون جي ناهين تہ ـ
گلن ۾ ناهي خوشبوء

تون جي ناهين تہ ـ
نہ آهي پيرهن ۾ رنگ.

تون جي ناهين تہ ـ
نہ آهي ڪوئي همدم.

تون جي ناهين تہ ـ
خوشي ڇڻ ناهي.

تون جي ناهي تہ ـ
لڙڪن سان پريل نيڻ.

تون هجين ها تہ ـ
بهارن ۾ نوان رنگ پريان ها جيڪر.

تون هجين ها تہ ـ
بهارن جا قدم روڪيان ها هيڪر.

Gul Hayat Institute

(چلي جو عظيم شاعر پبلو نرودا پنهنجي زندگي جي آخري ڏينهن ۾ بيمار هو ۽ اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو هو. ١١- سيپٽمبر تي چلي ۾ فوجي بغاوت ڪانپوءِ، ٢٣ سيپٽمبر ١٩٧٣ع تي هڪ فوجي گاڏي، بيمار نرودا کي کڻي ڪنهن اڻ ڄاتل جاءِ ڏانهن رواني ٿي وئي. بعد ۾ فوجي جنتا اعلان ڪري ڇڏيو ته ٢٣- سيپٽمبر ١٩٧٣ع تي رات جو ٣٠-١١ وڳي پبلو نرودا دل بيهي وڃڻ ڪري مري ويو. هنڪي شهيد ڪرڻ ڪانپوءِ ڪجهه ڪلاڪ رکي فوجي درندن سانتياگو ۾ نرودا جي گهر تي حملو ڪيو ۽ گهر جي سِر سِر سان نه ملي. ان ڪانپوءِ نرودا جو لاش ان ڍير ٿيل گهر ۾ آندو ويو. هنجي لاش واري پيٽي ڪليل هئي ۽ نرودا کي آسپاس جي بارود، دونهين ۽ رت جي بوءِ واري هوا لڳي رهي هئي. هنجي لاش مٿان سندس زال گل جهليو بيٺي هئي. سنگتين ساٿين جو وڏو تعداد هنجي لاش جي چوڌاري خاموش بيٺو هو. اتي هڪ فرينچ صحافيءَ نرودا جي زال کان پڇيو ته توهان ٻڌائي سگهندؤ ته توهانجو هي گهر ڪهڙي طرح ناس ڪيو ويو. نرودا جي زال جواب ڏنو ته، "مون ۾ اهڙي ظلم بيان ڪرڻ جي طاقت ئي نه رهي آهي. بهرحال 'اِسلانيگرا' وارو اسانجو گهر به ساڳيءَ طرح ڍاهي ڍير ڪيو ويو آهي." فرينچ صحافي هڪدم فوجي جنتا جي سرڪاري ترجمان کان نرودا جي گهر نابود بابت وضاحت گهرڻ لاءِ روانو ٿي ويو. فوجي ترجمان ڇڙٻ ڏيندي چيس ته: "اسانکي ڪابه خبر ڪانهي. اهڙو حڪم اسان جاري نه ڪيو آهي." انڪري صحافيءَ کي نرودا جي گهر نابود ٿيڻ جا ڪي به تفصيل ملي نه سگهيا. نرودا جي شهيد ٿيڻ ڪانپوءِ هنجو هڪ تازو لکيل نظم مليو آهي. جنهن ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته هنجو گهر تباهه ڪيئن ٿيو. هتي ان نظم جو ٿوري ڦيرڦار سان ترجمو پيش ڪجي ٿو: —— سنڌيڪار)

Gul Hayat Institute

پهرين ڏندڙي — مونکان پڇو

سنڌيڪار: انور

# مونکان پڇو

تون پڇين ٿو:
رس ڀريا رابيلڙا
ڪاڏي ويا — ؟
الهام جهڙا
موتيا
ڪاڏي ويا — ؟
هو... ميهن جي ٽپ ٽپ منجهان
هلڪن سُرن ۾ سرجيا
لفظن جا پنڇي، گيت (۽ سرگوشيون)
ڪاڏي ويا — ؟
آءُ ٿو توکي ٻڌايان — !
ڪيئن مونتي ڪنهن ڪيو — ؟
منهنجو اجهو
سڏبو گلن جو گهر هيو:
ٽانگر ٽڙن جو گهر هيو:
ٻارڙن سان گلڙا
جنهن گهر ۾ گڏجي
کيڏندا ها —
ڪات ڪاسائي ڪٿي تنهن ۾ گهڙيا
تلوار سان ۽ جيٽ سان —
ٻادرين خونين مٿان دم دم دعائون گهوريون
ٻارڙن تي جن ٻه وَر وَر وار ڪيا —
ٻارڙن جو رت
ٻارڙن وانگيان
(ٻانبڙائي پائي)
گهٽين ۾ وهندو ويو — وهندو ويو.

Gul Hayat Institute

## پبلو نرودا

سنڌيڪار: ممتاز مهر

### نظم

اج سيپٽمبر ٧٣ جي ڏکن ڏينهن ۾
تاريخ جي مڙني مروئن ڳڙجي
اسانجي جهنڊي کي جهنجهوڙي ڇڏيو آهي
اوهان ڪيترو رت وهايو آهي
اوهان جيڪي جاگيرن تي مڇي مچ تيا آهيو
اوهانجو آخري ٺڪاڻو شيطاني دوزخ آهي
اوهان هزارين دفعا وڪيا ۽ خريديا ويا آهيو
اوهانکي نيويارڪ جي بگهڙن هن ڪرتي ڀيهاريو آهي.
اي ايذا رسائيندڙ لالچي مشينو
پنهنجن مقتولن جي رت ۾ رڱيل
آمريڪا جي ائي ۽ هوا جا عصمت فروش سوداگرو
اي قاتل ڪاسائيو
اوهان آهي بي اصول بگهڙ آهيو
جن وٽ پيڙهيل عوام کي، سواءِ
ڏک ۽ بک ڏيڻ جي
ٻيو ڪو مقصد حيات نه آهي.

Gul Hayat Institute

گذريل سال ’آمر جليل نمبر‘

۽ هن سال

ماهوار

# سُهڻي

جي پاران

# نسيم نمبر

- نسيم احمد کرل جو شمار موجوده وقت ۾، سنڌيءَ جي وڏن ڪهاڻيڪارن ۾ ٿئي ٿو.
- هن نمبر ۾ نسيم احمد کرل جون چار اڻ ـ ڇپيل ڪهاڻيون، سندس ڇپيل ڪهاڻين مان ڇهه بهترين ڪهاڻيون شامل هونديون.
- مختلف اديبن جا ’نسيم‘ تي لکيل مضمون ۽ خاڪا.
- نسيم کان ورتل طويل دلچسپ انٽرويو.
- نسيم جون مختلف وقتن جون تصويرون.

پراڻن ۽ نون ليکڪن کي گذارش آهي ته اهي نسيم تي پنهنجا مضمون، تاثر ۽ خط موڪلين.

Gul Hayat Institute

# پرڏيهي ڪهاڻيون

بازيگر جي زال جو موت (جاپاني ڪهاڻي)

وانڪا (روسي ڪهاڻي)

هيڏانهن اسڪول - هوڏانهن جيل (چيني ڪهاڻي)

نيون مورتيون ۽ پراڻيون مورتيون (بينگالي ڪهاڻي)

راهه ۽ پاڇا (آمريڪي ڪهاڻي)

خاموش انسان (اٽيلين ڪهاڻي)

واپسي (آمريڪي ڪهاڻي)

اڳڪٿي (اسپيني ڪهاڻي)

شمشاد بائي جو قتل

**شيڪاناگو**

وليرام ولپ

**چيخوف**

وليرام ولپ

**لائو هسيانگ**

وليرام ولپ

**رابندر ناٿ ٽئگور**

زيب پٿي

**ارسڪن ڪالڊ ويل**

مسعود قريشي

**البيٽر ڪاموئيو**

آغا لياقت علي

**وليم سرويان**

نصير اعجاز

**پيڊرو انٽونيو ڊي الارڪو**

امتياز حسين قاضي

**ڪي - ايل - گابا**

اڪرام حسين قاضي

Gul Hayat Institute



وليرام ولڀ نالو، لوهاڻو ذات. ١٩٤١ع ۾ مٺي، ضلعو ٿرپارڪر ۾ ڄائو. ١٩٦٧ع ۾ اردوءَ ۽ ١٩٧١ع ۾ سوشالاجيءَ ۾ ايم-اي ڪيائين. تنهن کان علاوه ١٩٦٩ع ۾ ايل-ايل-بي پڻ ڪيائين

١٩٦٠ع ۾ 'ڌوم ڪيتو' جي لکيل هڪ گجراتي ڪهاڻيءَ 'بهشت دوزخ' جو ترجمو سه ماهي 'مهراڻ' ۾ ڇپيو. جيڪو سندس پهريون ترجمو هو. سندس ڪهاڻيءَ کان علاوه چار ڪن ٻين ڪهاڻين جا ترجما پڻ ساڳئي مخزن ۾ ۽ پنج ڪن 'سهڻي' مخزن ۾ ڇپيا اٿس. تنهنکان علاوه 'سنڌ رنگ' ۽ 'نئين سنڌ' ڪتابي سلسلي ۾ پڻ سندس ڪيل ترجما ڇپيا آهن. تنهن کان سواءِ ڪرشن چندر جو مشهور ناوليٽ 'غدار' جو سنڌي ۾ ترجمو ١٩٦٧ع ۾ شايع ٿيو ۽ البيئر ڪاميو جي مشهور ناول Out-Sider جو پڻ سنڌي ۾ ترجمو ڪيائين، جنهنجون ٻه قسطون سهڻيءَ ۾ شايع ٿيون آهن. هن وقت سئنيما ايڊورٽائيزنگ ڪمپني (حيدرآباد) ۾ نوڪري ڪري رهيو آهي.

وليرام فقط هڪ اصلوڪي ڪهاڻي 'پشپ' لکي، جيڪا آڪٽوبر ١٩٦٧ع ۾ سهڻيءَ ۾ ڇپي.

انهيءَ کان علاوه هڪ اڌ ڪتاب تي تبصرو پڻ ڇپيل اٿس.

(جاپاني ڪهاڻي)

## شيگا نائويا

Shiga Naoya

سنڌيڪار: وليرام ولڀ

# بازيگر جي زال جو موت

# THE DEATH OF KNIFE-THROWER'S WIFE

هيءَ ڪهاڻي جاپان جي مشهور ڪهاڻيڪار شيگا نائويا Shiga Naoya ۱۹۱۳ع ۾ لکي جا A treasury of Modern Asian Stories (جديد ايشيائي ڪهاڻين جو خزانو) جي ۱۹۶۱ع جي انگريزي ڇاپي مان ترجمو ڪئي ويئي آهي. انهيءَ مطابق ليکڪ جي هن وقت عمر اسي سالن کان مٿي هوندي. شيگا نائويا جاپان جي چونڊ جي اديبن ۾ ڳڻيو ويندو آهي. سندس ضخيم ناول An'ro Koro (Journey through the Dark [ اونداهي جو سفر]) همعصر جاپاني ادب تي اهم اثر ڇڏيو آهي ۽ جديد ڪلاسيڪي تصور ڪيو ويندو آهي. هو گهٽو ڪري ڪهاڻيون لکندو آهي، جنهنجو عمدو مثال اها ڪهاڻي آهي.

---

چيني نوجوان بازيگر هن پنهنجو ڪرتب ڏيکاريندي جڏهن هڪ وڏي چاقوءَ سان پنهنجي زال کي ماري وڌو ته سڀني هراسجي ويا. نوجوان عورت تڏهن ئي مري ويئي ۽ هن کي بروقت گرفتار ڪيو ويو.

اهو واقعو، سرڪس جي ڊائريڪٽر، هن جي چيني اسسٽنٽ، اناؤنسر ۽ ٽن سون تماشبين جي اکين اڳيان ٿيو. اتي هڪ سپاهي به موجود هو، جو تماشبين جي پويان بيٺل هو. انهن سڀني شاهدن جي موجودگي جي باوجود، قتل جي راز جي خبر پئجي نه سگهي ته اهو ارادي سان ٿيو هو يا اتفاقي حادثو هو.

هن جي زال دروازي جي ڊيگهه جيتري ڪاٺ جي تختي جي

سامهون لڳي بيهندي هئي ۽ اٽڪل ڇهن والن جي مفاصلي کان هو پنهنجا ٻه ڳها چاقو ڊانهس اڇلائيندو هو، جو اهي جسم جي چوڌاري ٻن انچن جي وڇوٽي تي وڃي ٿي ٽنبيا. جڏهن چاقو سندس هٿن مان نڪرندو هو، تڏهن سندس چهري تي عجيب تاثر اڀرندو هو، ڄڻ ڏک نشاني تي هٽندو هجي.

سڀ کان اول، جج، سرڪس جي ڊئريڪٽر کي سڏيو ۽ ڪانئس پڇيائين، ”تون اهو چئي سگهين ٿو ته اهو عمل ڏاڍو مشڪل هو؟“

”نه سائين، اهو ڪم هڪ تجربيڪار ۽ آزمودو رکندڙ ماڻهو لاءِ مشڪل ناهي. پر انهيءَ عمل کي صحيح نموني ڪرڻ لاءِ تنتي سرشتي تي متوازن ضابطي ۽ پوري ڌيان جي ضرورت آهي.“

”پوءِ ڇا، ائين سمجهجي ته اهو قتل هڪ اتفاقي حادثو هو، جو بلڪل غير متوقع طور تي ٿيو؟“

”جي بلڪل سائين. جيڪڏهن اهڙا اتفاقي حادثا عام طور تي ٿيندا رهن ها ته مان پنهنجي سرڪس ۾ اهڙي ڪرتب جي اجازت ئي نه ڏيان ها.“

”تون سمجهين ٿو ته اهو قتل ڪنهن ارادي سان ڪيو ويو آهي؟“

”نه سائين. مان نٿو سمجهان. چاقاڻ ته اهڙي ڪرتب جي عمل لاءِ، جو ٻارهن فوٽن جي فاصلي کان ڪيو وڃي ٿو، نه فقط چاڻ ۽ سکيا جي ضرورت ٿئي ٿي، پر اندر جي سوچ ۽ هدايت کي وڏو دخل آهي. ائين برابر آهي ته اسان سمجهيو هوسين ته انهيءَ ۾ غلطي ٿئي ٿي سگهي، پر هاڻي جيڪي ڪجهه ٿيو آهي، انهيءَ مان اسانکي قبول ڪرڻو پوندو ته غلطي ٿيڻ جو هر وقت امڪان هو.“

”پوءِ ڀلا تون ڇا ٿو سمجهين ته اهو قتل غلطيءَ سبب ٿيو يا ارادي سان ڪيو ويو آهي؟“

”سائين، اهو ته نٿو چئي سگهان.“

جج مُنجهي پيو. صاف قتل جو ڪيس هو، پر اهو چوڻ

مشڪل هو ته اهو اتفاقي قتل هو يا اڳ سوچيل سمجهيل منصوبي تحت هو. جج سوچڻ لڳو ته جيڪڏهن اهو قتل هو ته پوءِ واقعي ڏاڍي حرفت سان ڪيو ويو هو.

انهيءَ ڪانپوءِ، جج چيني اسسٽنٽ کي، جنهن هن سان گڏ گذريل ڪافي سالن کان ڪم ڪيو هو، سڏيو ۽ ڪانئس پڇا شروع ڪيائين، "هن جي عام چال چلت ڪيئن هئي؟"

"سائين، هو تمام سڌو سنواٽو شريف ماڻهو هو. نه جوا ڪندو هو ۽ نڪي شراب جي ويجهو ويندو هو. عورتن کان اصل ونءُ ويندو هو. گذريل سال عيسائي ٿيو هو. انگريزيءَ جو اڀياس ڪيائين ۽ فرصت جي وقت اڪثر انجيل، مذهبي ڪتاب ۽ اهڙو ٻيو مواد پڙهندي ڏسبو هو."

"پلا سندس زال جي رهڻي ڪهڻي ڪيئن هئي؟"

"سائين، هوءَ به نيڪ هئي. هونئن ته سائين توهانکي خبر آهي ته آواره گرد ماڻهو گهڻو ڪري اخلاقي طور تي نيڪ نه هوندا آهن. هن جي زال نوجوان ۽ خوبصورت هئي ۽ ڪي ماڻهو ڏانهس اشارا ڪري ڇيڙيندا به هئس، پر هن اشراف ڪنهنکي ڪونه ليکيو."

"سندن مزاج ڪيئن هو؟"

"ٻئي ڄڻا سدائين خوش مزاج ۽ مهربان هوندا هئا. پنهنجي يارن دوستن سان ڏاڍي قرب سان ملندا جلندا هئا ۽ ڪڏهن به ڪنهن سان ڪو جهيڙو نه ڪيائون پر...." هو ٿورو هٽڪيو ۽ وري جاري رکندي چيائين، "سائين، ٻڀ اٿم ته متان منهنجي ڪنهن ڳالهه ڪري ڪيس کي نقصان نه پهچي. سچي ڳالهه اها آهي ته ٻئي زال مڙس سڪر ۽ غير مطلبي هئا، پر پاڻ ۾ اصل نه پوندي هئن."

"انهيءَ جو ڪهڙو سبب هو؟"

"خبر ناهي سائين."

"جڏهن کان تون کين سڃاڻين، تڏهن کان اهو پهريون واقعو ٿيو؟"

"نه سائين. به سال ٿيا، هن جي زال پيٽ سان هئي. ڪيس وقت کان اڳ ٻار ڄائو، جو ٽن ڏينهن ڪانپوءِ مري ويو. انهيءَ

”هو ڏسڻ ۾ منجهيل آيو ٿي؟“

”جي ها سائين، هو ڏاڍو منجهيل هو.“

”چڱو. تون وڃين سگهين ٿو. تنهنجي ضرورت پيئي ته توکي گهرائي وٺبو.“

جج هاڻي هنن کي ڪٽهڙي ۾ گهرايو. بازيگر جي اداس ۽ زرد منهن مان پڌرو هو ته هو ڏاڍو ڪمزور ٿي ويو هو. جڏهن هو ڪٽهڙي ۾ اچي بيٺو ته جج چيس، ”مون سرڪس جي ڊئريڪٽر ۽ تنهنجي اسسٽنٽ جا بيان ورتا آهن. هاڻي تنهنجو وارو آهي.“

هن پنهنجو ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو.

”اهو ٻڌاءِ ته تو پنهنجي زال سان ڪڏهن محبت ڪئي هئي؟“

”شاديءَ جي ڏينهن کانوني، ٻار ڄمڻ تائين مون کيس دل سان پاليو هو.“

”ٻار ڄمڻ کانپوءِ حالتن ۾ ڦيرو ڇو آيو؟“

”ڇاڪاڻ ته مونکي خبر هئي ته اهو ٻار منهنجو نه هو.“

”توکي خبر هئي ته اهو ٻار ڪنهنجو هو؟“

”ها سائين، مونکي خبر هئي. منهنجي خيال ۾ اهو منهنجي زال جي سؤٽ جو هو.“

”تون هنکي ذاتي طور سڃاڻيندو هئين؟“

”هو منهنجو گهاٽو دوست هو. هن ئي اسانکي شادي ڪرڻ جي صلاح ڏني هئي ۽ ساڻس شادي ڪرڻ لاءِ به هن ئي زور پريو هو.“

”منهنجو اندازو آهي ته هنجا، تنهنجي زال سان تعلقات، توهانجي شادي کان اڳ جا هئا؟“

”جي سائين، اهو ٻار اسانجي شادي کان اٺ مهينا پوءِ ڄائو هو.“

”تنهنجي اسسٽنٽ جي بيان مطابق، اهو ٻار وقت کان اڳ ڄائو هو؟“

”مون هر ڪنهنکي ائين ٻڌايو هو.“

”ٻار ڄمڻ کانپوءِ جلد ئي گذاري ويو. ڇا اهو سچ آهي؟

Gul Hayat Institute

موت جو ڪارڻ ڪهڙو هو؟“

”سندس ماءُ پنهنجي ڇاتين سان گهٽي ماري ڇڏيو.“

”ڇا تنهنجي زال اهو سڀ ارادي سان ڪيو؟“

”هن اهو اتفاقي حادثو ٻڌايو هو.“

جج خاموش ٿي ويو ۽ هن جي ڇهري ۾ گهوري نهارڻ لڳو. هن پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪنيو، پر ٻئي سوال لاءِ ترسندي اکيون جهڪائي ڇڏيائين. جج وري شروع ڪيو، ”تنهنجي زال پنهنجي ناجائز تلعلقات بابت توسان سچي ڪئي هئي؟“

”نڪو منهنجي زال ٻڌايو ۽ نه وري ڪڏهن مون ئي ڪانئس پڇيو. يار جو موت هر ڳالهه جي سزا هئي ۽ مون فيصلو ڪيو هو ته جيترو ٿي سگهي مونکي فراخ دل ۽ فياض ٿيڻ گهرجي، پر....

”پر نيٺ تون فراخ دل ٿيڻ ۾ ڪامياب نه ٿئين؟“

”برابر. اهو سوچڻ ڪانسواءِ رهي نه سگهيس ته يار جو موت ڪافي سزا نه هئي. پنهنجي زال کان الڳ ٿي سوچيم ٿي ته اندر ۾ آرام آيو ٿي، پر جڏهن لاش تي نظر پيئي ٿي ته طبيعت ۾ تيزي ٿي اچي ويئي.“

”تون طلاق ڇو نه ڏيئي سگهين؟“

”مان اڪثر سوچيندو هوس ته کيس طلاق ڏيئي ڇڏيان، پر اهڙو ذڪر پنهنجي زال سان ڪري نه سگهيس. هوءَ اڪثر مونکي چوندي هئي ته: تون مونکي ڇڏي ڏيندين ته مان جيءَ نه سگهنديس.“

”ڇا هوءَ توسان محبت ڪندي هئي؟“

”نه سائين، هوءَ محبت نه ڪندي هئي؟“

”ته پوءِ هوءَ اهڙيون ڳالهيون ڇو ڪندي هئي؟“

”مان سمجهان ٿو ته منهنجي زال جي ’جيئڻ‘ مان مراد دنياوي وهنوار‘ سان هئي. سندس گهر وڏي ڀاڱ تباهه ڪري ڇڏيو هو ۽ کيس خبر هئي ته ڪوبه چڱو ماڻهو هڪ اهڙي عورت سان، جا

رولو بازيگر جي زال رهي هجي، شادي ڪرڻ لاءِ تيار نہ ٿيندو. انهيءَ ڪانسواءِ سندس پير ايڏا تہ پٽڪڙا هئا جو هوءَ ڪوبہ ڪم ڪري نہ سگهندي هئي.“

”توهانجو پاڻ ۾ جسماني سنبنڌ ڪيئن هو؟“

”مان سمجهان ٿو تہ اهڙوئي هو، جهڙو اڪثر زال مڙس جو هوندو آهي.“

”تنهنجي زال ڪي تو لاءِ ڪا سچ پچ چاهت هئي؟“

”مان نٿو سمجهان تہ هن ڪڏهن مونسان سچ پچ محبت ڪئي. منهنجي خيال ۾، حقيقت ۾ مونسان زال جي حيثيت ۾ رهڻ هن لاءِ وڏو عذاب هو. آخر تائين هوءَ برداشت ڪندي آئي. هُن ايڏو صبر ڪيو، جنهن لاءِ سوچي بہ نٿو سگهجي. هنجو مونسان ردِ عمل نهايت ئي ٿڌو هو ۽ نهايت ئي غضبناڪ نگاهن سان مونڏانهن نهاريندي هئي، ايتريقدر جو آهستي آهستي منهنجي زندگي وهہ ٿي پيئي. مونکي بهتر ۽ حقيقي زندگي ڪاڻ جدوجهد ۾ جلندي ڏسي هن مونسان ڪڏهن بہ همدردي جو هڪ اکر نہ ڳالهايو.“

”تو انهيءَ باري ۾ ڪو فيصلہ ڪُن قدم ڇو نہ کنيو- ڪيس ڪيي ڇڏين ها يا بهتر سمجهين ها تہ ڇڏي ڏين ها؟“

”ڇاڪاڻ تہ مون وٽ ڪي اصول هئا.“

”ڪهڙا اصول؟“

”مون پنهنجي زال سان اهڙو سلوڪ ڪرڻ چاهيو ٿي، جو ڪا غلطي پنهنجي ڪچيءَ ۾ وجهڻ نٿي چاهي ... پر آخر ۾ ائين ٿي نہ سگهيو.“

”تو پنهنجي زال ڪي ڪڏهن قتل ڪرڻ جو سوچيو نہ هو؟“

هـُن ڪو جواب ڪونہ ڏنو، جج پنهنجو سوال ورجايو. ڪافي دير ڪانپوءِ وراڻيائين، ”قتل ڪرڻ جي خيال اچڻ ڪان اڳ، مان اڪثر سوچيندو هوس تہ جيڪر منهنجي زال مري پوي تہ ڏاڍو چڱو.“

Gul Hayat Institute

”ڇڱو ڀلا، جيڪڏهن قانون مطابق قتل ڪرڻ ڏوهه نه هجي ها ته انهيءَ حالت ۾ تون سمجهين ٿو ته تون پنهنجي زال کي قتل ڪرين ها؟“

”سائين، مون قانون جي نقطه نگاهه کان نٿي سوچيو. انهي ڳالهه مونکي روڪيو نه هو. پر مان ڪمزور هوس انهيءَ ڪري، ساڳئي وقت مونکي انهيءَ ڳالهه جي حد کان وڌيڪ خواهش هئي ته ڪيئن حقيقي زندگي حاصل ڪجي.“

”انهي هوندي به، پوءِ تو پنهنجي زال کي قتل ڪرڻ جو سوچيو، ائين نه؟“

”ائين ڪرڻ لاءِ مون ڪڏهن به ارادو نه ڪيو. پر ائين چوڻ برابر آهي، ته مون ائين ڪرڻ لاءِ هڪ دفعي سوچيو هو.“

”اها ڳالهه، انهيءَ واقعي کان ڪيترو اڳ جي آهي؟“

”اڳئين رات — يا شايد ساڳئي صبوح جو.“

”توهانجو پاڻ ۾ جهڳڙو ٿيندو هو؟“

”ها سائين.“

”ڪهڙي ڳالهه تي جهيڙو ٿيندو هو؟“

”ايڏين خسيس ڳالهين تي جهيڙو ٿيندو هو جو ٻڌائڻ مشڪل آهي.“

”ڪوشش ڪري هڪ اڌ ٻڌاءِ.“

”اڪثر جهيڙو مانيءَ تي ٿيندو هو. جيڪڏهن ماني دير سان ملندي هئي ته ڪاوڙ جو پارو چڙهي ويندو هو. هڪ ڏينهن شام جو منهنجي زال هرويرو وقت ضايع ڪري ڇڏيو ۽ رات جو ماني مقرر وقت تي تيار ٿي نه سگهي. بس مان ڏاڍو ڪاوڙجي پيس.“

”تون معمول کان وڌيڪ آپي کان ٻاهر نڪري ويو هئين؟“

”نه سائين، پر پوءِ به مان ڏاڍو ڪاوڙيل هوس جو معمول جي خلاف هو. سمجهان ٿو ته اهو انهيءَ ڪري ٿيو هو جو انهن گذريل هفتن دوران مان پنهنجي زندگي کي بهتر بنائڻ لاءِ ڏاڍو فڪرمند هوس ۽ محسوس ڪيو هوم ته انهيءَ لاءِ ڪري ڪجهه

چا تون سمجهين ٿو ته تون اهو تاثر ڏيڻ ۾ ڪامياب وئين ته اهو هڪ اتفاقي حادثو هو؟“

”ها سائين، جيتوڻيڪ پوءِ جڏهن انهيءَ بابت سوچيم ته ڏڪي ويو هوس. جيترو ٿي سگهيم اوترو ڪاميابي سان پاڻکي غمگين ظاهر ڪيم. جيڪڏهن اتي ڪو سچ پچ پارکو ماڻهو هجي ها ته هڪدم پرکي وٺي ها ته مان اها سچي اداڪاري ڪري رهيو هوس. بهرحال، انهيءَ ڏينهن شام جو مون فيصلو ڪيو ته منهنجي خلاف اهڙو ڪوبه ثبوت ناهي جو چٽيءَ نه وڃان. هر ڪنهن کي خبر هئي ته مان پنهنجي زال سان سٺو ورتاءُ نه ڪندو هوس، پر جيڪڏهن انهيءَ ڳالهه تي زور ڏيان ها ته اهو هڪ اتفاقي حادثو هو ته مونکي يقين آهي ته ڪير به انهيءَ کي ڪوڙو ثابت ڪري نه سگهي ها. ساري گذريل واردات جي متعلق پنهنجي دل ۾ سوچيندي مون ڏٺو ته آءٌ پنهنجي زال جي موت کي ظاهري طور تي اتفاقي حادثو واضع ڪري سگهيس ٿي.

”۽ پوءِ منهنجي دل ۾ هڪ عجيب سوال اٿيو ته مون اهو ڇو سمجهيو ته اهو هڪ اتفاقي حادثو نه هو؟ گذريل رات مون ڪيس قتل ڪرڻ جو سوچيو هو، پر اِها اُها حقيقت ناهي جنهن مونکي انهيءَ عمل کي ’ارادي عمل‘ سمجهڻ تي مجبور ڪيو آهي؟ آهستي آهستي مان انهيءَ نقطي تي پهتس ته مان خود انهيءَ ڳالهه بابت، جيڪا حقيقت ۾ ٿي، بيخبر هوس. اِهو سوچي آءٌ ڏاڍو خوش ٿيس — بي حد خوش.“

”چاڪاڻ ته تو انهيءَ کي اتفاقي حادثو سمجهڻ شروع ڪيو؟“

”نه سائين. اهو آءٌ چئي نٿو سگهان، ڇو جو مونکي ذري به سڌ ناهي ته اهو قتل ڪو ارادي سان هو يا نه. تنهنڪري مون فيصلو ڪيو ته آزاد ٿيڻ جو بهترين طريقو اهوئي ٿي سگهي ٿو ته سچي حقيقت کي ئي پڌري ڪريان. پنهنجو پاڻ کي ۽ ساري دنيا کي ائين چئي ته ’اهو اتفاقي حادثو هو‘ دوکو ڏيڻ کان ڇو نه

ايمانداري سان چئي ڏيان ته 'مونکي خبر ناهي ته ڇا ٿيو.' مان انهي کي غلطي نٿو چئي سگهان، ٻي طرف اهو به قبول نٿو ڪريان ته اهو اردي سان کيل هو. حقيقت ۾ نه آءٌ ڏوهه قبوليان ٿو ۽ نڪي انڪاري آهيان."

هن خاموش ٿي ويو. جج به ماٺ ۾ هو ۽ ڪجهه دير ڪانپوءِ صاف آواز سان پُرفڪر نموني سان چيائين: "مونکي ويساهه آهي ته تو جيڪي ڪجهه چيو آهي اهو صحيح آهي. آخر ۾ هڪ سوال پڇندس: تو پنهنجي زال جي موت جو غم محسوس نه ڪيو آهي؟"

"صفا نه سائين، اڳي جڏهن مان پنهنجي زال کي نهايت ئي ڌڪاريندو هوس، تڏهن سوچي به نه سگهيو هوس ته سندس موت متعلق ڳالهائيندي مونکي ايڏي ڪا خوشي ٿيندي."

"تون وڃي سگهين ٿو."

هو خاموشي سان ڪنڌ هيٺ ڪري ڪمري مان ٻاهر نڪري ويو. جج عجيب نموني هلچل محسوس ڪري قلم هٿ ۾ ڪنيو ۽ اڳيان ميز تي پيل ڪاغذ تي 'بي ڏوهي' لکي ڇڏيائين.

---

## فخر

ڪجهه شڪستون، گهڻين فتوحات کان به وڌيڪ فخر جهڙيون هونديون آهن.

**— مائيڪل ـ ڊي ـ مانٽيگ**

ئي، ڊوڙي وڃي رستي تي پهتو.

گذريل رات ڪيس ڪڪڙين جي دڪاندارن کان خبر پئجي وئي هئي تہ خط، پوسٽ جي ڊبن ۾ وجهبا آهن، جتان ٽپالي ڪٺي سڄي دنيا ۾ گهمڻ جي آواز تائين پهچائيندا آهن. وانڪا ڀڄندو ڀڄندو پوسٽ جي ڊبي ڏانهن ويو ۽ پنهنجو قيمتي خط اندر وڌائين.

ڪلاڪ کن ڪانپوء، پرآميد وانڪا گهري ننڊ ۾ ستل هو. هن سپني ۾ هڪ سگريء پرسان پنهنجي ڏاڏي کي پلٿي ماري ويٺل ڏٺو. سندس پير اگهاڙا هئا ۽ هو هڪ خط بورچين کي پڙهي ٻڌائي رهيو هو. ويون سگري جي چوڌاري ڦري رهيو هو ۽ پڇ لوڏيائين پئي.

---

# آزادي

آزاديء جو وڻ، ظلم جي رت سان پروان چڙهي ٿو.

**—برٽرينڊ- بارئير - ڊي**

آزاديء کي ورهائي نٿو سگهجي.

**—ميخيل - آي - ڊيڪونن**

آزادي ۽ سٺي گورنمنٽ کي هڪ ٻئي کان جدا نٿو ڪري سگهجي.

**— اِبد**

Gul Hayat Institute

اڏاوت ۾ سرون پهچائڻ جو ڪم ڪندو آهي يا وري ڪٽڻ جا
پڳل ٻنا ٻڌي سگهندو آهي. اهڙين حالتن ۾ ڪهڙو مائٽ ڪيس
اسڪول موڪليندو؟ پر شهر ۾ هڪ سرڪاري پڌرنامو جاري
ڪيو ويو ته جيڪو به، پنهنجي ڇهن سالن کان وڏي ڇماري واري
ٻار کي اسڪول نه موڪليندو ته انهيءَ ڪتنب جي وڏي کي جيل
اماڻيو ويندو. انهيءَ ڪري اسانجي هن ڪهاڻي جي نائڪ ’گهوناڙي
ڇوڪر‘ کي به اسڪول وڃڻو پيو.

پهرئين ڏينهن جڏهن ڇوڪرو اسڪول مان موٽيو ته وٽس
اٺ ڪتاب هئا. سندس ڏاڏو، ڏاڏيءَ، پيءُ ۽ ماءُ سڀئي ڇوڏاري
اچي مڙيا ۽ ڪتاب ۾ تصويرن کي عجب وچان ڏسڻ لڳا. ڏاڏس
چيو، ”جڏهن مان پڙهندو هوس، تڏهن منهنجي ڪتابن ۾ اهڙيون
تصويرون ته نه هيون.“

”هنن تصويرن ۾ هي چيني ماڻهو ڪونهن!“ پڻس اوچتو
عجب کاڌو. ”چتائي ڏسو ته سهي، هنن مان ڪنهنکي به اسان
جهڙا ڪپڙا پيل ناهن. ڏس هي چمڙي جا بوٽ آهن، هيءَ ڏارين
پوشاڪ آهي، انهيءَ کي شايد ’ڪتي جي چڙي‘ چوندا آهن. هنن
کي ڏسي مونکي پراڻا پادري ياد اچن ٿا، جيڪي شهر جي چوراهي
۾ بيهي تبليغ ڪندا هئا.“

”هيءَ عورت جا چرخو پيئي ڪتي، ڏارين ٿي لڳي.“
ڏاڏس چيو، ”اسان ساڄي هٿ سان ڪتبنديون آهيون، پر هيءَ
کاٻي هٿ سان ٿي ڪتي.“

”انهيءَ حساب سان جيڪڏهن اها عورت ڏارين آهي ته پوءِ
هي گاڏر به چيني ناهي. ڏس، تو ڪو چيني گاڏر گاڏي جي هڻ
پاسي کان بيٺل ڏٺو آهي؟“ ڏاڏي چيس.

”استاد چيو ٿي ته ڪتابن جي قيمت هڪ ڊالر ويهه سينٽ
آهي.“ ڇوڪر اوچتو ٻڌايو. سڀئي ڪتابن ڏسڻ ۾ محو هئا، پر اهو
ٻڌي چرڪجي ويا. ڄڻ ڪا خراب خبر ٻڌي هئائون.

ڏاڏيس پهريائين ڪڇي، ”ڇوڪر تان ته هٿ ڪنبوسين،

Gul Hayat Institute

مان اٿاريو ۽ اسڪول وڃڻ لاءِ تيار ڪري ڇپائنس، ”انهيءَ مسئلي مونکي ساري رات پريشان ڪيو آهي. تنهنڪري انهيءَ جو حل پڇي اچج.“ اسڪول پهچڻ تي ڇوڪري کي خبر پيئي ته انهيءَ ڏينهن آچر هو ۽ اسڪول ۾ موڪل هئي. انهيءَ ڪانسواءِ گذريل رات استاد شراب وڌيڪ پي ويو هو ۽ اڃا تائين گهري ننڊ ۾ ستل هو. ڇوڪر واپس اچي ماءُ سان حال ڪيو، جنهنڪري ماڻس آچر جي موڪل کي پاراتا ڏيڻ لڳي.

سومر ڏينهن، ڪلاس ۾ استاد آهستگي سان چئي رهيو هو، ”جيڪو سکڻ چاهي ٿو تنهنکي سوال پڇڻ کان اصل هٻڪڻ نه گهرجي. جنهنکي به ڪو سوال پڇڻو هجي ته ڪيس هڪدم پنهنجي استاد کان اسڪول ۾ يا مائٽن کان گهر ۾ پڇڻ گهرجي.“ انهيءَ تي اسانجي ڪهاڻي جو نائڪ اٿي بيٺو ۽ پڇيائين، ”سائين، ريڊر ۾ لکيل آهي، This is Mama اها ڪنهنجي حقيقي ماءُ آهي؟“ استاد اڳيئين کان به آهستگيءَ سان وراڻيو، ”جيڪو به هي ڪتاب پڙهي ٿو، اها انهيءَ جي ماءُ آهي. سمجهئه نه؟“

”نه سائين.“ ڇوڪري وراڻيو.

انهي ڳالهه استاد کي ٿورو رنج پهچايو پر صبر سان چيائين، ”تو کي ڇو نٿو سمجهه ۾ اچي؟“

”بالدي به اهوئي پڙهندو آهي، پر سندس ماءُ هن عورت جهڙي ڪونهي.“ ڇوڪر چيو.

”بالدي جي ماءُ هڪ تنگ ڪان منڊي ۽ اک کان ڪاڻي آهي.“ هسپائولين چيو.

”۽ تنهنجي ماءُ آهي ئي ڪونه. هوءَ گهڻو وقت ٿيو ته مري ويئي.“ بالدي پنهنجي بچاءَ ۾ وراڻيو.

”توهان پاڻ ۾ نه ڳالهايو“ استاد ميز تي ڏنڊو هنيو. ”اسان اڄ بيو سبق پڙهنداسين : This is papa سيپئي هيڏانهن ڏسو. هي بابا آهي. ڪيس عينڪ پيل آهي ۽ سينڊ نڪتل اٿس.“

ماڻس اڃا تائين فڪرمند هئي ته پٽ جي موٽڻ تي کانئس

وچڻ قبول آهي، پر ڪهڙا ڪتاب نه پڙهائيندا سين.“

ٻئي ڏينهن پٽس ڏهاڙيءَ جي حساب سان ڪم تي رکيل نوڪر ڪري ڇڏيو ۽ استاد اسڪول جي حاضريءَ ـ ڪتاب ۾ ڇوڪر کي غير حاضر درج ڪري ڇڏيو.

---

## آزادي

آزادي جو مطلب سياست جو خاتمو نه آهي،
آزادي بذات خود سياست جي انتها آهي.

— ابد

Gul Hayat Institute

## ڪتاب

ڪو ملڪ ان وقت تائين ترقي يافته ملڪ نٿو ٿي سگهي، جيستائين هو ڪتابن تي گهڻو خرچ نه ڪندو.

— البرٽ هيبرب



قادربخش نالو، يٽي ذات،
ادبي نالو ’زيب يٽي‘
١٩٣٢ع تي ٽنڊو محمد خان
ضلعي حيدرآباد ۾ ڄائو.

١٩٦٠-١٩٦١ع ۾
يونيورسٽيءَ مان سنڌيءَ
۾ ايم - اي ۽ بي - ٽي
ڪيائين.

١٩٦٨ع ۾ اردوءَ ۾
ايم - اي ڪيائين.

پهرين ڪهاڻي ماهاني
’ميدان‘ ۾ ڇپي، جيڪو
غلام علي الانا جي زيرادارت ٽنڊي محمد خان مان نڪرندو هو. ٽنهنڪانپوءِ ڏهه کن ڪهاڻيون، مهراڻ، روح رهاڻ، نئين زندگي، پيجل، اديون ۽ سهڻيءَ ۾ ڇپيون.

ڏهه کن ڪهاڻين جا ترجما پڻ ڪيائين، جيڪي مختلف رسالن ۾ ڇپيا.

ڏهه کان مٿي مختلف شخصيتن جون سوانح حيات لکيون اٿس، جن ۾ ڪي ڇپيون آهن ۽ ڪي اڻ- ڇپيل آهن.

ڏهن کن مضمون ۽ مقالا ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل آهن.

زيب يٽي، ڪهاڻيڪار ۽ مضمون نگار کان علاوه شاعر به آهي، ۽ شاعريءَ جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي اٿس، گهڻي ڀاڱي سندس شعر سهڻي مخزن ۾ ڇپيا آهن. اردوءَ ۾ پڻ ڪجهه مضمون ڇپيا اٿس.

هن وقت گورنمينٽ ڪاليج ٽنڊو محمد خان ۾ سنڌي شعبي جو سربراهه آهي.

يا نہ.“

ٻن ڏينهن ڪانپوءِ شوپا، ماڻس کي هڪ سونو سڪو آڻي ڏنو. ”نانا جي مورتين جو مُلھ.“ هن چيو.

سندس ماءُ حيرت ۾ پڇي پڇيو، ”تو هي ڪٿان آندو؟“

”محلات مان.“

پوڙهي ماڻهوءَ خوشي مان ٿهڪ ڏيندي چيو، ”اوه – واھ ڙي و ہ! “ ۽ جيڪڏهن فقط منهنجي اکين جو سوجهرو ويل ۽ منهنجا هٿ ڏڪندڙ نہ هجن ها تہ جيڪر...“

ماءُ ڏاڍي خوش ٿي.

”اهڙا سورهن سونا سڪا شوپا لاءِ ڪچيءَ جو سونو هار ٺٺبا.“ هن چيو.

پوڙهي ماڻهوءَ هاڻوڪار ڪئي، ”پرواھ نہ ڪر اهو بہ هنکي جلدي ملي ويندو.“

شوپا پوڙهي جي ڪچيءَ ۾ پنهنجون ٻانهون ورائي پڙڪيو، ”نانا، منهنجي گهوٽ ڳولڻ لاءِ بہ ڪنهنکي تڪليف ڪونہ ٿيندي.“

پوڙهي کلي ڏنو ۽ اک مان ڳوڙهو ڳاڙيائين.

هو هڪ وار وري جوان ٿي پيو هو. وڻ جي ڇانءَ هيٺ ويهي مورتيون ناهيندو هو ۽ ايتري ۾ شوپا ٻنيءَ تي چهار ويهي هڪليندي هئي. ايستائين جو ڳنئن جي ڇڙن ۽ گهنڊڻين جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي. هڪ هڪ ڪري سورهن سونا سڪا حاصل ڪيا ويا ۽ هار جوڙايو ويو.

ماءُ چيو، ”فقط گهوٽ اچڻو آهي اڃان.“

شوپا پوڙهي جي ڪن ۾ پڙڪيو، ”نانا گهوٽ تيار آهي.“

پوڙهي پڇيو، ”تو هنکي ڪٿان ڳوليو، منڙي؟“

شوپا جواب ڏنو، جڏهن مان محلات ڏانهن پهريو دفعو وئي هيس تہ دربان مونکان پڇيو، ’تو کي ڇا گهرجي؟‘ مون چيو، ’مان هي مورتيون شهزادين وٽ وڪڻڻ چاهيان ٿي.‘ هن مونکي ٻڌايو. اِهي مورتيون هتي ڪونہ وڪامنديون ۽ مونکي اندر اچڻ کان

Gul Hayat Institute

روڪيائين. جڏهن مان گهوڙها ڳاڙيندي واپس وري رهي هيس، تڏهن هڪ ماڻهوءَ مونکي بيهاريو ۽ چيو: ”مونکي انهنجو ٿورو لباس بدلائڻ لاءِ ڏي ۽ اهي پڪ سان وڪامنديون.“

”جيڪڏهن توهان هنکي ڏسي پسند ڪندا، نانا، مونکي هن سان شادي ڪري ڏاڍي خوشي ٿيندي.“

”هينئر هو ڪٿي آهي؟“

”هتي هيٺ! پپر جي وڻ هيٺان.“

اجنبيءَ ڪوني‌ءَ اندر پنهنجا قدم ڌريا.

پوڙهي ماڻهوءَ ڪنڌ مٿي ڪئي هن ڏانهن عجب ۾ ڏٺو. ”اڙي، هيءُ ڪرشن لعل نہ ڪونهي؟“

ڪرشن لعل پوڙهي ماڻهوءَ جي پيرن تي اچي ڪريو. ”هائو، اهو ئي منهنجو نالو آهي؟“ هن چيو.

پوڙهي ماڻهوءَ هنکي مٿي ڪئي ٻانهن کان جهليو، ”اڳي منهنجي مٽيءَ جي مورتين کي مونکان ڦريئي ۽ اڄ تون منهنجي دل جي مورتي مونکان ڦري رهيو آهين.“

شوپا پنهنجون ٻئي ٻانهون کولي، پوڙهي ماڻهوءَ جي ڳچيءَ ۾ ويڙهي چڙيون ۽ پڙڪيو، ”هائو نانا، پر هيءَ تو کي بہ مونسان گڏ هن سودي، جي ياڳي ۾ وٺي هلي رهيو آهي.“

Gul Hayat Institute



مسعود احمد نالو، قريشي ذات. ١٩٤٧ع ۾ نوشهرو فيروز، ضلعي نوابشاهه ۾ ڄائو.

١٩٦٨ع ۾ بي-ايس سي ڪيائين. ١٩٧٠ع ۾ انگريزيءَ ۾ ايم- اي ۽ ايل- ايل- بي ڪيائين. هينئر پوليٽيڪل سائنس ۾ ايم- اي ڪري رهيو آهي.

١٩٦٨ع ۾ سنڌس پهريون ترجمو 'اڌي رات واري گاڏي' هلال پاڪستان (حيدرآباد) ۾ ڇپيو. جيڪا ارسڪن ڪالڊويل جي ڪهاڻيءَ جو ترجمو هئي.

تازو هڪ اصلوڪي ڪهاڻي 'گهاءُ' لکي اٿس، جيڪا ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان براڊ ڪاسٽ ٿي آهي.

هن وقت سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ حيدرآباد ۾ انگريزيءَ جو سبجيڪٽ اسپيشلسٽ آهي.

Gul Hayat Institute

## ارسکن ڪالڊويل

Erskin Caldwel

سنڌيڪار: مسعود قريشي

# راهون ۽ پاڇا

## MAN AN WOMAN

انهيءَ بي رنگ پره ڦٽيءَ جو هو ٻئي رستي تي ائين هلي رهيا هئا، جيئن هنن کي ڪو زوريءَ گهلي رهيو هجي. هنن جو وجود گذريل رات جي پاڇن وانگر لڳي رهيو هو. اهي رات جا پاڇا ڏينهن جي روشنيءَ ۾ هڪ عورت ۽ مرد ۾ تبديل ٿي چڪا هئا. هنن جا جسم ته چڻ هڪ هنڌ ٻڌا هئا، پر هنن جا قدم اڳيان وڌندا ٿي رهيا. هنن جي هلڻ جي ڪري رستي جي ڌوڙ اڏامي رهي هئي، جيڪا هنن جي قدمن جي نشانن کي بي نشان ڪندي ٿي وئي. هنن جون اکيون هر قدم سان گڏ سامهون ٻاڙهي سج تي پئجي رهيون هيون.

عورت پنهنجو هيٺيون چپ مضبوطيءَ سان ڏندن ۾ پڪوڙيو پئي هلي. جيتوڻيڪ ائين ڪرڻ سان هنکي تڪليف به ٿي رهي هئي پر انهيءَ ڪانسواءِ ٻي ڪا واٽ به ته نه هئي، جنهنجو سهارو وٺي هوءَ مسلسل هلندي رهي ها. انهيءَ تڪليف ده صورت ۾ هو قدم به قدم ۽ ميل به ميل هلندي ٿي وئي. ڪڏهن ڪڏهن هنکان ضبط نٿي ٿيو ۽ هنجي واتان آه نڪري ٿي وئي. پر هوءَ اهو سڀ برداشت ڪري رهي هئي، هن نه ڪو فرياد ٿي ڪيو ۽ نه ئي رُنو ٿي.

”منهنجو خيال آهي پاڻکي ٿورو آرام ڪرڻ گهرجي“ جان چيو.

پر هن ڪوبه جواب نه ڏنو ۽ هلندي رهي.

هو ائين ئي ٿڪل قدمن سان هلندا رهيا. جڏهن هو هڪ ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي پهتا ته سج سندن سامهون اڀري ويو. اجا هنن جي منزل تمام پري هئي. هيٺئر سج جي روشني پهرين ڪان

جان وڻ جي هيٺان پيل هڪ بينچ تي وڃي ويٺو.

”آءٌ هتي ويهي تنهنجو انتظار ٿو ڪريان، تون ايتري ۾ وڃي ماني کائي اچ.“ هن چيو.

رُت آهستي قدمن سان هلندي دروازي مان اندر داخل ٿي وئي. هن عورت، رت کي ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ چيو، جيڪا ٽيبل سان گڏ رکيل هئي. هن عورت ڪجهه راتوڪا رکيل پٽاٽا ۽ ڪجهه ڊبل روٽيءَ جا ٽڪرا آڻي ٽيبل تي رکيا. پوءِ هڪ گرم ڪوپ ڪافيءَ جو به آڻي ٽيبل تي رکيائين. رت ٽڪرو ٽڪرو کائڻ شروع ڪيو. هن هڪ ئي وقت پٽاٽا ۽ ڊبل روٽي تي کاڌائين، ته ڪافي به پيئندي ٿي وئي. بادامي رنگ واري ڪرڙوڊ عورت در وٽ وڃي بيٺي ته جيئن هو جان ۽ رت کي واري واري سان ڏسي سگهي ۽ هنن جي بي وسيءَ جو نظارو به ڪري سگهي. رت کي احساس هو ته جان ڪالهه رات کان ڪجهه نه کاڌو آهي، رُت ڪوشش ڪري ڊبل روٽيءَ جو ٽڪر پنهنجي چولي ۾ لڪائي ڇڏيو ۽ هڪ پٽاٽو به کڻي پنهنجي اسڪرٽ جي کيسي ۾ لڪايائين انهيءَ عورت رت ڏانهن تمام تکين ۽ شڪي نگاهن سان نهاريو ٿي، ۽ ساڳئي وقت هو جان کي به نظرن ۾ رکيو ويٺي هئي.

”توهانجي منزل اڃان تمام پري آهي؟“ هن عورت پڇيو.

”ها.“ رت جواب ڏنو.

”تمام پريان اچي رهيا آهيو؟“

”ها.“ رت چيو.

”توسان گڏ اهو ماڻهو ڪير آهي؟“

”هو منهنجو مڙس آهي.“ رت ٻڌايو.

هن عورت وري ٻاهر جان ڏانهن نهاريو، ۽ پوءِ رت ڏانهن نهارڻ لڳي. ڪجهه وقت لاءِ هوءَ بلڪل خاموش ٿي وئي. رت ڪوشش ڪئي ته هڪ پٽاٽو اڃا به لڪائي سگهي، پر ڪامياب ٿي نه سگهي ڇو جو هاڻي اها عورت رت ڏانهن گهوري نهاري رهي هئي.

Gul Hayat Institute

اڃان ها.“

جان ايستائين ڪجهه به نه ڳالهايو، حسين هو انهيءَ ڳوٺ جي چيڙي تائين پهچي نه ويا، جتان هنن کي وري مٽي چڙهڻو هو.

”جيڪڏهن انهيءَ عورت کي اها خبر هجي ها ته اسين پنهنجي يار جي قبر تي وڃي رهيا آهيون، ته شايد هوءَ ايتري بيرحم ثابت نه ٿئي ها.“ جان چيو.

رٿ سڏڪڻ لڳي.

”جان، اڃان ڪيترو فاصلو آهي؟“

”اٽڪل ٽيهه يا چاليهه ميل.“

”اسين سڀاڻي تائين اتي پهچي وينداسين؟“

جان ناڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو.

”پلا پريهن تائين؟“

”آءٌ ڪجهه نٿو چئي سگهان.“

”جيڪڏهن پاڻ کي ڪا سواري ملي وڃي ته شايد رات تائين پهچي وڃون؟“ رٿ پڇيو. پر هاڻي هو پنهنجي سڏڪن کي روڪي نه سگهي ۽ وڏي آواز سان روئڻ لڳي.

”ها،“ جان وراڻيو، ”جيڪڏهن پاڻ کي ڪا سواري ملي وڃي ته پاڻ تمام جلد پهچي ٿا سگهون.“

هن پنهيان مڙي ڏٺو ۽ پري پري تائين نگاهن کي دوڙايائين پر دور دور تائين ڪجهه به نه هو، سواءِ خالي ميدان جي، جنهن ۾ ڪٿي وڻ به بيٺل نظر ٿي آيا. پوءِ هن هلڻ شروع ڪري ڏنو ۽ پنهنجي قدمن ۾ هيٺ زمين ڏانهن نهارڻ لڳو، ڄڻ ته هو پنهنجا قدم ڳڻي رهيو هجي ته ڪيترا پيرا ڪاٻو پير کڻيائين ته ڪيترا پيرا ساڄو پير.

Gul Hayat Institute



آغا لياقت علي نالو، پناڻ ذات. ١٩٤٦ع تي ڳڙهي ياسين، ضلعي سکر ۾ ڄائو. ١٩٦٩ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان پوليٽيڪل سائنس ۾ ايم - اي ڪيائين. انهيءَ کان اڳ ١٩٦٨ع ۾ سي - ايس - ايس ۽ انڪانپوءِ ١٩٧٣ع ۾ پي - سي - ايس جا امتحان پاس ڪيائين. ايل ايل بي جو پهريون سال جو امتحان ڏنو اٿس. ۽ ايم - فل ڪري رهيو آهي.

سندس پهريون مضمون ڪامرس ڪاليج لاڙڪاڻي جي ١٩٧٢-٧٣ع جي مخزن ۾ ڇپيو. انهيءَ مخزن جو ايڊيٽر به پاڻ هو.

سندس ترجمو ڪيل هي پهرين ڪهاڻي آهي. هن وقت سچل سرمست آرٽس ڪاليج حيدرآباد ۾ ليڪچرار آهي.

Gul Hayat Institute

پنهنجي سائيڪل هلائي رهيو هو ۽ هميشه ڪان وڌيڪ بار محسوس ڪري رهيو هو. سندس دل تي به بار هو. ڪالهه رات جو جڏهن هو گڏجاڻي کان واپس آيو ته هن فرنانڊ کي ٻڌايو ته هو ڪم تي واپس وڃي رهيو آهي. فرنانڊ خوشيءَ وچان پڇيو ته، "آخر دڪان جو مالڪ اوهانکي پگهار وڌائي ڏيڻ تي راضي ٿي ويو نه؟" مالڪ پگهار ڪونه ٿي وڌائي، سندن اسٽرائڪ ناڪام ٿي وئي هئي. ان ۾ سارو ڏوهه سندن پنهنجو هو. هنن مناسب طريقي سان اسٽرائڪ نه ڪئي، اوچتو جوش ۾ اچي هُو دڪان کان ٻاهر نڪتا. يونين به هنن سان بيدليو ساٿ ڏنو. صرف پندرهن مزدورن جي آخر ڇا وقعت آهي؟ يونين کي ٻين ٽين ناهڻ جي دڪانن جي مزدورن جو خيال به ڪرڻو هو، جيڪي اسٽرائڪ ۾ شامل نه ٿيا هئا. يونين جو ڪوبه ڏوهه نه هو. ٽين ۽ پيپن وغيره ناهڻ جو ڌنڌو وڏين ٽانڪين ۽ ٽئنڪر ٽرڪين جي ٺهڻ جي ڪري ڪجهه ڍرو ٿي ويو هو. اڳي جي مقابلي ۾ هينئر ٿورا ٻرم ۽ ٽب ناهڻ لاءِ ٿي مليا، باقي ڪجهه ڪم مرمت جو ٿي هو. دُڪانن جي مالڪن جيئن ڏٺو ته سندن ڌنڌو هينئر ڍرو ٿي ويو آهي ته هنن پنهنجي ڪوٺ کي پوري ڪرڻ واسطي مزدورن جي پگهار ۾ واڌ روڪي ڇڏي، حالانڪ ضرورت جي شين جي قيمتن ۾ تمام گهڻي واڌ اچي چڪي هئي. جڏهن هي ڌنڌو صفا بند ٿي وڃي ته اهي ڪاريگر ڪيڏانهن ويندا؟ هڪ ڌنڌي کي تمام گهڻي محنت ڪانپوءِ سکڻ بعد انکي ڇڏي وري ٻيو ڌنڌو ڪيئن سکندا، خاص طور سان هي ڌنڌو، جنهنکي سکڻ ۾ تمام گهڻي محنت گهربل هئي، انکي ڇڏڻ تمام ڏکيو هو. هڪ ڪاريگر جيڪو ڪاٺ جي مڙيل ڦاڪن کي پاڻ ۾ ملائي انهن کي لوهه جي گول پٽي سان اهڙي طرح سان جڪڙي، جو ان مان پاڻيءَ جو ڦڙو به ٻاهر نه نڪري سگهي، سو ماهر ڪاريگر هو ۽ اها ڪاريگري سکڻ معمولي ڳالهه نه هئي. وارس ان ۾ ماهر هو ۽ هنکي ان تي ناز هو. ڌنڌو بدلائڻ ڪا ڏکي ڳالهه نه هئي پر اهو ڌنڌو، جنهن تي ماڻهو کي عبور حاصل هجي، تنهنکي ڇڏي ڏيڻ مشڪل هو. جڏهن ڪو ماهر

Gul Hayat Institute

ڪاريگر هجي پر سندس ڪاريگري جي ڪنهنڪي ضرورت نہ هجي تہ هنکي اهو ڏنڊو چڏڻو ئي پوندو. پر اهو ڇڏڻ بہ تہ سولو نہ آهي. پنهنجو وات بند ڪرڻ بہ تہ ڏکيو آهي، آخر تہ شڪايت جو لفظ نڪري ٿو اچي. هر روز ڪو ماڻهو ساڳيو رستو وٺي صبح سان ڪم تي وڃي ۽ شام جو ٿڪ سان چُور ٿي گهر واپس اچي، هفتي جي پُڄاڻي تي سندس ايتري جفاڪشي جو اُجورو، هنکي مالڪ جي مرضيءَ تي ملي. جيڪو هنجي مکيہ ضرورتن پورين ڪرڻ لاءِ بہ پورو ڪونہ هجي. اها ڳالهہ ڪيستائين برداشت ٿي سگهي ٿي.

تنهنڪري هوءَ ڪاوڙجي پيا هئا. هنن مان ٻہ ٽي ڀيرا نتايو، پر مالڪ سان پهرين ملاقات ڪرڻ کانپوءِ تہ ڪاوڙ سڀني ۾ ڦهلجي ويئي. ڇو تہ مالڪ هنکي صاف صاف چئي ڏنو تہ هنن کي ڪم ڪرڻو هو تہ ان پگهار تي ڪن، نہ تہ هو نوڪري ڇڏي وڃن. هنکي ائين چوڻ نہ کپندو هو.

”هو اسانکي ڇا ٿو سمجهي؟“ اپوزٽو چيو، ”ڇا اسان هنجي اڳيان جهڪي پونداسون ۽ سندس اشارن تي نچنداسون؟“

مالڪ هونئن خراب ماڻهوءَ نہ هو. هنکي اهو دڪان سندس پيءُ کان ورثي ۾ مليو هو ۽ هُو اتي ئي ڄائو نپنو هو. نندي هوندي کان ئي هو گهڻو ڪري سڀني مزدورن کي چڱي طرح سڃاڻندو هو. ڪڏهن ڪڏهن انهن کي دڪان تي ڪجهہ کائڻ لاءِ دعوت بہ ڏيندو هو. ڪڏهن وري دڪان تي ئي ڪاٺ جي ڇوڏن مان باهہ ٻاري گوشت وغيره ڪباب ڪري کائيندا هئا ۽ هو انهن کي شراب جون بوتلون بہ ڏيندو هو. مالڪ هنن تي ڏاڍو مهربان هو. هر سال نئين سال جي خوشيءَ ۾ هُو هر هڪ مزدور کي پنج پنج شراب جا شيشا ڏيندو هو ۽ جيڪڏهن هنن مان ڪو بيمار ٿي پوندو هو يا شادي وغيره جي خوشي ملهائيندو هو تہ هُو انکي پئسن جي مدد بہ ڏيندو هو. پنهنجي ڌيءَ جي جنم جي خوشيءَ ۾ هن لنڊ جي چانش ۾ بوڙيل باداميون، مزدورن ۾ ورهايون هيون. ٻہ يا ٽي دفعا هن وارس کي پنهنجي زمينن واري ٻيلي ۾ شڪار ڪرڻ جي

Gul Hayat Institute

دعوت به ڏني هئي. هو پنهنجي مزدورن کي ڏاڍو پيارو هو ۽ اڪثر چوندو هو ته سندس پيءُ به ڪنهن زماني ۾ مزدور هو. پر هو ڪڏهن به پنهنجي مزدورن جي گهرن تي ڪونه ويو هو. هنکي انهنجي خبر به ڪونه هئي. هو هميشه پنهنجي باري ۾ سوچيندو هو. چو ته هنجي آڏو پنهنجي ضرورت ٻئي جي ضرورت کان مٿي هئي ۽ انڪري ئي هن مزدورن کي اهڙو رکو جواب ڏنو هو ته، ”ان پگهار تي نوڪري ڪريو يا ڇڏي وڃو.“ ان ڳالهه تي هو ضد ٻڌي بيٺو هو. اختيار جو مالڪ هو، جيئن چاهي ڪري ٿي سگهيو.

هن يونين وارن کي به صاف جواب ڏئي ڇڏيو ۽ دڪان بند ڪري ڇڏيو. سندس چوڻ مطابق ”جيترا ڏينهن دڪان بند رهندو، اوترا ڏينهن هنجو خرچ بچي پوندو.“ اهو ته خير صحيح نه هو، پر حالات سڌرڻ به ممڪن نه هئا. چو ته مالڪ هنن کي صاف چئي رهيو هو ته هُو خيرات طور هنن کي مزدوري ڏئي رهيو آهي. اهو ٻڌي، اپوزٽو ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو هو ۽ مالڪ کي چئي ڏنو هئائين ته، ”تون انسان بلڪل نه آهين.“ مالڪ کي به ڪاوڙ اچي ويئي هئي. پر ڪن ماڻهن وچ ۾ اچي جهيڙو ٽاريو. سندن اسٽرائڪ جي ڪري مزدورن تي تمام ڏکيو وقت اچي پيو. ويهن ڏينهن جي بيڪاري، گهر ۾ سندن زالون پريشان، اهڙين حالتن ۾ به ٿي ماڻهو همت هاري بيٺا ۽ آخر ۾ يونين به هنن کي ڪم تي واپس وڃڻ لاءِ چيو. بشرطيڪ مالڪ اهو وعدو ڪري ته سندن فيصلو ڪو وچ وارو معتبر ماڻهو ڪندو ۽ سندن اسٽرائڪ وارن ويهن ڏينهن وارو ڪم هو اوورٽائيم ۾ لکندا، جن لاءِ هنن کي اجورو ملندو. هنن مجبور ٿي ڪم تي واپس وڃڻ جو فيصلو ڪيو. هنن سوچيو ٿي ته معاملو اجا تڏو ڪونه ٿيو آهي ۽ اجا انجو فيصلو ٿيندو. پر اڄ صبح جو جڏهن هنن تي شڪست جو ٽڪ چڙهيل هو ۽ ماني ۾ گوشت جي بجاءِ پنير پيل هو ته سندس اهو خيال خواب وانگر ٿي لڳو. هينئر سڄ ڪيترو نه تيزي سان چمڪي رهيو هجي تڏهن به اڄ سمنڊ هنجي لاءِ ڪابه ڪشش ڪونه ٿي رکي. وارس پنهنجي اڪيلي

هيٺيان فرش کي پيچي نالي ٺاهي ويئي هئي. دڪان ۾ مختلف حالتن ۾ سامان ٿهليل هو. ڪي شيون اڌ ٺهيل هيون، ڪن ۾ فقط ٿورو ڪم باقي هو. ڪي پيپ تيار پيا هئا. ڪن کي فقط لوهه جي پٽين سان جڪڙيو هو. هنڌ هنڌ وسائل باهه جي رک پيل هئي. دروازي جي کاٻي پاسي کان ديوار سان لڳل بينچن جي هڪ قطار هئي جن تي ويهي ڪاريگر پنهنجو ڪم ڪندا هئا. انهن جي اڳيان ڪاٺ جي ڪپين ڦاڪن جو ڍير پيل هو جن کي رنڊي سان چلي لسو ڪرڻو هو. ساڄي پاسي واري ننڍي ڪمري سان لڳ ساڄي ديوار وٽ ٻه وڏا بجلي جا ڪرٽ رکيل هئا جن مان تيل ٽمي رهيو هو. اهي پنهنجي جاءِ تي خاموش بيٺا هئا.

ڪجهه وقت اڳ هي ورڪشاپ اتي ڪم ڪندڙ ٿورڙن ماڻهن لاءِ تمام گهڻي ڪشادي هئي. انڪري گرمي ۾ سهوليت واري هئي پر سردين ۾ تڪليف واري. اڄ ان ڪشادي جاءِ ۾ سامان هرهنڌ ٿهليل هو. ڪجهه ڪم اڌورو ئي ڇڏيل هو. هرهنڌ اڌورا ۽ اڌورا پيپ هئا جن جي ڦاڪن کي تري سان ڳنڍي ڇڏيو ويو هو. ان حالت ۾ اهي وڏا ڪاٺ جا ٻيڊولا گل تي لڳا. بينچن، اوزارن، مشين وغيره تي ڪاٺ جو ٻورو چڙهيل هو ۽ هر شئي افراتفري جو ڏيک ڏئي رهي هئي. هنن انجو جائزو ورتو ۽ ڪجهه هٽڪيا. هنن کي پراڻا سئيٽر ۽ چٿين لڳل سوٽ پهريل هئا. باليستر سڄو وقت هنن کي جانچي رهيو هو.

”هينئر ڪم شروع ڪجي،“ هن چيو.

ڪجهه چوڻ ڪانسواءِ ٽي هو هڪ هڪ ٿي پنهنجن پنهنجن جاين تي ويا. باليستر واري واري سان هر هڪ وٽ ويو ۽ انکي رهيل ڪم پوري ڪرڻ يا نئين ڪم ڪٽڻ بابت هدايتون ڏيڻ لڳو هن سان ڪنهن ٻه ٽه ڳالهايو. جلد ئي ورڪشاپ ۾ پهرين هٿوڙي جو آواز آيو ۽ ڪم شروع ٿي ويو. رندن جي گسڪڻ ۽ اپوڙتو جي هلايل ڪرت جو ڪاٺ کي چيرڻ جا آواز شروع ٿي ويا. سعيد جو ڪم ڦاڪون ڪٽي اڇڻ يا ڇوڏن سان باهه ٻارڻ وغيره هو. جڏهن

Gul Hayat Institute

اوچتو والري جو منهن بچڙو ٿي ويو ۽ سندس ڪم جي رفتار وڌيڪ تيز ٿي ويئي. هن اپوزٽو ڏانهن نهاريو جيڪو سندس ويجهو پيل ڪنٽيل ڦاڪن جو پاڪر پري وارس ڏانهن وڃڻ لاءِ بيٺو هو. پنهنجو ڪم ڪندي اپوزٽو به هن ڏانهن نهاريو ۽ والري پنهنجو منهن ٻئي طرف ڪري ڇڏيو. مالڪ ڪي ڪوبه جواب نه ڏنائين. لسال ڪجهه وقت لاءِ ٻت ٻڻجي سندس اڳيان بيٺو رهيو ۽ پوءِ هن بيوس ٿي ڪلهن کي لوڏيو ۽ مارڪو ڏانهن ڦريو جيڪو پنهنجي بينچ تي ويٺو هو ۽ پيپن کي آخري ٺڪ ٺوڪ ڪري رهيو هو. تمام گهڻي خبرداري سان هو هڪ پيپ جي تري جي ڪناري کي هٿوڙي جي هلڪن ڌڪن سان پنهنجي جاءِ تي مضبوط ڪري رهيو هو.

”هلو، مارڪو،“ لسال دکي آواز ۾ چيو.

مارڪو جواب نه ڏنو ۽ پنهنجي ڪم ۾ رڌل رهيو.

”توهانکي ڇا ٿي ويو آهي؟“ لسال رڙ ڪري چيو ۽ پوءِ سڀني مزورن ڏانهن منهن ڪري چيائين:

”اهو صحيح آهي ته اسان پاڻ ۾ همخيال نه آهيون، پر ان جو مطلب اهو ته نه آهي ته اسان گڏجي ڪم به نه ڪريون. تنهنڪري هي روش اجائي آهي ۽ اوهانجي هي خاموشي بيسود.“

مارڪو بينچ تان اٿيو ۽ پيپ جي ڻاهيل تري جي گول ڪناري کي آڱر سان جاچي مطمئين ٿي، انکي خاموشي سان ڪٽي ٻئي مزدور وٽ ويو جيڪو انکي ڦاڪن سان ڳنڍي رهيو هو. سڄي دڪان ۾ هٿوڙن جي آواز ۽ بجلي واري ڪرٽ جي آواز ڪانسواءِ ڪجهه به ٻڌڻ ۾ ڪونه ٿي آيو.

”چڱو“ لسال چيو، ”جڏهن اوهان سڀ تڏا ٿيو ته پوءِ باليستر جي معرفت مونکي آگاهه ڪجؤ.“ هو خاموشي سان دڪان مان ٻاهر نڪري ويو.

جلد ئي وري دڪان جي گهنٽي جي وڄڻ جو آواز آيو. باليستر جيڪو اجا هاڻي ئي هيٺ ويهي سگريٽ دکائي رهيو هو

سو آهستي اٿيو ۽ دروازي کان ٻاهر نڪري ويو. هنجي وڃڻ ڪانپوءِ هٿوڙن جو آواز ڪجهه جهڪو ٿي ويو ۽ جيئن باليستر وري دڪان ۾ داخل ٿيو ته هڪ مزدور جو هٿوڙو ته صفا رڪجي ويو. دروازي وٽ ئي بيهي هن صرف چيو، "مارڪو ۽ وارس، توهانکي مالڪ سڏي رهيو آهي." وارس جلد ئي اٿي هٿ ڌوئي هلڻ لڳو پر مارڪو هنکي ٻانهن کان جهلي روڪيو ۽ پاڻ اڳيرو ٿي هلڻ لڳو.

ٻاهر اڱڻ ۾ روشني ايتري ته تيز ۽ صاف هئي جو اها وارس کي سندس منهن ۽ اگهاڙين ٻانهن تي محسوس ٿي رهي هئي. هو ٻاهرين ڏاڪڻ تان مٿي چڙهي رهيا هئا، جنهنجي چو ڌاري ول وڪوڙيل هئي ۽ ان ۾ ڪجهه گل به ڦٽل هئا. هو ورانڊي ۾ داخل ٿيا، جنهنجي ديوارين تي ڊپلوما سرٽيفڪيٽ ٽنگيل هئا. اندر داخل ٿيندي ئي هنن ننڍي ٻار جي روئڻ جو آواز ٻڌو انسان گڏ هنن موسيولسال جو آواز ٻڌو جيڪو چئي رهيو هو "منجهند جي ماني ڪانپوءِ سمهارينس، جيڪڏهن ٺيڪ نه ٿي ته پوءِ ڊاڪٽر کي سڏائيندا سين."

اوچتو ئي هو ورانڊي ۾ آيو. ۽ هنن کي پنهنجي ننڍڙي آفيس ۾ وٺي ويو، جيڪا هنن جي اڳ به ڪيترا دفعا ڏٺل هئي. ان ۾ پراڻو فرنيچر پيل هو ۽ پتون راندين ۾ مليل تمغن ۽ انعامن سان سينگاريل هيون. لسال پنهنجي ڪرسي تي ويهندي هنن کي چيو، "ويهو،" هو بيٺا ئي رهيا.

"مون توهانکي انڪري سڏيو ته تون، مارڪو، يونين جو نمائيندو آهين ۽ تون، وارس، باليستر ڪانپوءِ منهنجو سڀ کان پراڻو ملازم آهين. مان پراڻين ڳالهين کي وري دهرائڻ نٿو چاهيان. اوهين جيڪو چاهيو ٿا سو آءٌ اوهانکي بلڪل نٿو ڏئي سگهان. اها ڳالهه سمجهو ته ختم ٿي ويئي ۽ اوهان اهو فيصلو مجي ڪم تي واپس آيا آهيو. آءٌ ڏسان پيو ته توهان مون تي ناراض آهيو ۽ اها ڳالهه مونکي ڏک پهچائي رهي آهي. آءٌ اها ڳالهه اوهانکي دل جي گهراين مان

روئي سگهندو آهي، هو به آخر ته انسان هئا. ۽ اهڙي موقعي تي سندن منهن تي مرڪ ڪيئن ٿي اچي سگهي. پر اپوزٽو اهو سڀڪجهه نه چيو ۽ خاموش رهيو. آخر سندس منهن جا نقش جڪي ڪجهه وقت اڳ تاڻجي ويا هئا، ڍرا ٿي ويا. هن آهستي بالستر جي پٺي ٽيڪ ٿي واپس اچي ويو. هٿوڙن جا آواز وري شروع ٿي ويا سارو دڪان هميشه وانگر آوازن سان ڀرجي ويو ۽ هميشه وانگر اتان ڪاٺ جي ڇوڏن، پراڻن ڪپڙن ۽ ڀگهر جي ڌپ اچڻ لڳي. وڏو ڪرٽ شروع ٿي ويو ۽ سندس هيٺان رکيل ڪاٺ جو ٽڪرو ٽڪرو ڪٽجڻ لڳو جنهنکي اپوزٽو آهستي آهستي اندر ڌڪي رهيو هو. جتان ڪرٽ ڪاٺ کي ڪٽيو ٿي، اتان پوري جو ڦوهارو ٿي نڪتو ۽ ڪاٺ کي جهليندڙ اپوزٽو جي گهاٽن وارن واري مضبوط هٿن تي ڦهلجي ٿي ويو. جڏهن اها ڦاڪ ڪٽجي ويئي ته پوء فقط موٽر جو آواز ئي ٻڌڻ ۾ ٿي آيو.

جيئن ئي وارس ڦاڪ تي جهڪي انڪي رنڊي سان لسو ڪري رهيو هو ته سندس پٺي مان سور جي سٽ اڀري. عام طور هو دير سان ٿڪبو هو، پر هيئنر جيئن ته هو به ٿي هفتا ڪم ڪان پري رهيو هو. انڪري شايد ٿوري ڪم ڪرڻ سان ئي ٿڪجي پيو. هن پنهنجي عمر تي به سوچيو جنهنجي ڪري هنکي هي ڪم تمام سخت ٿي لڳو ۽ گهڻو ٿڪجي ٿي پيو. جنهن به ڪم ۾ طاقت جو استعمال ٿي ٿيو سو هنکي نه ٿي وڻيو ۽ موت جهڙو ٿي لڳو. سخت پورهيي ڪرڻ ڪانپوء ننڊ به موت جهڙي آهي. سندس پٺ ماستر ٿيڻ پئي چاهيو، هنجو اهو فيصلو وارس کي صحيح ٿي لڳو. جيڪي به ماڻهو هٿن جي پورهيي جي ساراه ڪندا آهن. تنکي شايد ان پورهيي بابت ڪابه خبر نه آهي.

جڏهن وارس ساهي پٽڻ ۽ اهڙن اجاين خيالن کي دماغ مان ڪيڻ لاء سڌو ٿيو ته گهنٽي وڄڻ لڳي. هاڻي اها يڪي ۽ عجيب طريقي سان هيٺ مٿاهين آواز سان ٿي وڳي. انجي ڪري سڀني عجب وچان ڪم بند ڪري ڇڏيو. بالستر به آواز ٻڌو ۽ عجب ۾

اشارو ڪيائين. ايمبولنس جي گهنٽي وري وڄڻ لڳي. هو سڀئي خاموش دڪان ۾ ويٺا رهيا. درين مان ايندڙ پيلي روشني ۾ سندن خالي هٿ هيٺ لٽڪيل هئا ۽ سندن پراڻن سوٽن تي ڪاٺ جو ٻورو چڙهيل هو.

شام جو باقي حصو به جيئن تيئن ڪري گذري ويو. وارس پاڊڪي ٿڪل محسوس ٿي ڪيو ۽ سندس دل تي به بار هو. هن ڳالهائڻ ٿي چاهيو پر هنڪي ڪجهه چوڻ لاءِ ڪونه ٿي مليو ۽ نه وري ٻين ئي ڪجهه چيو. سندس منهن تي صرف ڏک ۽ هوڏ جا آثار نمايان هئا. ڪڏهن ڪڏهن 'خدائي آفت' جو لفظ هنجي دل ۾ ٿي اڀريو پر جلد ئي هٽي ٿي ويو، جيئن پاڊي تي ڦوڪٽو لهي پوندو آهي. هن گهر پهچڻ ٿي چاهيو ته جيئن اتي وڃي فرنانڊ ۽ ٻٽ سان گڏجي گئلري ۾ ويهي رهي.

ڪم بند ڪرڻ جو وقت اچي ويو ۽ باليستر اهڙو اشارو ڪيو. مشينون بند ٿي ويون. آهستي آهستي سڀئي ٻاهيون وسائڻ ۽ سامان بنڃڻ تي درست ڪرڻ ڪي لڳي ويا. پوءِ هڪ هڪ ٿي سامان واري ڪمري ۾ وڃڻ لڳا. سعيد پٺتي رهجي ويو ڇو ته هنکي دڪان کي صاف ڪرڻو هو ۽ مٽي جي مٿان پاڻيءَ جو ڇٽڪار ڪرڻو هو. جڏهن وارس ڪمري ۾ داخل ٿيو ته اپوزٽو اڳ ئي ڦوهاري هيٺان اگهاڙو ويهي تڙ ڪري رهيو هو. سندس پٺي هنن ڏانهن هئي ۽ هو زورزور سان صابڻ هڻي رهيو هو. هونئن اڪثر ڪري سڀ هنکي پنهنجي خاص عضون کي ٻين کان لڪائڻ ڪري ۽ پٺي ڏئي وهنجڻ ڪري چيڙائيندا هئا، پر هينئر ڪنهنجي به ذهن ۾ اها ڳالهه نه آئي. اپوزٽو ٽوال ٻڌي ٻاهر نڪري آيو. ٻيا وري واري سان وهنجڻ لڳا. مارڪو تڙ ڪندي پنهنجن اگهاڙن پٺن کي زور سان ڏڪ هڻي رهيو هو ته ايتري ۾ لوهه جي وڏي دروازي ڪلڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو، اوچتو لسال اندر داخل ٿيو.

هنکي ساڳيا صبح وارا ئي ڪپڙا پيل هئا، البت سندس وار ڪجهه پريشان هئا. هن دروازي جي چائنٺ وٽ بيهي خالي دڪان

ڪري ٻڌايائين. ڳالهه پوري ڪرڻ ڪانپوءِ هو هڪ هنڌ چپ ڪري ويٺو رهيو، ۽ سمنڊ ڏانهن نهاريندو رهيو، جتي شفق جي ڳاڙهاڻ ڦهلجي چڪي هئي. هو سوچي رهيو هو ته: جيڪڏهن هو وري جوان ٿي وڃي ۽ فرنانڊ به، ته شايد هو دور نڪري وڃي، سمنڊ جي هن پار.

---

## نفرت

عوام ڏسي ته نٿو سگهي، پر محسوس ضرور ڪري ٿو، عوام قانوني حڪومت ۽ فوجي حڪومت جي وچ ۾ فرق محسوس ڪندو آهي. اهي قانوني حڪومت جي خواهش ڪندا آهن، ۽ فوجي حڪومت کان نفرت.

**— جيمس هيرنگٽن**

## آزادي

آزاديءَ کي ورهائي نٿو سگهجي.

**— ميخائل آءِ. بيڪونن**

## ڊپ

بادشاهه چيو، ”طاقت خراب ڪانهي. ڊپ خراب آهي. شايد ڊپ طاقت کي نقصان رسائي ٿو.

**— جان اسٽائين بيڪ**

Gul Hayat Institute



نصير احمد نالو. ميمڻ ذات. ادبي نالو نصير اعجاز ۱۹۵۴ع ۾ پريا، ضلعي نواب شاهه ۾ ڄائو. ۱۹۷۳ع ۾ انٽرڪامرس پاس ڪئي ائس.

سندس ترجمو ڪيل پهرين ڪهاڻي ’باهه ٻارڻ‘ هڪ بينگالي ڪهاڻي هئي، جنهنجو ليکڪ مشهور بينگالي ڪهاڻيڪار ’شرت چندر چيٽرجي‘ هو. اها ڪهاڻي ڊسمبر ۱۹۷۳ع ۾ ’سهڻي‘ مخزن ۾ ڇپي هئي. ’واپسي‘ سندس ترجمو ڪيل ٻي ڪهاڻي آهي.

Gul Hayat Institute

وليون، پڪل بادام، ۽ گل زنگيءَ جي مدهوش ڪن خوشبوءِ، سڀ هميشه جيان ساڳيا هئا. هن ڊگهو ساهه کنيو ۽ پنهنجي ديس جي خوشبوءِ کي پنهنجي ساهه ۾ سمايائين ۽ دل ئي دل ۾ مشڪيو.

اها گرم موسم هئي، سالن کانوني هن ڪڏهن ڌرتيءَ لاءِ پنهنجي دل ۾ ڪا ڇڪ محسوس نه ڪئي هئي، پر هاڻي هنجي سَنڌ سَنڌ ۾ خوشي سمائجي وئي هئي، خوشگوار هوا چڻ وقت کي تيز ڪري ڇڏيو هو.

هلندي هلندي هن پنهنجي وجود جو شان محسوس ڪيو، ۽ پنهنجي مادي وجود ۾ هجڻ تي سرهو ٿيڻ لڳو، جنهنجي پنهنجي بناوت آهي، حرڪت ۽ عقل آهي ۽ هن ڌرتيءَ تي زنده آهي.

’پاڻي‘ هن سوچيو: هن پاڻيءَ جي وهڻ جو نرم آواز ٻڌو ۽ هنکي گهر جي پاڻيءَ جي لذت ۽ ماتريءَ جو ٿڌڙو پاڻي ياد آيو.

هنکي هاڪي اُڃ لڳي ۽ سوچيائين ته: انکي انهيءَ پاڻيءَ سان اجهائجي، جنهن ۾ زندگيءَ جي ساد گي آهي.

هن هڪ ٻُڍي ماڻهوءَ کي ڏٺو، جيڪو پاڻيءَ جي پکال کنيو بيٺو هو ۽ پوڙن کي پاڻي پٽي ڏنائين.

پاڻيءَ جي پياس هنکي ٻڍي ماڻهوءَ وٽ آندو.

”گُڊ ايوننگ،“ هن چيو، ”چا مان پاڻي پي سگهان ٿو؟“

ٻڍو ماڻهو آهستي مڙيو ۽ تعجب ۽ خوشيءَ وِچان هنجي ڇهري کي گهوري ڏٺائين.

”بلڪل.“ هن چيو ۽ پکال نوجوان جي هٿن ۾ ڏنائين.

”بهترين پاڻيءَ آهي.“ ٻڍي چيو، ’سين جو ڪين‘ ماتريءَ جو هيءُ پاڻي. ’فرسڪو‘ جو پاڻي مونکي بيمار ڪري ڇڏيندو آهي، ان ۾ ڪا لذت ناهي ۽ ’لاس اينجلز‘ جو پاڻي ته بلڪل ’ڪيسٽر آئل‘ جهڙو آهي. آءُ سمجهي نٿو سگهان ته ماڻهو سالن جا سال اتي ڪيئن‌ءَ ٿا گذارين.“

جنهن وقت ٻُڍو ڳالهائي رهيو هو ته هُو پاڻيءَ جي ڦڙن جو آواز ٻڌي رهيو هو، جيڪي پکال مان پاڻيءَ پيئندي ٽيپ ٽيپ

Gul Hayat Institute

هي جڳهه تمام گهڻي پسند آهي، ۽ آءٌ چاهيان ٿو ته ڪو ڏنڊ هٿ ڪري پنهنجي ڳوٺ ۾ ئي رهان.“

هن پنهنجو منهن وري پخال ۾ وڌو ۽ وڏا وڏا ڍُڪ پيري، پخال واپس ٻڍي کي ڏنائين

”تون واقعي اجايل آهين.“ ٻڍي چيو، ”مون هن وقت تائين، هڪ ئي وقت ايترو پاڻي پيئندي ڪنهن ماڻهوءَ کي نه ڏٺو آهي. آءٌ سمجهان ٿو ته، تون هي باقي پاڻي به پي سگهين ٿو.“

هن ورن ’آلو-نِ استريٽ تي هلڻ شروع ڪيو. هن محسوس ڪيو ته ٻڍو هنکي تڪي رهيو هو.

’سنو ٿيو جو واپس آيس.‘ نوجوان سوچيو، ’مون هميشه وڏيون غلطيون ڪيون آهن ۽ هن طرح واپس اچي.....؟‘

هن هميشه جيڪو به ڪم ڪيو، سو غلط ڪيو ۽ هيءَ به هڪ سٺي غلطي هئي.

هي ’سان فرانسسڪو‘ مان آيو هو ۽ جڏهن اتان نڪتو هو ته گهر وڃڻ جو خيال دل ۾ نه هوس. هن ’مرسيڊ‘ وڃڻ جو سوچيو هو ۽ ڪجهه وقت ترسي واپس موٽڻ جو ارادو هوس. پر هو پنهنجي ديس وڃي پهتو هو ۽ اهو ئي هن لاءِ بهتر هو.

شهرن ڪانپوءِ شهر لتاڙيندي، آخر هو پنهنجي ڳوٺ پهتو، جنهنجو پاڻي بهترين هو ۽ راحت بخش هو. ان وقت شام جا ست وڳا هئا ۽ هو شهر جي گهٽين مان لنگهي رهيو هو.

هو ڳوٺ ڪان پري ڪونه هو، شهر ۽ ان ۾ ٺهيل اوچيون عمارتون آسانيءَ سان ڏسي سگهيو ٿي.

ڪجهه اوچيون عمارتون ۽ ’پئسفڪ اينڊ اليڪٽرڪ بلڊنگ‘ رنگين روشنين سان ٻهڪي رهيون هيون.

هڪ ٻي اوچي عمارت هئي، جيڪا هن پهرين نه ڏٺي هئي. ’اها هڪ نئين عمارت آهي.‘ هن سوچيو، ’شايد منهنجي وڃڻ ڪانپوءِ ناهي هوندن.‘

هو ’ فاٽن استريٽ‘ ڏانهن مڙيو ۽ وري ڳوٺ ڏانهن هلڻ

”تون هن وقت تائين ڇا ڪندو رهيو آهين؟“ ٽونيءَ پنهنجي دوست کي ٻيهر ڇيلهه، تي ڏڪ هڻي پڇيو.

”آءٌ ٻاهر ويل هوس.“ هن چيو، ”ماڻهن کي خبر ناهي ته آءٌ ’هتي آهيان. آءٌ مائٽن کي ڏسڻ آيو آهيان، ۽ آءٌ‘ چاهيان ٿو ته پنهنجي پاءُ ’پال‘ سان ملان.“

هو ’ٽونيءَ‘ جي ڳالهين تي مشڪندو اڳتي وڌيو. هن سوچيو ته هاڻي اهڙيون دلچسپ ملاقاتون روز ٿينديون. ۽ ٿي سگهي ٿو ته روز تلاءَ تي ترڻ لاءِ وڃون. جيئن ننڍپڻ ۾ ويندا هئاسون.

جنهن وقت هو دڪانن وٽان لنگهي رهيو هو، هن سوچيو ته ماءُ لاءِ ڪو تحفو وٺي وڃي. معمولي تحفو ڏسي به هوءَ پوڙهي عورت خوش ٿيندي. پر هن وٽ پئسا ٿورا هئا ۽ سڀ سئيون شيون مهانگيون هيون. هن سوچيو ته وري ڪڏهن ڪا شيءِ وٺي وڃي ڏيندس.

هو اپرندي طرف ’تليرا اسٽريٽ‘ ڏانهن مڙيو ۽ پوءِ اتريون پئسفڪ رستو لنگهي ’جي. اسٽريٽ‘ پهتو. ڪجهه منٽن ڪانپوءِ هو پنهنجي گهر وٽ هوندو، ننڍڙي گهر جي دروازي وٽ.

هميشه جيان، پوڙهي عورت، پوڙهو مرد، هنجون ٽي پيئرون ۽ ننڍو پاءُ ’پال‘ انهيءَ ننڍڙي گهر ۾ سادي زندگي گذاريندا هوندا.

هڪ بلاڪ جي مفاصلي تي هن پنهنجو گهر ڏٺو ۽ هنجي دل ٽپا کائڻ لڳي.

اوچتو هن پاڻکي بيمار ۽ خوفزده محسوس ڪيو - هنکي ڪا ڳالهه وسريل محسوس ٿي. اها زندگي جنهن کان هو نفرت ڪندو هو. ڪجهه گنديون ۽ بڇڙيون شيون. پر هو آهستي آهستي اڳتي وڌندو رهيو.

گهر جي چوڌاري ڏنل لوڙهو ڪِري چڪو هو ۽ ڪنهن به ان کي ٺيڪ نه ڪيو هو. اهو گهر هنکي بڇڙو معلوم ٿيڻ لڳو. هنکي تعجب ٿيو ته ڇو هنجا پوڙها والدين هن دوزخ مان نڪري،

Gul Hayat Institute

ڪنهن سٺي محلي ۾. سٺي گهر ۾ نه ٿا رهن.

هن وري گهر کي ڏٺو ۽ اهي سڀ پراڻيون شيون ڏسڻ ۾ آيس، جنڪان هنکي نفرت هئي ۽ هن سوچيو ته: وري واپس موٽي وڃي ۽ اهڙي هنڌ وڃي، جتان هن گهر کي نه ڏسي سگهي.

هن اهي شيون تڏهن محسوس ڪيون هيون، جڏهن هو اڃا ڇوڪرو هو. هنکي سڄي شهر کان ڏاڍي نفرت هئي. سندس گندگي، ماڻهن جي مڪاري ۽ سندن عقل کان خالي دماغ. ۽ هن سوچيو ته هو ڪڏهن به واپس نه ايندو.

'پاڻي' هن سوچيو، 'ها پاڻي بهترين آهي، باقي ٻيون سڀ شيون بيڪار آهن.

هو آهستي آهستي گهر جي اڳيان لنگهيو. ائين پئي نظر آيو، ڄڻ هو اجنبي هو ۽ هن گهر سان ڪو واسطو نه هوس. پر هن محسوس ڪيو ٿي ته اهو هنجو گهر آهي، جنهنجا هن سپنا ڏٺا هئا ۽ جيڏانهن به ويندو هو، گهر جي ياد هنکي اذيت ڏيندي هئي.

هنکي ڊپ هو ته متان گهر مان ڪو ٻاهر اچي هنکي ڏسي نه وٺي. پر هن چاهيو ٿي ته انهن سڀني کي ڏسي، سڀ هنجي نظر ۾ هجن. ايستائين جو هنن جي جسمن جي خوشبوءِ سنگهي سگهي، روسي مضبوط جسمن جي خوشبو.

هن، شهر جي هر شيءِ لاءِ نفرت محسوس ڪئي.

هن هلڻ شروع ڪيو ۽ گهٽيءَ جي ڪنڊ وٽ 'اسٽريٽ لئمپ' جي هيٺان بيهي رهيو. هو گهٻرايل هو ۽ ڪراهت پئي محسوس ڪيائين.

هن چاهيو پئي ته پنهنجي ڀاءُ 'پال' کي ڏسي ۽ ن سان ڳالهائي، هنکان سندس خيال معلوم ڪري ته اهڙي گهر ۾ هن ڪيئن پئي گذاريو. پر هن ڄاتو ٿي ته 'پال' جا ڪهڙا خيال هوندا، ڇو ته جڏهن پاڻ اڃا ڇوڪرو هو ته هنجا خيالات به اهڙا هئا. هن چاهيو ٿي ته 'پال' کي ڪا سٺي صلاح ڏيان ته جيئن هو يڪسانيت ۽ بڇڙائي کان بچي سگهي.

بورچيخاني جي دريءَ ۾ روشني ڏسي هو آهستي آهستي اوڏانهن مڙيو ، انهيءَ اميد تي تہ پنهنجي مائٽن کي ڏسان، پر جيئن هو مونکي نہ ڏسي سگهن.

هن پنهنجي نندي ڀيڻ کي ڏٺو ، جا ٿانو ڌوئي رهي هئي ، هنجي پٺي دريءَ ڏانهن هئي . هن پراڻي ٽيبل ڏٺي، پراڻو اسٽو ڏٺو. ۽ انهن سڀني شيئن هنکي ايترو تہ اداس بنائي ڇڏيو، جو هنجي اکين مان لڙڪ وهي نڪتا. هن سگريٽ پيئڻ جي ضرورت محسوس ڪئي. هن بوٽ جي تري، تي تيلي ٻاري، ۽ سگريٽ دکائي، ڪش هڻڻ لڳو. هن پنهنجي نندي ڀيڻ کي ڏٺو ، جا پراڻي گهر ۾ ويٺي هئي ۽ يڪسانيت جو حصو پئي لڳي. هر شيءَ خاموش پئي لڳي، خطرناڪ حد تائين خاموش ۽ اداس. هن چاهيو پئي تہ هنجي ماءُ اندر اچي تہ انکي ڏسان.

هن سوچيو تہ هنجي ماءُ ۾، سندس وڃڻ ڪانپوءِ ڪهڙي تبديلي ٿي هوندي، هوءَ ڪيئن لڳندي هوندي؟ ڇا، هنجون نظرون ساڳيون ڪاوڙيل هونديون؟

هن محسوس ڪيو تہ هوءَ، هن سان ڪاوڙيل هوندي. ڇو تہ هو هڪ سٺو پٽ ثابت نہ ٿيو هو.

پنهنجي ماءُ کي خوش رکڻ لاءِ، هن ڪجهہ نہ ڪيو هو، پر هن ڄاتو ٿي تہ اهو هن لاءِ ناممڪن هو.

هن پنهنجي پاءُ ، 'پال' کي بورچيخاني ۾ پاڻي پيئڻ لاءِ لاءِ داخل ٿيندي ڏٺو، هڪ لحظي لاءِ هن چاهيو تہ، پال کي نالو وٺي سڏ ڪري . هن ۾ هر شيءَ سٺي هئي. هر ڪنهن لاءِ پيار، جڪو هنجي ڇهري مان، 'پال' لاءِ پئي ظاهر ٿيو، پر هن پاڻکي روڪي ورتو، ۽ هڪ ڊگهو ساهہ کنيائين، ۽ پنهنجا چپ مضبوطيءَ سان ڀڪوڙي ڇڏيائين.

بورچيخاني ۾ 'پال' وسائل، مُنجهيل ۽ قيدي پئي نظر آيو. هن پاءُ ڏانهن نهاريو ۽ درد ۾ ٻڏل آواز ۾ آهستي چيائين، ”آه، جيسس خدا، جيسس، جيسس. هُو گهڻو وقت ماءُ کي

ڏسڻ لاءِ نه ترسيو ۽ اڳتي مان آهستي سان لنگهيو ۽ لوڙها ٽپندو، ماڙيءَ ۾ هليو ويو.

هو دور هلندو ويو.

ڏک هنجي اندر ۾ پيهي ويو هو. جڏهن هو ڪافي پري هليو ويو ته سڏڪا پرڻ شروع ڪيائين.

هنکي پنهنجي مائٽن سان بي انت پيار هو، پر سندن زندگيءَ جي يڪسانيت، گندگي ۽ انهيءَ شهر جي ماڻهن لاءِ هنجي دل ۾ نفرت هئي.

هن گهر کان پري ويندي، پاڻکي خوش محسوس ڪيو.

هو رات جي اونداهيءَ ۾ آهستي آهستي رڙيون ڪري روئڻ لڳو، جو ته اتي هن لاءِ ٻيو ڪجهه نه هو، ڪا مُنجهيل ڳالهه نه هئي.

---


١٩٧۴ع ۾

# سُهڻي پبليڪيشن

جي پاران شايع ٿيندڙ ڪتاب

| | |
|---|---|
| وايون وڻجارن جون... | الطاف شيخ جا نوان سفرناما |
| درد جو شهر | آغا سليم جي ڪهاڻين جو نئون مجموعو |
| اجنبي (OUT SIDER) | البيئر ڪاميو جو جڳ مشهور ناول |
| درد جا ڏيئا، | طارق اشرف جي ڪهاڻين جو |
| درد جون راتيون | نئون مجموعو |
| دل جي دنيا | آمر جليل جي انعام يافته ڪتاب جو ٻيو ايڊيشن |



امتياز حسين نالو، ذات قاضي. ۳۰ ۱۹۵ تي جيڪب آباد ۾ ڄائو. خيام تخلس اٿس.

هن وقت سنڌ يونيورسٽي مان پوليٽيڪل سائنس ۾ ايم. اي ڪري رهيو آهي. ۱۹۶۹ع ۾ سنڌس شعر سه ماهي مهراڻ ۾ ۽ ۱۹۷۰ع ۾ اڳتي قدم ڪتابي سلسلي ۾ شايع ٿيا. ۷۰-۱۹۷۱ع ۾ سينٽ پيٽرڪس ڪاليج (ڪراچي) جي مخزن لاءِ انگريزيءَ ۾ نظم لکيائين. ۽ هاڻ ٻهريون دفعو هيءَ اسپيني ڪهاڻي ترجمو ڪئي اٿس.

Gul Hayat Institute

”پر تون پنهنجي ڳالهين جي اهميت محسوس ڪرين ٿو؟ توکي خبر آهي ته اسين هن خوني، ڌاڙيل ۽ بدمعاش کي پڪڙڻ لاءِ سالن کان ڪوشش ڪري رهيا آهيون، جنهنکي نه ڪوئي سچائي ۽ نه ڪنهن هنکي ڏٺو آهي. توکي خبر آهي ته جابلو علائقي جي مختلف حصن ۾ هو گس ويندڙن کي ڦريندو آهي ۽ پوءِ گوليءَ سان اُڏائي ڇڏيندو آهي، ڇا لاءِ ته سندس چوڻ آهي ته ’مُئل ڪجهه به نه ٻڌائيندا آهن.‘ فقط انهيءَ ئي طريقي سان هو قانون جي گرفت ۾ اچڻ کان بچي ٿو وڃي. توکي خبر آهي ته پيرون ڏسڻ معنيٰ موت؟“

خانه بدوش وري کِليو ۽ چيائين، ”ڇا عاليجناب کي اها خبر ڪانهي ته جيڪو ڪجهه هڪ خانه بدوش ڪري سگهي ٿو، اهو هن ڌرتيءَ تي ڪو انسان نٿو ڪري سگهي. ڪنهنکي خبر آهي ته ڪڏهن اسانجو ڪلڻ ۽ روئڻ حقيقت تي مبني هوندو آهي؟ ڇا عاليجناب هڪ چالاڪ لومڙ کي ايترو سچائي، جيترو اسانکي. مان توهانکي بيهر خاطري ڏياريان ٿو ته، نه فقط مون پيرون کي ڏٺو آهي، پر ان سان ڳالهايو به آهي.“

”ڪٿي؟“

”توزار واري روڊ تي.“

”مونکي انجو ثبوت ڏي.“

”ته عاليجناب، هفتو کن اڳ ۾ صبح جو آءٌ پنهنجي گڏهه سميت هڪ ڌاڙيلن جي ٽوليءَ جي گهيري ۾ اچي ويس. انهن مونکي قابو ڪري ڪٺي ٻڌو ۽ ڪجهه منجهائيندڙ جابلو ورن مان وٺي هڪ ميدان تي آندو، جتي اڳي ئي ڪجهه ڌاڙيل خيمه زن هئا. هڪ پوائنتو شڪ منهنجي ذهن کي جنجهوڙڻ لڳو ۽ پاڻ کان پڇڻ لڳس ته ڇا اهي پيرون جا ماڻهو ٿي سگهن ٿا. جيڪر ائين آهي ته پوءِ بچڻ جي ڪا اميد ڪانهي، ڇو ته هن ابليس اِهو عهد ڪري ڇڏيو آهي ته اهي اکيون، جن هڪ دفعو ڪيس ڏٺو آهي، سي بيهر ڪنهنکي ڏسي نه سگهنديون.“

Gul Hayat Institute

ٿو ڪريان.' 'تون باور ڪندين ته مان گذريل ڇهن سٺن سالن ۾ اڄ پهريون پيرو ڪليو آهيان. حقيقت اها آهي ته آءٌ رُنو به نه آهيان. 'نيڪ آ، اڳتي ڇئو. چوڪرؤ، 'پيرون جي ائين چوڻ جي دير هئي ۽ مان اڪ ڇنب ۾ بندوقن جي گهيري ۾ اچي ويس. 'سائين، مون تي رحم ڪريو.' مون رڙيون ڪرڻ شروع ڪيون.

""ترسو.' پيرون رڙ ڪئي، 'اسان اڄا انهيءَ لاءِ تيار نه آهيون. مون توهانکي انهيءَ لاءِ سڏ ڪيو آهي، ته توهان هن ماڻهوءَ کان ڇا ڦريو؟'

""هڪ گڏهه، جنهن تي هڪ ڪل ڪانسواءِ ڪجهه نه هو.'"

""ڪجهه پئسا؟'

""تي دروس ۽ سٽر رئيلس.'

""هاڻي اسانکي اڪيلو ڇڏي ڏيو' ۽ هو سڀ هليا ويا.

"" هاڻي مونکي پنهنجي قسمت ٻڌاءِ' ڏاڙيل پنهنجو هٿ ڏيکاريندي چيو. مون هنکي جهليو ۽ ٿوريءَ دير لاءِ سوچڻ لڳس. مونکي محسوس ٿيو ته هاڻي آءُ ساڻس ٻي تڪلفي سان ڳالهائي سگهيس ٿي، تنهنڪري مون هنکي تمام سنجيدگيءَ سان چيو، 'پيرون دير بدير، تون منهنجي زندگي ختم ڪرين يا بخشين، پر نيٺ تنهنجو سِر آڏيءَ تي ايندو.'

""مونکي اها اڳ ۾ ئي خبر آهي.' ڏاڙيل انتهائي سڪون سان وراڻيو.

""مونکي اهو ٻڌاءِ ته ڪڏهن؟'

"انڪانپوءِ مون پنهنجي مُنهن سوچيو ته، هي ماڻهو مونکي آزاد ڪندو، سپاهي مان گرينيڊا پهچندس ۽ اطلاع ڪندس، انڪان اڳئين ڏينهن تي هو هنکي قابو ڪندا، تنهن ڪانپوءِ ڪيس شروع ٿيندو.'

""تون مونکان پڇين ٿو ته ڪڏهن' مون زور سان چيو، 'ته پوءِ چڱيءَ طرح ياد رک، اهو ايندڙ مهيني ۾ ٿيندو.'

"پيرون ٿورو ڏڪيو ۽ ان سان گڏ آءٌ به ڊنس ته نجومي ٿيڻ

هئا ۽ هڪ وڻ سان ٻڌي ڇڏيندا هئا، ڇاڪاڻ جو اندر غار جي گرميءَ ۾ منهنجو ساهه پئي مُنجهيو. ان ڇوڻ جي ضرورت ڪانهي ته پهريدارن جو هڪ جوڙو منهنجي پاسي ۾ رهندو هو.

”هڪ پيري، شام جو ڇهين وڳي، پيرون جي دست راست جي حڪم سان ’ڊيوٽيءَ‘ تي ويل ڏاڙيل موٽيا ته ڇاليهه - پنجاهه سالن جي عمر جو هڪ بدحال هاري وٺيو آيا، جنهنجا هٿ ٻڌل هئا ۽ هو دل ڏاريندڙ آواز ۾ روئي رهيو هو. مونکي پنهنجا ڏُروس واپس ڏيو.‘ هن چيو: ’ڇا توهانکي اِها خبر آهي ته، مونکي هي ڪمائڻ لاءِ ڇا نه ڪرڻو پيو آهي. سڄو اونهارو اُس ۾ فصل جي لُٽائي. هڪ سڄو اونهارو پنهنجي زال ۽ ٻارن ڪان پري. مون اهو سڄو پئسو سخت محنت ۽ پاڻڪي بکئي ۽ ڏکئي رکڻ سان ڪٺو ڪيو آهي ته جيئن مان هي سيارو آرام سان گذاري سگهان ته جيئن گهر پهچندي ئي مان پنهنجن ٻارن سان ڀاڪر پايان ۽ جيڪي به هُنن غربت ۽ افلاس سبب قرض طور ورتو آهي، انجي ادائيگي ڪريان. اها ڳالهه نهي نٿي ته مان اهي سڀ پئسا اُئين وڃايان، جيڪي منهنجي لاءِ قسمت آهن. خدا جي واسطي مونتي رحم ڪريو. مونکي پنهنجا ويهه دروس موٽائي ڏيو.‘

”هڪ طنزيه کِل، پوڙهي جي آزين جو جواب ڏنو. آءٌ وڻ سان ٻڌل خوف ڪان ڏڪي ويس. ’خانه بدوش به پنهنجن گهرن وارا ٿيندا آهن.‘

”’بيوقوف نه ٿي.‘ هاريءَ ڏي ويندي هڪ ڏاڙيل آخرڪار چيو، ’تون پئسن جو ويچار ڪري هڪ وڏي غلطي ڪري رهيو آهين. حالانڪ ڪه اهم مسئلا تنهنجي دماغ ۾ هجڻ کپن.‘

”’ڇا.‘ هاريءَ چيو، جيڪو اِنڪان وڌيڪ بدقسمتيءَ جو سوچي ئي نه پئي سگهيو ته سندس ٻار بکيا رهندا.

”’تون پيرون جي هٿن ۾ آهين.‘

”’پيرون؟ مان ’هنکي نٿو سڃاڻان‘ ’هنجو نالو ڪڏهن به نه ٻڌو اٿم مان تمام پري جو آهيان، مان ايليڪينٽ جو آهيان ۽

سيول ۾ ڪڙمت ڪئي اٿم.'
''پر، منهنجا دوست، پيرون معنيٰ موت. جيڪو به اسانجي هٿن ۾ اچي ٿو، سو حياتيءَ تان هٿ کڻي ڇڏيندو آهي، تنهڪري پنهنجي ڪا وصيت هجيئي ته بن منٽن ۾ ظاهر ڪر ۽ بن وڌيڪ منٽن ۾، هن جهان کي ڇڏڻ لاءِ سانباها ڪر. تيار ٿي. تو کي چار منٽ آهن.'
''مان اِنهن کي چڱيءَ طرح استعمال ڪندس. خدا جي واسطي ٻڌو.'
''چئو.'
''مونکي ڇهه ٻار آهن ۽ هڪ بدقسمت - جنهنکي مان بيواهه ڇوندس، ان لاءِ جو مونکي مرڻو آهي. ڇاڪاڻ جو مان اوهانجي اکين ۾ پڙهان پيو، ته اوهان جهنگلي جانورن کان به بدتر آهيو — ها بدتر — ڇاڪاڻ جو ساڳئي نسل جا جانور هڪٻئي کي به نه ماريندا آهن. اوهه! معاف ڪجو، مونکي خبر ناهي ته مان ڇا پيو چوان. اوهان پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ڏسو ته توهان مان به ڪو پيءُ هوندو. ڇا توهان مان ڪو پيءُ ڪونهي؟ توهانکي خبر آهي ته ٻچن جو سڄو سيارو بک مرڻ ڇا معنيٰ ٿو رکي. توهانکي خبر آهي ته هڪ ماءُ تي پنهنجي رت کي مرندي ۽ رڙندي 'مان بکيو آهيان، مونکي سيءُ ٿو لڳي' ڪهڙو اثر ڪندو. مان هنن کان سواءِ رهڻ نٿو چاهيان ڇاڪاڻ ته پوءِ زندگي مون لاءِ ڇا هوندي؟ — هڪ زنجير، مجبوري ۽ بيوسيءَ جي. پر مونکي زنده رهڻو آهي، پنهنجن ٻارن لاءِ. او منهنجي اولاد، منهنجي دل دل جا ٽُڪرا.'
''آهو پوڙهو ڪجهه فاصلي تائين زمين تي رڙهيو ۽ پوءِ پنهنجو چهرو ڊاڙيلن ڏي ڪيائين. سندس چهرو اُنهن اوليائن مان هڪ جو پئي لڳو، جنکي نيرو بادشاهه شينهن اڳيان اڇلايو هو. جيئن پادري چوندا آهن.
'' ڊاڙيلن ڪا شيءِ پنهنجي سيني ۾ سُرندي محسوس ڪئي، هڪ ٻئي کي ڏنائون، ۽ اهو محسوس ڪندي ته سڀ هڪ ئي فيصلي

ڪيو ـــ توکي پنهنجا ويهه ڏوروس ملي ويا.'

"هاري وري پيرون جا پير چمڻ لڳو ۽ خوشيءَ منجهان روانو ٿيو. پر مشڪل سان پنجاهه قدم مس هليو هوندو، جو هنجي محسن ڪيس سڏيو ۽ هُو غريب ماڻهو تڪو واپس ورڻ لڳو.

"'ڇا حڪم آهي؟' هاريءَ ڏاڍي ادب سان پڇيو ته جيئن هو ان ماڻهوءَ جي خدمت ڪري، جنهن سندس ڪٽنب کي خوشي موٽائي ڏني هئي.

"'تون پيرون کي سڃاڻين؟' ڪانئس پڇا ڪئي ويئي.

"'مان ڪيس نه سڃاڻان.'

"'تون غلطيءَ تي آهين. پيرون آءٌ ئي آهيان.'

"هاريءَ کي ڪجهه سمجهه ۾ نه پئي آيو.

"پيرون پنهنجي بندوق مٿي ڪئي ۽ بيئي ناليون هُن تي خالي ڪيائين، هو زمين تي ڪري پيو.

"'توتي لعنت هجي.' اهي هاريءَ جا آخري لفظ هئا.

"انتهائي خوف ۾ مون محسوس ڪيو ته منهنجو وڻ ٿورو لڏيو ۽ سمجهيم ته رسيءَ جون ڳنڍيون ڍليون ٿي ويون، ڇاڪاڻ ته هاري کي زخمي ڪرڻ وارن ڇيرن مان هڪ مونکي قابو جهليندڙ رسيءَ کي لڳو، ۽ انکي ڪٽي وڌائين. مون اها حقيقت لڪائي ته مان آزاد ٿي ويو آهيان ۽ فرار ٿيڻ لاءِ مناسب موقعي جو منتظر رهيس. ان دوران پيرون، هاريءَ ڏي اشارو ڪندي ماڻهن کي چيو، هائي توهان اِنهيءَ کي لٽي سگهو ٿا. بيوقوفن جا گروهه، اوهان اِنهيءَ ماڻهو کي آزاد ڪيو ته جيئن هُو سرِراه اسان ماڻهن کي گهٽ وڌ ڳالهائيندو وتي. قسمت سان آءٌ ئي هن سان مليس ۽ سمجهيم ته ڇا وهيو واپريو آهي، جيڪر هي سپاهين کي ملي ها ته انهن کي به اهڙيءَ طرح هنن ٽنهين جو رستو ڏيکاري ها، جهڙيءَ طرح هن مونکي ڏيکاريو ۽ هن وقت اسان سڀ جيل ۾ هجون ها. ڏسو، ڇا حشر ٿو ٿئي نه مارڻ ۽ فقط لٽڻ جو، صرف مخبري. دفن ڪيو هنجي لاش کي، انکان اڳ جو اها سڙي وڃي.'

Gul Hayat Institute

”جيستائين ڏاڙيل هُنجي قبر کوٽيندا رهيا، پيرون پنهنجي پُٺي موڏانهن ڪري ويٺو رهيو. آهستي آهستي مان وڻ ڪان رڙهيس ۽ هڪ ويجهي دري، ۾ گهڙي ويس. رات پڄي چڪي هئي، ۽ اونداهيءَ جو فائدو وٺي پڄي نڪتس. تارن جي روشنيءَ ۾ مون پنهنجو گڏهه لڌو، جيڪو هڪ وڻ سان ٻڌل، چري رهيو هو. آءٌ انتي سوار ٿيس ۽ هتي ڀڄڻ ڪان اڳ ڪٿي به نه رُڪيس، تنهنڪري عاليجناب. مونکي پنهنجا هڪ هزار ريئلس ڏيو ته جيئن مان توهانکي پيرون جي رستي تي لڳائي سگهان، جنهن منهنجا سادا ٽي ڏُروس ڦپايا آهن.“

خانه بدوش، ڏاڙيلن جي جٿي جي تفصيل ڏيئي پنهنجو انعام ورتو ۽ ڪئپٽن جي آفيس مان روانو ٿيو. اهو اڃا ڏسڻو آهي ته، آيا هيريديا، پيرون جي قسمت جو صحيح اندازو لڳايو هو، جيڪا هن ڪيس ٻڌائي هئي.

مٿي ٻڌايل واقعي کان پندرهن ڏينهن پوءِ، صبح جو اٽڪل نائين وڳي واندن ماڻهن جي هڪ مجموعي، سين جُئان ڊي ڊيوس ۽ سين فيلپ گهٽين ۾، سپاهين جي ٻن ڪمپنين کي صف آرا ٿيندي پئي ڏٺو. اٽڪل اڌ ڪلاڪ کانپوءِ اهي پيرون جي تلاش ۾ نڪرڻيون هيون، جنهنجي نڪاٽي ۽ دوستن جي باري ۾ ڪئپٽن جنرل کين اڳ ۾ ئي تفصيلات ڏنا هئا. ناظرين جي دلچسپي ۽ تجسس غير معمولي هو ۽ سپاهين جو وقار به ڪنهن لحاظ کان گهٽ نه هو، جنهن سان هو اهڙي اهم مهم تي نڪرڻ کان اڳ ۾ پنهنجن دوستن ۽ گهرن وارن سان موڪلائي رهيا هئا. اهو هو پيرون جو ڏهڪاءُ، ان ننڍي گرينيڊا جي بادشاهيءَ ۾.

”لڳي ٿو ته اسان هينئر اُسهڻ وارا آهيون.“ هڪ سپاهيءَ پئي کي چيو، ”پر مونکي سپاهي لوپيز نظر نه پيو اچي.“

”واقعي اهو عجيب آهي، ڇاڪاڻ جو هو هميشه اتي ضرور موجود هوندو جتي پيرون کي پڪڙڻ جي ڳالهه هوندي. هو انکان تمام گهڻي نفرت ڪندو آهي. توهانکي خبر ڪونهي ته ڇا پيش اچي چڪو



اڪرام حسين نالو، قاضي ذات. ١٩٥٠ع تي خيرپور ميرس ۾ ڄائو.

هن وقت سنڌ يونيورسٽيءَ جي انجنيئرنگ ڪاليج ۾، مڪينيڪل ۾، آخري سال جو شاگرد آهي.

سندس پهرين ڪهاڻي ’چڪر‘ ١٩٦٦-٦٧ع ۾ پيٽارو ڪاليج جي مخزن ۾ ڇپي. ٻي ڪهاڻي ’آڱريون‘ ١٩٦٨ع ۾، پبلڪ اسڪول جي مخزن ۾ ڇپي. تنهنکان علاوه ڪجھ مضمون انگريزيءَ ۾ پڻ لکيا اٿس، جيڪي اڃان اڻ ڇپيل آهن.

آڪٽوبر ١٩٧٣ع جي ’سهڻيءَ‘ ۾ سندس ترجمو ڪيل پهرين سائنسي ڪهاڻي ’طويل رات‘ شايع ٿي. هن دفعي سهڻيءَ جي خاص نمبر لاءِ، انگريزيءَ تان چار ڪهاڻيون ترجمو ڪيائين، پر جاءِ نه هجڻ سبب فقط هڪ ڪهاڻي ’شمشاد باڏي جو قتل‘ شايع ٿي سگهي آهي.

Gul Hayat Institute

## ڪي. ايل. گابا
سنڌيڪار: اڪرام حسين قاضي

# شمشاد بائيءَ جو قتل

قتل گهڻن ئي سببن جي ڪري اهميت وارو هوندو آهي. مخصوص طريقا. غير معمولي طريقا. ڳُجهه وارا ... يا ته وري اهي اُپاءُ ۽ طريقا جيڪي قتل ڪرڻ لاءِ اختيار ڪيا ويندا آهن. ڪجهه قتل جون وارداتون خاص ڪري انڪري عوام ۾ مشهور ٿي وينديون آهن، جو مقتول هڪ وڏو ماڻهو هوندو آهي، يا ته وري جيڪو قاتل هوندو آهي، اُهو هڪ اهم شخصيت هوندو آهي.

لاهور جي بازار حسن ۾ نچندڙ هڪ ارڙهن سالن جي خوبصورت ڇوڪريءَ شماد جو قتل ۽ انجو داستان ڇهن مهين تائين پريس جي ڪاغذن ۾ گم ٿي ويو، جيستائينڪ انجو ڪيس ڪورٽ ۾ شروع ٿي.

هن قتل جي غير معمول واقعي کي ڪيئن عوام جي نظرن کان لڪايو ويو، اهو خود هڪ داستان آهي. هڪ دولتمند زميندار کي قانون جي پڪڙ کان بچائڻ لاءِ بي انداز دولت خرچ ڪئي وئي، پر ڳالهه نهڻ جي بدران ماڳهين خراب ٿي پئي.

جڏهن قانوندانن ان ڳالهه کي کولي ۽ صاف نموني بيان ڪيو، ته ائين پيو لڳو، ڇڻ ته قتل ۾ ڪوبه راز ڪونه هو. ان ۾ شڪ ڪونه هو، ته قتل داب ڪلان جي نواب محمد نواز خان ڪيو هو، پوءِ الائي خاموشيءَ سان يا ڪنهن جدوجهد ڪانپوءِ ....؟ ٻي لحاظ کان انکي قتل نه پيو چئي سگهجي، ڇو جو قاتل خود بيان ڏيندي چيو ته: هن شمشاد سان شادي ڪرڻ چاهيو پئي ۽ ڪيس مارڻ جو ڪوبه سبب ڪونه هو. هن ڪيس قتل ڪيو يا نه، پر قتل جو ڊراماڻي انداز اهو هو، ته هو لاش سان گڏ پورا ڏهه ڪلاڪ

ستو پيو هو. انکان به وڌيڪ عجيب اها ڳالهه هئي، ته جج، پوليس يا ڪنهن به ٻي تفتيش ڪرڻ واري ڪانئس اهو نه پڇيو ته هو پورا ڏهه ڪلاڪ هڪ مرده جسم وٽ ڇو رهيو.

جڏهن محمد نواز خان ڏوهاري ثابت ٿيو ته پريس، جيڪا هن وقت تائين خاموش هئي، هڪدم زميندارن جي خلاف لهي آئي. پوءِ هن ڪيس ۾، ڏاڍي دلچسپي پيدا ٿي وئي، هر جاءِ تي، ڪلبن ۾، ماڻهن جي ميڙ ۾ اها ڳالهه موضوع بحث هئي. هڪ اهم شخصيت، جيڪا پنهنجو پاڻکي وڏو ثابت ڪرائڻ چاهيندي هئي. محمد نواز خان جي ڏوهه قبول ڪرڻ کانپوءِ اهو اعلان ڪيو ويو ته: سيشن جج غلط فيصلو ڏنو آهي. اهو اعلان هن رڪارڊ يا ڪارروائي ڏسي ڪونه ڪيو هو، پر قاتل ڪندڙ ڏُر جي هڪ شاندار ماني کائڻ کانپوءِ ڪيو هو (هنجي لاءِ اهو واقعي صحيح هو.) انکان اڳ جو ڳالهه جو پورو فيصلو ٿئي، محمد نواز خان جيري جي تڪليف ڪري اسپتال ۾ گذاري ويو. اهو خيال ڪيو ٿو وڃي ته سندس مرڻ جي ڪري گهڻن ماڻهن کي نا اُميدي ٿي. ڇو جو هو ان واقعي مان پئسا حاصل ڪرڻ جي خيال ۾ هئا. محمد نواز خان ان ڪيس جي شروع ۾ بي انداز پئسا خرچ ڪيا ۽ اهو افواهه اڏايو ته هو پنهنجي فائدي ۾ اپيل لاءِ تمام گهڻا پئسا ڏيڻ لاءِ تيار هو. اها ڳالهه صحيح هئي يا غلط، انجي حقيقت ڄاڻڻ کان اڳ ئي هو لاهور جي ميو اسپتال ۾، ۳۱ ورهن جي عمر ۾ گذاري ويو. هنجي زندگيءَ جو آخري تجربو اهو هو ته: 'دولت هر شيءِ کي خريد نه ٿي ڪري سگهي.'

نوب محمد نواز خان ۱۹۱۱ع ڌاري جهنگ ضلعي ۾ پيدا ٿيو، هنجو پيءُ نوب مهر حق نواز خان هنجي ڄمڻ جي ڪجهه سالن کانپوءِ گذاري ويو. هنکي ٻه ڀائر هيون.

محمد نواز کي پنهنجي سڳي ماءُ ۽ ماٽيلي ماءُ ٻنهي جو پورو پيار هو. اسڪول ۾ به ڪامياب ثابت ٿيو. هنجي سڪيا هڪ

هن پنهنجي دولت جو گهڻو حصو ڳائڻ وارن نچڻين تي خرچ ڪيو. اهي ماڻهو جيڪي ڪنهن ضرورت هيٺ پئسن لاءِ هن وٽ ايندا هئا، انهن کي به هو تمام گهڻو ڏيندو هو. اهو چوندي ته، ”ڪٿي وڃ .... هي مون وٽ ڪيستائين رهندي، ٿي سگهي ٿو توکي انهن جي ضرورت پوي.“

مون محمد نواز کي آخري دفعو لاهور ۾ هڪ هوٽل ۾ ڏٺو. انجي ٿورن ڏينهن کانپوءِ اهو عظيم حادثو ٿيو، جنهن هنجي زندگيءَ جو خاتمو آندو. جيئن ئي محمد نواز هوٽل ۾ گهڙيو، سڀ بئرا ۽ ٻيا ڪم ڪندڙ ماڻهو ڏانهنس خدمت لاءِ ڀڄا. هن اتي ويهي شراب پيتو ۽ فراخدليءَ سان هر انهيءَ ماڻهوءَ کي به دعوت ڏني، جيڪو سندس سڃاڻو هو.

۱۹۳۶ع ۾ هن پنهنجي زال کي طلاق ڏني ۽ ٻي شادي ڪئي هنجي ٻي زال به دنيا ۾ گهڻو عرصو ڪونه رهي.

جڏهن ٻي جنگ عظيم شروع ٿي ته هيءُ به فوج ۾ ڀرتي ٿيو. هنکي اُن حصي ۾ رکيو ويو، جيڪو فوجي سپاهي ۽ آفيسر ڀرتي ڪندو هو. اِن نئين ڪم ۾ هنکي ڏاڍو مزو آيو. اِها شئي ڏاڍي مزيدار هئي.... عورت ۽ شراب کان مختلف! هنکي اها اُميد هئي ته هيءَ نئين زندگي ڪيس تباهيءَ کان بچائي وٺندي. ڪوبه ماڻهو پنهنجي زندگيءَ ۾ زهر وجهي اها اميد نٿو رکي سگهي ته هو زندگي اطمينان سان گذاري سگهندو. اِهائي حالت محمد نواز سان لاڳو هئي. ڪيس اِها خبر هئي ته جسماني طرح هو بلڪل ختم هو. ڊاڪٽرن ۽ حڪيمن سندس علاج ۾ دلچسپي وٺڻ ڇڏي ڏني هئي.

محمد نواز ۲۳- آڪٽوبر، ۱۹۴۱ تي لاهور ۾ آيو ۽ فليٽيز هوٽل ۾ ترسيو. لاهور ۾ پنهنجي رهڻ واري وقت ۾ هنجي ملاقات ۱۵ سالن جي جوان ۽ خوبصورت نچڻيءَ شمشاد بائي سان ٿي. هوءَ هن وٽ هوٽل ۾ ايندي هئي. شمشاد بائيءَ هن سان ڇهين نومبر واري رات گذاري ۽ هُو، اُن مان ايڏو خوش ٿيو جو هڪدم ڪيس ۱۷۰۰ رپيا ڏنائين ۽ ڪوٺ خانبهادر گڙهم هلڻ جي دعوت به ڏنائين.

اُن جي ٻئي ڏينهن محمد نواز، شمشاد، سندس ڀاءُ طالب حسين ۽ ٻه نوڪر گڏجي ملتان جي لاءِ شام واري ريل ۾ روانا ٿيا. نوڪرن ڪانسواءِ، سڀني پهرين درجي ۾ سفر ڪيو. جڏهن ريل نومبر جي اٺين تاريخ صبح جو ڇئين وڳي خانيوال وٽ پهتي، ته محمدنواز طبيعت جي خرابيءَ جي شڪايت ڪئي ۽ فيصلو ڪيو ته جهنگ وڃجي. آخر سڀني ريل مٽائي ۽ صبح جو ساڍي يارهين وڳي جهنگ پهتا.

محمد نواز جي آجيان پنهنجي خانداني گهر ۾ سندس همراهي محمد نواز ڪئي. جڏهن سڀ ماڻهو لاهور کان پهتا ته هي ماڻهو گهر کان ٻاهر لڳل تنبوءَ ۾ هليو ويو. (سهولت لاءِ اسان ڪيس محمد نواز پيو چئون ٿا.)

محمد نواز ۽ شمشاد ٻائي، اطلاعن موجب شام جو پنجين وڳي تائين ڊرائنگ روم ۾ هئا. اُن وقت محمد نواز ڪي آرام جي طلب ٿي، هو ۽ شمشاد ٻائي سمهڻ لاءِ ڪمري ڏي ويا. محمد نواز رات جي ماني پنهنجي ڪمري ۾ ڪاڌي. رات جو ڏهين وڳي ڌاري هُن سڀني نوڪرن کي موڪل ڏني. اُنهن ۾ محمد حسين پڻ شامل هو، جيڪو پنهنجي مالڪ سان گڏ لاهور وڃي پوءِ واپس موٽيو هو. محمد حسين پوءِ پنهنجي ڪوارٽر ۾، جيڪو بنگلي جي اُتر اولهه واري ڪنڊ تي هو، آرام ڪرڻ لاءِ ويو. گهر جي ٻاهرين پٽ اٽ فوٽ اوچي هُئي ۽ ڪيس هڪ دروازو هو.

جيئن اِهو واقعو پوءِ ٻڌايو ويو ته ڪمن نوڪر، جيڪو ٻورچيخاني جي پرسان سُتل هو. ڪنهن آواز جي ڪري رات جو جاڳي پيو. "محمد حسين کي سڏيو.... محمد حسين کي سڏيو....!" مالڪ جو گهر اندران آواز اچي رهيو هو. محمد حسين ۽ ٻيا نوڪر پنهنجي مالڪ جي ڪمري ڏانهن ڀڳا. محمد حسين ڏٺو ته سندس مالڪ ۽ شمشاد هڪ پلنگ تي سُتل آهن. وهاڻي تي رت لڳل هو ۽ فرش تي هڪ پستول پيو هو. محمد حسين ٻڌايو ته هُن اِهو سڀ ڪجهه هلڪي روشنيءَ ۾ ڏٺو. محمد نواز پيو ڪمري اندر

ڪونه گهڙيو ۽ محمد حسين کي چيائين ته: هڪ قانوني مشير منوهرلال کي سڏ ڪري.

جڏهن منوهرلال پهتو ته هُن حيرت سان نواب ڪان دريءَ مان ئي سوال پڇيا. جنهن صرف اِهو ٻڌايو ته: هوءَ مري وئي آهي.

منوهر لال، محمد نواز پيو، ۽ محمد حسين پوءِ هڪ ميجسٽريٽ ڏي ويا. اُتان وري ايس پي کي ڪٺي ڊپٽي ڪمشنر جي گهر ويا. هنن سڀني آفيسرن جو پاڻ ۾ گڏ ٿيڻ جو سبب اِهو هو ته ڳالهه هڪ وڏي مشهور شخص جي هُئي ۽ هُو اُن ڳالهه کي اُتي ئي ختم ڪرڻ چاهين پيا، پر ائين ٿيو ڪونه. پوءِ سڀ گڏجي پوليس اسٽيشن ويا، جتي ايف آءِ آر لکي وئي. پوليس جي رڪارڊ موجب اُها رپورٽ ٨ نومبر ١٩٤١ع جي صبح جو ساڍي ٽين لکرائي وئي. رپورٽ ۾ اِهو لکيل هو ته لالا منوهولال، نواب محمد نواز جي بنگلي ڏي ويو ۽ ٻاهران ڪانئس پڇيائين ته: ’ڇا ڳالهه آهي؟‘ محمد نواز کيس اطلاع ڏنو ته: شمشاد مري چُڪي آهي ۽ ٻي ڪابه ڳالهه ڪونه ڪيائين. رپورٽ ۾ اِهو به لکيل هو ته محمد نواز اڃا تائين شمشاد جي لاش جي پرسان ستو پيو هو.

پوليس سب انسپيڪٽر علي حسين، سڀني ماڻهن جا بيان قلمبند ڪرڻ ڪانپوءِ اُنهن سان گڏ صبح جو پنج وڳي پنڌرهن منٽن تي واردات واري جاءِ تي پهتو. هُن ڏٺو ته محمد نواز اڃا تائين شمشاد بائي سان گڏ بستري تي پيو هو. ڇت ۾ لڳل بلب جي هلڪي روشني ڪمري لاءِ ناڪافي هُئي. انسپيڪٽر پستول کڻي اُن جي ناليءَ کي سونگهيو ته خبر پئي ته اُن مان تازو فائر ڪيل هُئا. جڏهن اُن کي کوليو ويو ته اُن مان چار سڄا ۽ ٻه هلايل ڪارتوس نڪتا. هڪ ٻريل رائفل به بخاري جي پرسان اُٻي تي رکي هئي، ۽ هڪ ٻيو ٻريل پستول به سوٽ ڪيس مان لڌو. بستري جي سيرانديءَ ڪان به ميزون گڏ ملائي رکيون ويون هُيون. پوليس جي اچڻ ڪري محمد نواز جي حالت ۾ ڪابه تبديلي ڪونه ٿي ۽ هُو اڃا اُتي سُتل هو. صبح جو ڇهين وڳي، غلام حيدر،

پوليس جو ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ جڏهن اُن جاءِ تي پهتو تہ بہ محمدنواز سٽل هو. جڏهن ڪمري جو غور سان جائزو ورتو ويو تہ اِها ڳالهہ ظاهر ٿي تہ پستول کي ٻہ دفعا هلايو ويو آهي. شمشاد جنهن بستري تي سٽل هئي، اُن جي پاسي کان ڇهہ فوٽ ٽي انچ مٿي ڀت تـي هڪ گوليءَ جو نشان هو. ڪمري جي ٻئي پاسي دريءَ جي پرسان بيگ جي پويان پستول جو هڪ خالي ڪارتوس بہ مليو. ٻي گوليءَ جو ڪوبہ نشان ڪونہ هو.

صبح جو ساڍي انين وڳي، جڳن ناٿ، هڪ فوٽو گرافر، سڄي جاءِ جا فوٽا ڪيڻ آيو. ظاهر آهي سڀ کان اڳ هُن 'روميو' جي پرسان سٽل 'جيوليٽ' جو فوٽو ڪيو.

محمد شفيع، فرسٽ ڪلاس ميجسٽريٽ، صبح جـو نائين وڳي واردات واري جاءِ تي پهتو ۽ سيني جا بيان قلمبند ڪيائين. آخرڪار نواب محمد نواز ڏهين وڳي صبح جو مَس مَس هندَ تان اُٿيو. هن پنهنجو ڪوبہ بيان ڪونہ ڏنو. هُن وٽان ڪيسي مان پنجويهہ هزار رپيا نڪتا. محمد نواز کي اُنهيءَ ڏينهن شمشاد بائي جي قتل جـي الزام ۾ گرفتار ڪيو ويـو ۽ ڪيس لاڪپ ۾ اُماڻيو ويو. جيل ۾ بہ هنکي سڀ سهولتون مهيا ڪري ڏنيون ويون. هُو جيل ۾ ٽـي هفتا رهيو ۽ انـڪانپوءِ ڪيس جهنگ جـي سيشن جج ضمانت تي آزاد ڪيو، پـر پـوءِ وري هائـي ڪورٽ ڏي معاملو موڪليو ويو تہ جيئن سندس ضمانت رد ٿئي. هائي ڪورٽ ضمانت رد ڪئي، پر ڪيس پنهنجي جسمانـي ڪمزوريءَ سبب اسپتال ۾ رکيو ويو. انڪانپوءِ محمد نواز جيل ڪونہ ويو. ١٢ فيبروريءَ ١٩٤٢ع تي محمد نواز کي ڪورٽ آندو ويو. ڏوهاريءَ جي شهرت کي ڌيان ۾ رکندي، ۽ اهو ڏسندي، تہ هو شاهد خريد نہ ڪري وٺي، هنجو ڪيس لاهور ۾ هلايو ويو. محمد نواز تي شمشاد جي قتل جو الزام هو.

لاهور ۾ سيشن جج ڊي فالشا، هن ڪيس کي هلايو. هنجي

واقعو:

— ”محمد نواز پيو، جنهنجي پيءُ جو نالو ذوالفقار هو، نواب جو سوٽ آهي. هو گهر جي اندر رهيل هو. اسانجي پهچڻ تي هنکي گهر جي اندر هڪ تنبو هڻي ڏنو ويو، ته هو اتي رهي. اتي هميشه وانگر پيا ٻه نوڪر موجود هئا. مان پنهنجو ڪم ڪندو رهيس ۽ ان وچ ۾ مون ڏٺو ته مالڪ ۽ شمشاد ڊرائنگ روم ۾ ويٺا هئا. پنجين وڳي شام جو پٺي اتي سمهڻ واري ڪمري ۾ هليا ويا. رات جو ڏهين ڏاري مالڪ سيني نوڪرن کي موڪل ڏئي ڇڏي. مان پنهنجي ڪوارٽر ڏانهن هليو ويس. گمن بورچي، شايد بورچيخاني ۾ وڃي سُتو. دالسنگهه چوڪيدار ڊيوٽيءَ تي ويٺو هو. شمشاد جو پاءُ طالب حسين چوڪيدار جي پر ۾ سُتل هو. اڌيءَ رات ڌاري گمن مونوٽ آيو ۽ چيائين ته: مالڪ توکي سڏي ٿو. اڃان مان اوڏانهن وڃڻ جي تياري ڪري رهيو هوس ته دالسنگهه چوڪيدار به ساڳيو پيغام کڻي مونوٽ آيو. اڃا اسان ٻاهرئي نڪتا هئاسين ته مون گوليءَ جو آواز ٻڌو. مان هڪدم سمهڻ جي ڪمري ۾ غسلخاني جي در کان گهڙيس، جيڪو بند هو، پر انجو ڪڙو کليل هو. شمشاد جي مٿي هيٺان رت وهاڻي کي لڳل هو. ۽ نواب جون اکيون بند هيون، ڇڻ ته هو سُتو پيو هو. ڪمري ۾ ٻيو ڪوبه ڪونه هو. هڪ پستول بستري جي پيرانديءَ کان فرش تي پيو هو.“

محمد حسين کان وڌيڪ پڇا ڪرڻ تي معلوم ٿيو ته نواب تمام گهڻو پيئندڙ هو. هن پنجين وڳي خانبوال کانوٺي پيئڻ شروع ڪيو ته رات جو ڏهين وڳي تائين پيئندو رهيو. ڊرائنگ روم کان چار پنج شراب جون خالي بوتلون به مليون ۽ هڪ پريل بوتل سمهڻ واري ڪمري مان لڌي. هن ان ڳالهه جو به اقرار ڪيو ته محمد نواز پيو سندس مالڪ کان گهڻو ناراض هو، ڇو جو هن ٻن ٽن لکن جي جائداد وڪڻي ڇڏي هئي. هن اهو به ٻڌايو ته ڊرائنگ روم ۽ سمهڻ واري ڪمري جي وچ وارو در به بند هو، پر ڪڙو ڪونه ڏنل هو. نواب جي ماءُ ڪيس ٩ تاريخ نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيو

Gul Hayat Institute

هو، ڇو جو هن قتل جو اطلاع هڪدم پوليس کي ڏنو هو. نه ته ان ڏوهه کي لڪائي به سگهجي ها.

گمن بورچيءَ جو به بيان ساڳيو هو:

—”آڌيءَ رات ڌاري مون مالڪ جو آواز ٻڌو ته: ’محمدحسين کي سڏ ڪيو.‘ جڏهن اسان در جي ويجهو پهتاسين ته هڪ پستول جو ٺڪاءُ ٿيو. مون محمد نواز ٻٺي کي تنبوءَ مان سڏ ڪيو ۽ هو هڪدم ٻاهر نڪري آيو. رات جو ڏهين وڳي کان اڳ مان مالڪ جي ٽنگن جي مالش ڪري رهيو هوس. ان وقت به شمشاد مالڪ سان گڏ ساڳئي بستري تي سُتل هئي. ڪمري مان جنهن وقت مان ٻاهر نڪتس ته ڪمري ۾ هڪ هلڪو بلب ٻري رهيو هو ۽ اتي انهن ڪانسواءِ ڪو به ٻيو ڪونه هو.“

دالسنگهه، هڪ نيپالي چوڪيدار به اهڙي قسم بيان ڏنو.

ٻن مقامي طوائفن خيران ۽ ظهران اهو ٻڌايو ته: هنن کي نواب ۸ نومبر جي رات جو گهرايو ۽ ڳاني ٻڌائڻ جي فرمائش ڪئي. شمشاد کي به هن ڳائڻ لاءِ چيو، پر هن انڪار ڪري ڇڏيو. جنهن تي ائين محسوس ٿيو ته نواب ان ڳالهه تي ڪجهه ناراض ٿيو آهي.

طالب حسين، شمشاد جي پاءُ ٻڌايو ته: هنجي ڀيڻ ڏوهاريءَ جي سمهڻ واري ڪمري مان رات جو اٺين ۽ نائين وڳي جي وچ ۾ ٻاهر نڪتي، ۽ هن سان ماني کاڌائين ۽ پوءِ وري واپس اندر هلي وئي. هن وڌيڪ چيو ته ڏوهاريءَ ۱۷۰۰، ۱۸۰۰ رپيا ڏنا هئا، جنهن کانپوءِ هو ٻٺي ملتان هلڻ لاءِ راضي ٿي ويا هئا.

—”منهنجي ڀيڻ ڪڏهن به نواب جي خلاف ڪا ڳالهه مونسان ڪانه ڪئي.“ هن ٻڌايو.

محمد نواز ٻٺي کي جڏهن ٻين گراهڪن جي اڳيان انهن جي بيان تي وڌيڪ ڳالهائڻ لاءِ چيو ويو ته هن ٻڌايو ته:

”اهو صحيح آهي ته مان تنبوءَ ۾ ليٽيل هوس. جنهن وقت محمد حسين اچي مونکي اٿاريو.“

”مون شمشاد بائيءَ کي قتل ڪونه ڪيو آهي.“

Gul Hayat Institute

سبب نہ ٻڌائي سگهيا ۽ نہ ئي وري سندن رويو شمشاد ڏي شڪ وارو هو، جيئن تہ هن تمام گهڻي دولت ڏئي هنکي راضي ڪيو هو. اها بہ ڳالهہ ظاهر هئي تہ هو اڃا بہ هُنکي وڌيڪ دولت ڏيڻ جو خيال رکي پيو، پوءِ هُو شمشاد جو دشمن ڪيئن ٿيو؟ آخر چئني وڪيلن، جيڪي ڪيس ٻُڌڻ لاءِ موجود هئا، تن فيصلو ڏنو تہ: نواب تي ڏوهہ ڪنهن بہ حالت ۾ ثابت نہ ٿيو آهي، انڪري ڪيس آزاد ڪيو وڃي.

سيشن جج، بهرحال، ان راءِ سان اختلاف ڪندي چيو تہ: ڏوهاريءَ جي پاسي وارن ٻيو ڪجهہ نہ تہ بہ ڏوهہ کي لڪائڻ کان ناڪام رهيا آهن ۽ اهو سڌو سنئون قتل آهي، جيڪو سيڪشن ٣٠٠ (انڊين پينل ڪوڊ) ۾ اچي ٿو. جج پنهنجي راءِ ڏيندي چئن خاص ڳالهين جو ذڪر ڪيو، جيڪي ڪنهن حد تائين مناسب لڳن ٿيون.

(١) ڏوهاريءَ خون هاسيڪار ڪيو آهي.

(٢) ڪو ٻيو ماڻهو ٻاهرين ڪمري ۾ آيو آهي ۽ هن فائر ڪري قتل ڪيو، پوءِ ان جو مقصد يا تہ نواب کي مارڻ هو يا شمشاد کي.

(٣) شمشاد خودڪشي ڪئي.

(٤) نواب کان اتفاق سان حادثي ۾ شمشاد جو قتل ٿيو.

”هائي ٽين ۽ چوٿين ڳالهہ کي ذهن ۾ رکندي هيٺيان خيال ذهن ۾ پيدا ٿين ٿا.“ جج چيو.

”شمشاد جي خودڪشي ڪرڻ جو ڪوبہ سبب نظر نٿو اچي. شاهدن موجب هن سترهن سؤ رپيا اڳ، ئي نواب کان ورتا هئا ۽ جيئن تہ هُن وٽ پنجويهہ هزار رپيا شمشاد کي ڏيڻ لاءِ ڪيسي ۾ موجود هئا تہ خودڪشي ڪرڻ ناممڪن ٿو لڳي. پر جيڪڏهن هُن خودڪشي ڪئي بہ هئي، ڪن نامعلوم سببن جي ڪري، تہ يا پستول هنڌ تي هجي ها، يا وري سندس هٿ ۾. ۽ ٻيو تہ گوليءَ واري جاءِ تي بارود جو نشان ضرور هجي ها.

”اِها ڳالهہ نظر ۾ رکندي تہ اهو هڪ اتفاقيہ حادثو هو،

جيڪو ننڍ ۾ يا ٻي خياليءَ ۾ ڏوهاريءَ کان ٿي ويو، جنهن وقت هُو پستول سان کيڏي رهيو هجي، ته ان ڳالهه جو اطلاع هو هڪدم ڏئي ها. ان کانسواءِ هڪ گوليءَ جي بجاءِ ٻن گولين جو هلڻ، اتفاقيه حادثي جي ترديد ڪري ٿو. اهو ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ٿو ته اتفاق سان هڪ نه پر ٻه گوليون هلن ۽ پيو ته ٻي خوابيءَ جي حالت ۾ به ڏوهاريءَ جي هٿن جي پڪڙ ويبلي اسڪاٽ جهڙي ڳوري پستول تي اثرانداز ٿئي.

انهن سڀني ڳالهين تي غور سان بحث ڪندي ۽ انجا ممڪن ۽ ناممڪن امڪان ڳوليندي ڪورٽ هن نتيجي تي پهتي ته:

”هاڻي ٻه ڳالهيون باقي ممڪن ٿي سگهن ٿيون، جنهن مان اها ڳالهه ظاهر ٿي بيهي ٿي ته، ڇا نواب ڪانسواءِ ڪو ٻيو به گولي هلائي سگهي ٿو، ان وقت جيئن ته ڪمري ڏي وڃڻ جو فقط غسلخاني مان رستو هو انڪري .... ۽ پيو ته پستول جو ٻيو نڪاءُ ان وقت ٻڌڻ ۾ آيو، جڏهن سڀ نوڪر پنهنجي مالڪ جي ڪمري ڏانهن وڃي رهيا ته .... جيڪڏهن قاتل غسلخاني مان نڪتو هوندو ته نوڪرن جي هُنجي مٿان نظر ضرور پوي ها. حالانڪ انهن سڀني نوڪرن ڪنهنکي به غسلخاني مان نڪرندو ڪونه ڏٺو، ان هوندي به هو سڀ ان ڳالهه تي اچي اتفاق ٿا ڪن ته سندن مالڪ ٻي ڏوهي هو. جيڪڏهن ڪو ٻاهر به ڪين نظر اچي ها ته هڪدم قتل جو لڪل راز ظاهر ٿي پوي ها.“

ان ڪانپوءِ ڪورٽ وري انهن امڪانن تي به غور ڪيو ته ڇا سمهڻ واري ڪمري جو ڪنهن ٻاهرين ڪوارٽر سان در ته نه مليل آهي. جواب ’نه‘ ۾ آيو، ڇو جو ڊرائينگ روم ۽ سمهڻ واري ڪمري جي سڀني درن کي اندران ڪڙا هئا. جيڪي بند ٿي سگهن پيا.

ان ڳالهه تي جاچ ڪندي ته ڇا شمشاد کي محمد نواز ٻئي يا سندس ڪنهن پاڙي تي آندل ماڻهوءَ ته نه قتل ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ وڌيڪ ثابتيون محمد نواز ٻئي جي لاءِ نهڪي رهيون هيون، نه ڪي ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ ڏي، ڇو جو جهنگ جو پروگرام اوچتو ٿيو هو ۽ ڪنهن ٻئي کي انجي ڪابه خبر ڪونه هئي.

آخرڪار ڪورٽ ان نتيجي تي پهتي ته محمد نواز بئي قتل ڪونه ڪيو آهي، ڇو جو اهو ڪم هو سواءِ ڪنهن گهر جي نوڪر ڪي ملائڻ جي، نه ٻئي ڪري سگهيو.

ڏوهاريءَ جي شمشاد بيگم سان سمهڻ جي لاءِ ڪورٽ هي نتيجو ڪڍيو ته:

”ان ڳالهه کي 'حيرت واري' ته ڇا پر انڪان به گهڻو وڌيڪ چئجي ته ڏوهاريءَ جو رويو شمشاد جي مرڻ ڪانپوءِ عجيب هو. هو ٨ يا ٩ ڪلاڪ مئل عورت سان سمل هو. محمد حسين جي بيان جي سچائي ان مان ثابت ٿئي ٿي، جو جڏهن لالا منوهر لال اتي آيو ته به ڏوهاري ڪنهن قسم جي شڪايت نه ڪئي، فقط اهو چيائين ته: هوءَ مري وئي آهي.

”جيئن واقعا گذرندا ويا آهن، تيئن جيڪڏهن انهن کي ڏٺو وڃي ته ثابتي نه هجڻ ڪانپوءِ به ڪجهه ڳالهيون ظاهر ٿين ٿيون. ائين لڳي ٿو ڇڻ ته ڪجهه ڳالهين جي ڪري نواب تمام ڪاوڙجي ويو ۽ رات جو نوڪرن کي سڏ ڪيائين، پوءِ ڪنهن سبب جي ڪري پستول ڪڍي انڪي ماري ڇڏيائين، ان ڳالهه جي ڄاڻڻ ڪانسواءِ ته هو ڇا ڪري رهيو آهي. اهڙي قسم جي نشي جي حالت به هنجي پنهنجي پيدا ڪيل هئي، جنهنجو ڪو به ذميوار ڪونه هو، تنهنڪري مان پاڻيان ٿو ته نواب واقعي ڏوهاري آهي.“

ڏوهاريءَ کي موت جي سزا ڪونه ڏني وئي، باقي عمر قيد جي سزا هن لاءِ منظور ڪئي وئي. هنجي شاهاڻي حيثيت کي ذهن ۾ رکندي ڪيس جيل ۾ اي ڪلاس ڏنو ويو.

محمد نواز خان کي جيل جي بجاءِ اسپتال موڪليو ويو، ڇو جو جسماني طرح هو تمام ڪمزور هو. هو ڪجهه ڏينهن مريض ٿي رهيو.

آخر ٦- جون ١٩٤٢ع تي ڪيس جو آخري فيصلو ڏنو ويو. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ انجي خلاف هائي ڪورٽ ۾ به درخواست ڏني وئي، پر ٧- جولاءِ تي، هڪ مهيني ڪانپوءِ انساني قانون ڪان

ٻچي وُڃڻ وارو شخص، قدرت جي سخت قانوني پڪڙ کان نه ٻچي سگهيو ۽ سيو اسپتال ۾ گذاري ويو. اِها فقط هڪ رات هئي، جڏهن چيف جسٽس سر ڊگلس ينگ ڪشمير کان پنهنجون موڪلون پوريون ڪري موٽيو ته جيئن هنجو ڪيس هلائي.

اسان فقط هينئر هائي ڪورٽ جي فيصلي جو اندازو ڏيئي لڳائي سگهون ٿا. ڇا محمد نواز ڏوهاري ثابت ٿئي ها يا وري ڪيس معافي ڏني وڃي ها.

هي ڳالهيون پڙهندي اسان اهو محسوس ڪيون ٿا ته منوهر لال ان ڳالهه تي حقيقي روشني وجهي سگهي ها ته ڏوهاري شمشاد سان نَو ڪلاڪ ڇو سٽل رهيو، ڇو جو هو واردات واري جاءِ جو جو پهريون شاهد هو. ڇا ان ڳالهه تي زور ڏجي ته واقعي نواب، منوهرلال جي چوڻ تي ايڏو وقت شمشاد سان سٽل رهيو ته جيئن هو پوليس کي وٺي اچي ۽ هنکي ان وقت ڏيئي ڏوهاري ثابت ڪري. اهو به ممڪن ٿي سگهي ٿو ته منوهرلال کي خود نواب اهو پروگرام ناهي ڏنو هجي ۽ دفاع ۾ ڪي ڳالهيون ٻڌايون هجن، جيڪي پوريون نه ٿيڻ سبب نواب اهو ظاهر ڪيو ته هن تي بيهوشي طاري ٿي وئي، جيئن هنجو نالو ظاهر ۾ نه اچي. محمد نواز جي بيان انکي بچائڻ جي بجاءِ اُلٽو اهڙيون ڳالهيون پيدا ڪري ڇڏيون، جنهن ۾ هو پاڻ ڦاسي پيو. هن پنهنجي بجاءِ محمد نواز ٻئي کي ڦاسائڻ چاهيو، پر شاهدين به سندس سات ڪونه ڏنو.

جيئن ته حالتون نظر ٿيون اچن، اها ڳالهه آخر تائين ظاهر نه ٿي سگهي، ته آخر ان بدقسمت ٨- نومبر جي رات، ان وڏي حويليءَ واري بنگلي ۾ ٿيو ڇا هو؟

هاڻي شمشاد بائي هن دنيا ۾ ڪونه آهي، جو ڪو به بيان ڏئي سگهي. ڪيس جي سڄي ڳالهه سندس نوڪرن جي بيانن تي هلي ٿي.

سيشن جج اهو اندازو ڪيو ته ڪا اهڙي ڳالهه انهن جي وچ ۾ ٿي، جنهنجي يادداشت هو حادثي ڪانپوءِ وساري ويٺو ۽ ڪجهه به،

ڪورٽ ۾، ان متعلق ٻڌائي نه سگهيو. ڇا ڪا اهڙي ڳالهه هئي، جيڪا هن ظاهر ڪرڻ نه پئي چاهي. اها ڳالهه يقين سان تڏهن چئي سگهجي ته هو سڀ ڪجهه ڪورٽ ۾ اچڻ ڪانپوءِ وساري ويٺو.

نواب محمد نواز خان جي مرڻ جي ڪافي عرصي ڪانپوءِ سندس هڪ دوست، ليڪ ڪي هڪ عجيب بيان ڏنو. جيڪو نواب جي دوست جي چوڻ مطابق سندس ئي بيان هو.

—"شمشاد تمام سهڻي هئي، حد کان وڌيڪ. هنجي طبيعت ڏاڍي شوخ هئي ۽ جنسي ڪشش تمام گهڻي هيس. جڏهن ٻئي ڄڻا، واردات واري رات اڪيلا هئا ته شمشاد هنکي چيڙائڻ لڳي ۽ مٿس کلڻ لڳي. هو شراب ۾ ٻڏو پيو هو. هن چاهيو پئي ته شمشاد سان پيار ڪري، پر اهو سندس خراب صحت جي ڪري ممڪن نه هو. شمشاد هنکي اڃا به چيڙائڻ لڳي. محمد نواز پهرين ته ناراضگيءَ جو اظهار ڪيو پر پوءِ سخت ڪاوڙجي ويو. شمشاد کيس بستري تان ڌڪو ڏنو، ۽ هو هيٺ ڪري پيو. هن ڪاوڙ ۾ هڪدم پنهنجو پستول ڪڍيو، ۽ هنکي گولي هنيائين. هاڻي شمشاد هن تي پيهر کلي نه سگهي.

پستول جو پيو ٺڪاءُ صرف نوڪرن کي ٻڌائڻ لاءِ هو ته مالڪ کي سندن ضرورت آهي."

سڀ جيڪي شمشاد کي سڃاڻندا هئا، هنن ان ڳالهه جو اقرار ڪيو ته هوءَ واقعي خوبصورت هئي. هاڻي ڪڏهن به هڪ ڪمزور انسان تي هوءَ کلي نه سگهندي.

Gul Hayat Institute

سنڌي ادب جي مختصر تاريخ

# پرک

قاضي خادم

پڙهندڙن جا خط

# تنقيد ۽ رايا

Gul Hayat Institute

پڙهندڙن وٽان

## قاضي خادم

# پرک — ۱

اهو اديب جيڪو تنقيد نٿو سهي سگهي، اهو
زنده نه رهي سگهندو ۽ نه ئي اڳيان وڌي
سگهندو. تنقيد ڪندڙ جو مرتبو تمام گهڻو بلند
آهي، جيڪر هو ايمانداريءَ سان تنقيد ڪري.

**سنڌي ادب جي مختصر تاريخ** ليکڪ: عبدالجبار جوڻيجو، سائيز: ڊيماءِ، قيمت ڏهه رپيا، پڪو جلد: پندرنهن رپيا، ڪاغذ: اڇو، صفحا: ۲۸۶، شايع ٿيڻ جو سال: ۱۹۷۳ ڇپائيندڙ: سرهه ڪتاب، صدر حيدرآباد، سنڌ.

سنڌي ادب جي مختصر تاريخ جناب عبدالجبار جوڻيجي جي لکيل آهي، جنهنجو نالو سنڌي ادب ۾ تعارف جو محتاج ڪونهي. جبار صاحب افسانه نويس، شاعر ۽ مقاله نگار آهي. سندس هن ڪتاب لکڻ جو خاص مقصد اهو آهي ته سنڌي ادب جي تاريخ جي ان سلسلي کي قائم رکيو وڃي، جيڪو خانبهادر محمدصديق ميمڻ جي لکيل سنڌي ادبي تاريخ کان پوءِ منقطع ٿي ويو. حالانڪه هندوستان ۾، بعد ۾. ڪافي ادبي تاريخون ڇپجي ظاهر ٿيون آهن. پاڪستان ۾ به ڊاڪٽر غلامعلي الانا جي سنڌي نثر جي تاريخ، مرحوم لطف‌الله بدويءَ جو تذڪره لطفي، پير حسام الدين راشديءَ جو لکيل ”اردو ڪتابڙو“ سنڌي ادب ۽ ان طرح جا پيا ڇڙوڇڙ ڪتاب لکيا ويا، ليڪن هڪ مڪمل ادبي تاريخ جي کوٽ هميشه وانگر قائم رهي.

دنيا جي ٻين ملڪن جي اديبن عالمن طرفان ڪڏهن به اهڙي بي حسيءَ جو اظهار نه ڪيو ويو آهي، جيترو سنڌ جي اديبن، عالمن ۽ علمي توڙي ادبي انجمنن طرفان ڪيو پيو وڃي. دنيا جي سمورين سڌريل ٻولين جون مڪمل ادبي تاريخون موجود آهن. اهي تاريخون وقت بوقت لکجنديون رهنديون آهن. هر تاريخ ۾ نئين سال سان نوان اضافا آندا ويندا آهن. تاريخن لکڻ لاءِ وڏيون ڪانفرنسون،

ٻاراڻيءَ واري جو ذڪر ڪيل آهي.

سنڌي ادب جي ٻئي دور ۾ سنڌي عروضي شاعري، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست، سامي، شاهه عنايت رضوي، عبدالرحيم گروهڙي ۽ ٻين اهم شاعرن جو ذڪر ڪيل آهي.

سنڌي ادب جي ٽئين دور ڪي هن انگريزي حڪومت واري ادب ڪان ويندي ورها ڱي ڪان پوءِ، موجوده دور جي ادب تائين پکيڙيو ويو آهي - دراصل هيءُ ئي هڪ اهم باب آهي. ڇو جو هن کان اڳ وارن دورن جو ادبي مواد اڳ ۾ ٻين تاريخن ۾، ڪيترائي دفعا پيش ڪيو ويو آهي.

هن باب ۾ نثري ادب ۽ شعر ۽ شاعريءَ کي الڳ الڳ ڪري پيش ڪيو ويو آهي. نثري ادب ۾ اوائلي عالم جهڙوڪ ديوان ننديرام، ميران محمدشاهه اول، ديوان ڪوڙو مل، آخوند عبدالرحيم وفا عباسي ۽ مرزا قليچ بيگ وغيره پيش ڪيا ويا آهن. هنن جي لکڻين جو پڻ ذڪر ڪيو ويو آهي. بعد ۾ ويهين صديءَ جي نثر نگارن ڄيٺمل، ڀيرومل لالچند، جهامنداس ڀانير، نارائڻ داس ملڪاڻي، احمدخان ابڙو ۽ مخدوم محمدصالح وغيره جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

تنهن ڪانپوءِ ناول نگاري، ناٽڪ نويسي ۽ افسانه نگاريءَ جي باري ۾ معلومات ڏنل آهي. انهن صنفن جي لکندڙن جو به ذڪر ڪيل آهي ۽ صنفن جو تعارف به ڪرايل آهي.

شعر ۽ شاعريءَ واري حصي کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي. (١) عروضي شاعري (ii) غيرعروضي شاعري. انهن ٻنهي طريقن جي شاعرن جو به مختصر تعارف ڪرايو ويوآهي ۽ انهن جي شعر جو به ذڪر ڪيل آهي. جديد شاعرن مان شيخ اياز، تنوير عباسي، نارائڻ شام، بردو سنڌي، شمشيرالحيدري، نياز همايوني ۽ امدادحسيني جو تفصيلي ذڪر ڪيل آهي.

آخر ۾ موجوده وقت جا ڪي محقق ۽ مقاله نگار جي عنوان سان سنڌيءَ جي چند مکيه اديبن جو ذڪر ڪيو ويو آهي

علي بابا يا محمدعثمان ڏيپلائيءَ لاءِ ڪيل هجي ها ته وري به ڪجهه وزندار محسوس ٿئي ها ـ ٻئي هنڌ وري امر جليل لاءِ شمشيرالحيدريءَ جو هڪ رمارڪ ڏنو اٿن، جيڪو تاريخ جي لهجي توڙي معيار کان گهٽ آهي. وري افسانه نگارن جو ذڪر ڪندي مشتاق شوري جي باري ۾ چوي ٿو ته: جيڪڏهن هنجي همت شڪني نه ڪئي وڃي ته مستقبل ۾ سٺو افسانه نگار ثابت ٿيندو ـ هيءَ به تاريخ نويسي جي دائري کان ٻاهر ڳالهه نڪري وئي. ٻئي طرف ڊرامه نگاريءَ جي ذڪر ۾ چنا شبيرناز جهڙي شخص کي وساري ويو آهي، جنهن جي ڪتابن جو ذڪر ڏيڻ ضروري هو ـ هن مان تاريخ جي Objective انداز تي وڏو اثر پوي ٿو ـ جنهنجو تعارف ڪرائيندي جيڪي وصفون بيان ڪيون آهن، تن مان به ڪافي مونجهارو پيدا ٿو ٿئي.

فاضل مورخ مقاله نگارن جو ذڪر ڪندي پنهنجي ذاتي پسند جو ڏاڍو خيال رکيو آهي. هن پروفيسر علي نواز جتوئي، پروفيسر مڪرم خان، پروفيسر حبيب الله مرزا، جناب رسول بخش پليجي، جناب شمس الدين عرسانيءَ جهڙن مقاله نگارن ۽ نقادن جو ذڪر نه ڪري، وڏي ناانصافي ڪئي آهي.

انڪانسواءِ ڪيترن ئي جديد اديبن ۽ سندن لکڻين جو ذڪر بلڪل ڪونه ڪيو ويو آهي. ڪيترين اهڙين صنفن جو ذڪر ڪونه ڪيو ويو آهي، جيڪي جديد ادب جي جان آهن. مثال طور: سفرنامن جو ڪو ذڪر ڪونهي، جڏهن ته پروفيسر الحاج سيد غلام مصطفيٰ شاهه جو سير ۽ سفر، قاضي عبدالمجيد عابد جو سفر يورپ جي ڊائري، الطاف شيخ جا سفر نامہ ۽ ٻيا ڪئين سفرناما آهن، جيڪي اسانجي ادب جو سرمايو آهن.

آتم ڪهاڻين ۽ سوانح نگارن کي به بلڪل نظرانداز ڪيو ويو آهي. جڏهن ته مرزا قليچ بيگ جي آتم ڪهاڻي 'سائو پن يا ڪارو پنو' پيرعلي محمد راشديءَ جو 'اهي ڏينهن اهي شينهن' جناب جي ايم سيد جو 'جنب گذاريم جن سين' ۽ مرحوم محمدخان مجنون

پنهنجي ذاتي پسند يا ناپسند کي تاريخي حقيقتن تي حاوي ٿيڻ نہ ڏيندو ۽ ٻيو تہ جديد ادب جو ذڪر ڪرڻ مهل سموري جديد ادب ۽ اديبن جو، بنا ڪنهن پاسخاطريءَ جي ذڪر ڪندو.

هن تاريخ جي آخر ۾ ٢٨ صفحن جي ڏسٽي Index ڏني وئي آهي. جيڪا سنڌي ڪتابن ۾ پهريون دفعو ڏسڻ ۾ آئي آهي. اها هڪ شاندار ڪوشش آهي، جيڪا پڙهندڙ کي ڏاڍو فائدو رسائيندي

---


پنهنجي نيڪ تمنائن سان
اوهانجي خوشين ۾ شريڪ

# دي ٽائيم فوٽوز

(حيدرآباد ۾ سنڌين جو هڪڙو ئي دڪان)

جي - ايم - سيد، شيخ اياز، آمر جليل ۽ ٻين اديبن جون تصويرون بہ اوهين اسانکان حاصل ڪري سگهو ٿا.

- ڊيولوپنگ
- انلارجنگ
- فوٽو پرنٽنگ
- ۽ رنگين تصويرون

## دي ٽائيم فوٽوز

هيرآباد، پوسٽ آفيس
حيدرآباد

Gul Hayat Institute

# تنقيد ۽ رايا

مان اوهانجي هن حق لاءِ سدائين وڙهندس،
ته اوهين مون سان اختلاف راءِ ڪري سگهو.
— والٽيئر

■ ماهوار 'سهڻي' جو نئون پرچو پڙهيم. ڪهاڻين جو حصو لاجواب هو. 'ناصر' گهڻي وقت کانپوءِ وري لکڻ شروع ڪيو آهي، جيڪا خوشيءَ جي ڳالهه آهي. سندس ڪهاڻي اسان سنڌين کي ٿڌي دماغ سان سوچڻ تي مجبور ڪري ٿي ته ڪيئن نه اسانجي ورهين جي جهوني ثقافت کي ختم ڪرڻ جون ڪوششون زور ۽ شور سان جاري آهن. جي ائين ئي مٿي تي هٿ رکي ان وقت جو انتظار ڪنداسين ته حڪومت اسانجي آهي، وزير اسانجا آهن باقي ڊپ ڇا جو؟ ته پوءِ سائين منهنجا هينئر کان ئي تيلن جا دٻا وٺي پنهنجي جسم کي موچڙن سهڻ لاءِ تيار ڪريو. ■ الطاف شيخ جو سفرنامو سنڌي ڪتابن جي ڪڍندڙن ۽ سنڌي فلمن جي ناهيندڙن لاءِ روشنيءَ مثل آهي، جنهن مان ڪين پورو، پورو فائدو وٺڻ گهرجي. انلاءِ ضروري آهي ته سنڌي فلمن وارا پنهنجي هڪ گڏيل جماعت ناهين ۽ پوءِ پنهنجا مطالبا ۽ تڪليفون حڪومت آڏو آڻين ۽ ڪيس مڃڻ لاءِ مجبور ڪن. نه ته سنڌن فلمون حيدرآباد، لاڙڪاڻي ۽ سکر کانسواءِ ٻئي هنڌ هلي نه سگهنديون. انجو سبب به فقط اهو ئي آهي، جو منجهن ڪا اهڙي جماعت نه آهي، جيڪا سڄي سنڌ اندر، سنڌي فلمن کي نمائش لاءِ پيش ڪرڻ ۾ سنڌن ٻانهن ٻيلي ٿي بيهي. ان کانسواءِ بنگالي ڪهاڻي جو سنڌي ترجمو ۽ انور جو مضمون به ڪتاب جي جان آهن. حاصل مطلب، هي پرچو تمام سٺو آهي. پر ڏک جهڙي ڳالهه آهي ته ڪتابن جي ايڊيٽرن جي ڏاڙهي - پٽ کانپوءِ هاڻي وري اديبن جي هڪ ٻئي سان ڪونس شروع ٿي ويئي آهي. سنڌيءَ جي عظيم ۽ مان واري ڪهاڻيڪار 'امر جليل' جي

Gul Hayat Institute

■ سچ ۾، اوهانجي هر پرچي ۾ حق ۽ سچ جو پڙاڏو لڪل هوندو آهي. اوهانجي ورقن تي انقلاب جي ڪوٽ چٽيل هوندي آهي. اوهان ڪنهن تان به نه ٽرندا آهيو پوءِ پيل آهو ذوالفقار پٽو هجي يا ممتاز، مودودي هجي يا اصغر. پر هيئنر چند مهينن ۾ اوهانجي ادارين ۾ ڪجهه تبديلي محسوس ڪري رهيو آهيان، پوءِ اهو منهنجو وهم آهي يا، سودا، البت اوهانجي پاليسن ڦيرو ضرور کاڌو آهي. محترم، انهي اوهانجو ڪوبه ڏوهه ڪونهي البت اڄڪلهه جي هوا ئي اهڙي آهي، ڀلا سنڌ ويچاري جو ساٿ ڏي به ڪير؟ سنڌ ويچاري غريب نه ڪانهي، پر هيڻي ضرور آهي، انڪري هر ڪو پنهنجو پرايو انکي ڌمڪايو ڦريو وڃي ۽ سنڌ ويچاري پنهنجن ٻچن لاءِ هميشه مسڪين ٿيو پوي. سنڌ ڪهڙن به قوم پرست کي ڪجهه نوازيو ڪونهي، انڪري هرڪو جان ڇڏايو ڀڄيو گهر پيڙو ٿئي. ڀلا ان ڪئونس ۾ ڪير هٿ وجهندو، جنهنجو نتيجو جيل يا ٻڪ هجي؟ گستاخي معاف، پر ايترو ضرور چوندس ته هي نازڪ وقت ته پاليسي مضبوط ڪرڻ جو آهي، هن وقت جيڪو ظلم ۽ ڏاڍ سنڌ سهي رهي آهي، ان تي لکڻ ۽ آواز اٿارڻ لاءِ ته اوهانکي متحد ٿي وڃڻ گهرجي.

■ عزيز طارق شايد اِهو سيڪجهه وهم هجي جيڪو مون دل ۾ سانڍيو آهي ۽ پني تي اوتيو اٿم، ۽ خدا ڪري اهو منهنجو وهم ئي هجي ۽ اوهان ساڳيا طارق ٿي ڪم ڪندا رهو. اگر لطيف هئينر جيئرو هجي ها ته هن وقت جي ٿيندڙ ظلمن تي نه ڄاڻ ڪيترا رسالا لکي ويهي ها. پر پين ڪيترن عظيم مدبرن وانگي، اوهانجي پاليسي به تبديل پئي ٿئي. مهرباني فرمائي مونکي به اکر لکي مطمئن ڪجئو، جيئن وهم ۽ وسوسا دور ٿين.

— اختر ٻچاڻي، ٽنڊو الهيار

Gul Hayat Institute

JANUARY 1974 MONTHLY **SOHNI** HYDERABAD ,VOL-5 ,NO.1
PHONE- 26195 Reg.NO.S-2860



Gul Hayat Institute

نئون ھڪ نظامِ معيشت
بنائڻ ۾ شامل

نئيشنل بئنڪ آف پاڪستان